
سوجهرو
سينگاريندڙ:
ايڇ.ٽي.ليمبرڪ
ڊاڪٽر غلام علي الانا
شيام ڪمار
ج.ع.منگهاڻي
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
ڊاڪٽر غفور ميمڻ
پروفيسر امر لغاري
شاهد نقوي
ڊاڪٽر مرلي ڌر
پير عبيد راشدي
شوڪت لوهار
حيسب ڪانهيو
رئوف ڪوسو
ديوي ناگراڻي
نند جويري
ذوالفقار گاڏهي
رضا لانگاهه
منظور ڪلهوڙو
منصور ٻرڙو
ساٿي محبوب زنگيجو
جمن احمداڻي
نسرين الطاف
حسين جاگيراڻي
امر ساحل
ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ ٻيا
170

سال:15. شمارو:170. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانې قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

## ٽچ مي پليز...

جدت نہ ادبي تحريڪ آهي ۽ نہ نئي لاڙو. نواڻ محض هڪ رويي جو نالو آهي. جيڪو سماج جي مدي خارج رسمن ۽ رواجن کان جند ڇڏائڻ تي زور ڏي ٿو.

قلمڪار جو لاڳاپو، ڪلاسيڪيت سان هجي. رومانيت يا جدت ۽ جديديت پچاڻان سان، اهو معاشري جي ڏپ ڪري ويل رواجن کان بيزاري ڏيکاري ٿو ۽ ادبي ٽئبوز کي پسند نٿو ڪري.

اهڙي رويي پويان نہ تہ ڪو فلسفو آهي ۽ نہ ئي ڪو فڪر. بهرحال ان ڏس ۾، جديد قلمڪارن جو نقطئہ نظر آهي تہ اهڙو رويو، هڪ تسلسل ۾ سماجي ناهمواري جي ڪري، ترقي پسندي، ترقي پسندي راند ڪيڏندڙن پاران اڏايل ڌوڙ جي انت لاءِ وجود ۾ آيو. انهيءَ رويي جي ڪري ترقي پسندي واري نظريي هيٺ تخليق ٿيندڙ ادب ۾ نئون ساهہ پيو ۽ آبجيڪٽو ريئلٽيز جي هڪ پاسائين ۽ 'نعريباز ادراڪ' کي نئين واٽ ملي، جنهن کي 'جمالياتي نواڻ' چئي سگهجي ٿو. اصل ۾ نواڻ ترقي پسنديءَ جي ئي شاخ آهي. جيڪا لتاڙيل گسن تان، ليڪ کي شانائتي انداز سان اڪاري پار ڪري ٿي.

جڏهن تہ جديديت بہ ادبي اصطلاح آهي نہ لاڙو ۽ نہ ئي تحريڪ. پر هڪ حاوي فڪر جي حوالي سان مختلف ثقافتي ۽ علمي منطقن ۾ نظر اچي ٿي.

جديديت جا ٽي دائرا، جهڙوڪ ماڊرنٽي، ماڊرنائيزيشن ۽ ماڊرن ازم آهن. جيڪي ڌار ڌار منطقن، معنائن ۽ اصطلاحن ۾ ڦرندا رهن ٿا.

ماڊرنٽي، فلسفي، سياست ۽ ايٿيڪل تصورات جي حوالي سان ماڊرن ازم جي جمالياتي پاسن لاءِ بنياد مهيا ڪري ٿي.

ماڊرن ازم، ترقي پسند اقتصاديات، انتظامي عقليت پسندي ۽ سوشل ورلڊ جي فرق يا ڌار ڌار صف بنديءَ جو شعور بخشي ٿي. جڏهن تہ ماڊرنائيزيشن جو لاڳاپو، صنعتي سماج سان آهي جيڪا رونما ٿيندڙ، معاشرتي تبديلين سان گفتگو ڪري ٿي.

ٻي پاسي تخليقي عمل بابت فڪري مغالطو آهي تہ ان جو الهام يا انٽيوشن سان تعلق آهي جيڪو درست ناهي. تخليقي عمل جو لاڳاپو بهتر فڪري ۽ معاشرتي انوائرمينٽ سان آهي.

جڏهن تہ قمڪار جو تخليقي ۽ جمالياتي سپاءُ، هڪ تسلسل ۾ جمهوري، همہ گير سياسي ۽ اخلاقي فريم ورڪ مان سگهہ حاصل ڪري ٿو.

تاج بلوچ

## سنڌي ٻولي قومي ٻولي

## وچور

**مئي ڊي:**
سون- سريڪا هٿ... شوڪت لوهار
**مانجو ڪوهستان:**
رُهيل بڪڪ (پوراڻي) ج.ع.منگهاڻي
**نقطئہ نظر:**
شيخ اياز- منفرد قلمڪار ڊاڪٽر الانا
بي معنويت ۽ زندگي... ڊاڪٽر غفور ميمڻ
ڪلهوڙا دؤر... رضا لانگاهہ
سنڌ جو نئون جنم- تعليم شوڪت لوهار
**سنڌ پيهر ڳَر موڙيا:**
حُر گوريلا جنگ (باب ٽيون)... سائين رکيو
**سچي ڪهاڻي:**
معجزي جو انتظار... ڊاڪٽر مرلي ڌر
**آتم ڪٿا:**
پاتم جهاتي جهان ۾... (26) شيام ڪمار
**ڪهاڻي:**
پتڪڙيون ڪهاڻيون... شيام ڪمار
ڪرفيو ۽ اڏامندڙ ڪاغذ... ڊاڪٽر رسول ميمڻ
وڻ- ويڙهي... پروفيسر امر لغاري
احساس جي پاڇاري... پير عبيد راشدي
پيچرو... حيسب ڪانهيو
ڄاڻ جو عذاب... رئوف ڪوسو
نيروبان... منظور ڪلهوڙو
ڪانگن جي وستي... شاهد نقوي
محبت پاسي بيٺل شخص... منصور ٻرڙو
**نون ڪتابن تي تبصرو:**
روشنيءَ تي وئي... ڊاڪٽر شير مهراڻي
**ٽرويني‍ون/نثري نظم ۽ وائي:**
نند جويري، جمن احمداڻي، ذوالفقار گاڏهي، رحمت سومرو ۽ ساٿي محبوب زنگيجو.
**غزل:**
ج.ع.منگهاڻي، حسين جاگيراڻي، مصطفيٰ انڙ، ساٿي محبوب، امر ساحل، ولي ٽگڙ، نسرين الطاف، نماڻو صديق مهيسر، اداسي جکراڻي، حنيف عاطر، مختيار سهتو، رضا بخاري، ديوي ناگراڻي ۽ ٻيا.
**جي مارن مونڊي موڪليا:**
ارباب چانديو رضا لانگاهہ، عزيز گل، سليم نور حسين، شبانہ سنڌي ۽ سچل پٽي.

OFF: 021_37705502
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com
sojhromonthly@gmail.com

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

**خريداريءَ جا اگهہ:**
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

**آفيس ايڊريس:**
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.
فون: 021_34019264_5

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.



ج.ع.منگهاٽي

مالدار، سخي ۽ مهربان ڪردار

# ڪوهستان جو طاقتور انسان

## رُهيل بڪڪ (پوراٽي)

ڏيڍ پوٽا ٻہ صديون اڳ ڪوهستان واري رَوهہ ملڪ جو، ’روهيلو‘ رُهيل بڪڪ پنهنجي راڄ ۽ پاڳ پٽن پوٽن سان گڏ جبل جي شينهن علائقي ۾ رهندو هو.

ساڍن ڇهن فٽن جو قد رکندڙ اڇي ڳاڙهي رنگت وارو ڏاڏو رُهيل بڪڪ (منهنجي ترِ ڏاڏي رکئي جو وڏو ياءُ هو) هاٺي ڪاٺي منهن مهانڊي ۾ يوناني ۽ رومي بادشاهن سان مشابهت رکندڙ هو.

سندس لباس جي باري ۾ سندس پوٽو عمر بڪڪ (جنهن جي ڄمار ٻہ سؤ سالن کان مٿي آهي.) چوي ٿو، ”هو رڍن جي اُنَ ۽ ٻڪرين جي ڏاس مان ٺهيل لباس پائيندو هو.“

جيڪو هو پاڻ ئي رڍون ٻڪريون لُٽي، ڪَتي، تاجي، اُٽي ۽ سِبي پائيندو هو.

چون ٿا تہ اهو اوني ڊگهو چوغي جهڙو لباس پائي هو بلڪل رومي ۽ يوناني نسل جو لڳندو هو.

وڏو مالدار هو. ۽ وٽس هزارن جي تعداد ۾ ڏڻ، ڪيرا ڳ ۽ وڳ هئا (رڍن، ٻڪرين ۽ اٺن جا ميڙ)

هو پنهنجي مال سان پاڻ ئي ڊراڙن سان گڏ ويندو هو. اهوئي سندس شوق ۽ اهائي سندس مصروفيت هئي.

مال ۾ ساھ هوندو هوس ۽ مال جي سک لاءِ جتي ڪٿي وانڍو ٿي وڃي رهندو هو.

هڪ ڀيري مال سان گڏ پنهنجي علائقي کان ٻاهر وانڍو تي ويل هو. ڪوهستان مڙيئي ڪوهستان، ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نہ هئي. وڏو جهنگ هو جتي گاھ پاٽي هو. مال چاريندي اچي هڪ هنڌ پاٽي جي تلاءَ تي پهتو. مال کي پاٽي پيئڻ لاءِ ڇڏي پاڻ پنهنجي ڪلهي تان لسيءَ جي ڳلي لاهي پيئڻ لڳو. اوچتو گهوڙي جي هٽڪ ٻڌائين. ۽ ڇرڪي اٿي بيٺو.

ڏسي تہ هڪ ٺهيو ٺڪيو همراھ گهوڙي تي چڙهيو وٽس آيو. رهيل بڪڪڪ کاوڙجي چيس، ”بنا هڪل جي ڪَرڪَرَ (گڏھ جي) ڪندو آيو آهين ڇو؟ پوئتي ٿي منهنجو مال ٿو ٿاهين. (ڇڙوڇڙ ڪرين).“

گهوڙي سوار رعب مان چيو، ”هي علائقو منهنجو آهي. آئون وڏيرو آهيان. ۽ تون بنا موڪل جي هتي اچي مال ٿو چارين؟“ وري هزارن جي تعداد ۾ سندس مال ڏانهن نهاري چيائين، ”هنن مان جيڪو ٻہ سٺو ڀهرو (مال) هجي اهو چونڊي ڏي.“

رُهيل بڪڪ جيڪو اهڙي لهجي جو رهيگ (عادي) نہ هو. اهو ٽپي باھ ٿي ويو. هڪدم گهوڙي سوار کي ٻانهن کان جهلي وٺي جو سَٺَ ڏنائين تہ همراھ اچي پَٽَ تي ٻُوٿَ ڀَرَ ڪريو.

رُهيل بڪڪ چڙي چيو، ”ڪهڙو پٺهين جو علائقو اٿئي؟ جهڙو تون تهڙو آئون، سيني جو ساڳيو پَٽُ آهي. هي وري مڙس ڏٽي ٿي آيو آهي گهوڙي تي چڙهي پِنَ گهرڻ. تون تہِ گهرجائو آهين، گهوڙي تان هيٺ لهِي نوڙت سان گُهر تہ پِنَ ٻہ ملي. (هيئن) ٿو هٿ سان پنين؟ پٺهين جو مال آهيِ جو چُونٽاهَو (جوان مال) چونڊي ڏاڙهي کي ڏيان؟“

وري همراھ جي منهن ۾ نهاري جيڪو رنگ جو سانورو، بت ۾ ايرو ۽ سندس قد جي اڌ جيترو مس هو جيڪو هيٺ ڪرڻ جي ڪري پاڻ تان مٽي ڇنڊي رهيو هو. ۽ هٿ تي ڪو ڏک هوس ان کي ڪنهي ٻہ رهيو هو تہ پڇيائينس، ”نالو ڇا اٿئي؟“ همراھ جيڪو هيسيل هو تنهن جواب ڏنو، ”ڪالَو خان.“ رُهيل بڪڪ منهن ۾ گهنج وجهي ناگواري مان چيو، ”ڪالُو، اهو ڪهڙو نالو آهي؟“ جواب ڏنائين، ”مائٽن اهو نالو رکيو آهي.“ وراڻيائين، ”مائٽن ڏوڙ وڌي اٿئي.“ وري ڏانهس نهاريائين تہ هو پنهنجي هٿ کي يڪو ڳنهي رهيو هو تہ چيائينس، ”هٿ کي ڇا اٿئي يڪو پيو ڪنهين؟“ جواب ڏنائين، ”پٽ ڦرُڙي آهي.“

رُهيلَ بڪڪ جيڪو پاڻ نهايت صحتمند هو اهو نفرت مان پوئتي هٽيو ۽ چيائين، ”پري ٿي ڏاڙهي (چڙ مان جبل ۾ ڪنهن کي ڏاڙهي چئبو تہ معنيٰ هن کي لئڙ ڪيائين يا گار ڏنائين)، گَرَ (ڇمڙيءَ جي بيماري) اٿئي پري ٿي منهنجي مال کان ٻہ، نہ تہ موچڙا ڏيئي ٻاهر ڪڍندو سانءِ.“

پوءِ هن کي گهوڙي تي چڙهڻ ٻہ نہ ڏنائين ۽ هو گهوڙي جي واڳ هٿ ۾ جهلي تيستائين پيدل ويندو رهيو جيستائين رُهيل بڪڪ نظر پي آيس.

چون ٿا تہ اهو وڏيري جو پٽ هو، جنهن وڃي جڏهن اها ڳالھ سربستي پنهنجي پيءُ کي ٻڌائي تہ سندس پيءُ مٿس ڪاوڙجي پيو ۽ ڪيس ڇڙٻ ڏيندي چيو، ”اڙي تو رُهيل بڪڪ سان وڃي ائين ڳالهايو آهي؟ جنهن کان اسين ڪانهاري ڪانهاري (پيار مان هٿ گهمائي) پوءِ ئي ڪجھ وٺندا آهيون. هو وڏو مالدار آهي. مهربان آهي. سخي آهي جيڪو گهربو اٿس ڏيئي ڇڏيندو آهي ۽ تو... اڙي ڀاڳ وارو هئين جو تو کي وجھ ڏنائين نہ تہ اڳ ڪنهن ائين تو وانگي ساڻس ڳالهايو هو تہ ان کي اگهاڙو ڪري وڻ سان ٻڌي پاڻ مال ڪاهي هليو ويو هو. ۽ پوءِ سندس ماڻهن ڏي چوائي موڪليائين تہ، ”فلاڻي هنڌ تي اوهان جو همراھ ٻڌو پيو آهي. ڪولي وڃو نہ تہ ڀڳاڙ پيرا پيري ڇڏيندس.“

اهڙا ٻہ ڪردار جبل جا هئا جن کي ياد ڪندي، سارِيندي خوشي ۽ فخر محسوس ٿيندو آهي.

اَڄُ گُهرجَين تُون، ٻَڌَاماٽِي پُنِرا
مَٿان اَچِي مُون، وَيرِين وَاٺُون لَائِيُون.
(شاھؒ)

## غزل

### ج.ع.منگهاٽي

ياد ڪانهي ڪا، سار ڪانهي ڪا
هاڻ مون وٽ پچار ڪانهي ڪا
سڀ اسانجون ئي ٻي مٽيون آهن
ڪنهن تي ڪائي، ميار ڪانهي ڪا
هاڻ جيئبو، رڳو ئي پنهنجي لاءِ
زندگيءَ جي اڌار ڪانهي ڪا
بي سبب ڇو پئي ڪنايون ڏين
ڪويلن جي پڪار ڪانهي ڪا
منهنجي دل ۾ پنڻ نہ آهي ڪو
هاڻ لڙڪن قطار ڪانهي ڪا
جاڏي ڪاڏي، گلاب رُت آهي
ڪيئن چئو ٿا، بهار ڪانهي ڪا
طعنا تُنڪا سيئي اکين تي
پر منگهاٽي، عيار ڪانهي ڪا.



# شيخ اياز
## هڪ منفرد قلمڪار



ڊاڪٽر غلام علي الانا

**1**

هيءُ ڪتاب تازو سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي تحقيقي رٿا، بعنوان: ”شيخ اياز: لائيف ائنڊ ورڪس“ موجب تيار ڪري، سنڌي شعبي طرفان شايع ڪرايو ويو آهي.

هن ڪتاب جي عنوان ۽ ڪتاب اندر شامل مواد تي ڪجهه لکڻ کان اڳ آءٌ اهو عرض ڪرڻ ٿو چاهيان ته محترم امداد حسينيءَ، هن ڪتاب جي تنقيدي جائزي وٺڻ لاءِ، مون جهڙي گوشه نشين ماڻهوءَ جو انتخاب ڇو ڪيو؟ جڏهن ته سنڌ ۾ ڪيترائي قابل نقاد ۽ جديد ادب تي مهارت رکندڙ اديب، شاعر ۽ عالم موجود آهن. بهرحال مون هن ڪتاب تي تنقيدي تبصري لاءِ هائوڪار ڪئي، ۽ ٻئي ڏينهن ڪتاب جي ڪاپي مون کي پهچائي وئي.

مون پهرين ته هن ڪتاب جي سرورق، آخري ورق ۽ ڪتاب اندر شامل فهرست تي هڪ نظر وڌي، ۽ پوءِ جنهن نقطي منهنجو فوراً ڌيان ڇڪايو، سو هو هن ڪتاب جو عنوان، جنهن کي آءٌ ٻيهر دهرايان ٿو: ”شيخ اياز: هڪ منفرد قلمڪار.“ هيءُ عنوان مون بار بار پڙهيو ۽ محسوس ڪيم ته شيخ اياز جهڙي هن صديءَ جي Legend لاءِ فقط ”هڪ قلمڪار“ جهڙو فقرو (Phrase) ڪم آڻي، محققن طرفان شيخ اياز صاحب جي عزت افزائي ڪئي وئي آهي يا شيخ صاحب جي مانَ ۽ مرتبي کي گهٽايو ويو آهي؟

ڪتاب اندر شامل مواد جي مطالعي ڪرڻ سان مون محسوس ڪيو ته انهن ٻنهي صاحبن، پنهنجي علمي ناپختگيءَ سبب، شيخ اياز جهڙي عظيم اديب، شاعر ۽ مفڪر لاءِ ”هڪ قلمڪار“ فقرو (Phrase) ڪم آندو آهي، نه ته انهن ٻنهي صاحبن، ڪتاب اندر متن ۾، ڌار ڌار صفحن تي شيخ صاحب کي ويهين صديءَ جي هڪ عظيم دانشور طور پيش ڪيو آهي. مثال طور:

صفحي 41 تي لکن ٿا:

”اياز رڳو سنڌ ۽ ننڍي کنڊ جو ئي نه پر عالمي سطح جو شاعر ۽ مفڪر آهي. هُو فني ۽ احساساتي لحاظ کان هاڻ اُن معراج تي پهتل آهي، جتي هاڻي ڪيس رڳو سنڌ ۽ ننڍي کنڊ جي فني دائري ۾ بند نٿو ڪري سگهجي.“

وري صفحي 63 تي لکن ٿا:

”شيخ اياز بيشڪ هڪ وڏو شاعر آهي.“

اهڙيءَ طرح صفحي 67 تي ڄاڻائين ٿا:

”اياز دنيا جو واحد شاعر آهي، جنهن شاعريءَ کي سڀ کان گهڻين صنفن ۾ لکيو آهي.“

اهڙيءَ طرح وري صفحي 77 تي لکن ٿا:

”سنڌي شاعريءَ ۾ غزل کي نئون روپ ڏيارڻ، نوان موضوع شامل ڪرڻ، غزل کي نئون موڙ ڏيڻ وارو شاعر، شيخ اياز، هڪ عظيم غزل گو شاعر آهي.“

بلڪل ساڳيءَ طرح صفحي 78 تي فرمائين ٿا:

”شيخ اياز جو جهڙيءَ طرح سنڌي شاعريءَ ۾ منفرد مقام آهي، تهڙيءَ طرح اردو شاعريءَ ۾ پڻ.“

جنهن شخص کي الله تعاليٰ ايترين نوازشن سان نوازيو هو، تنهن لاءِ فقط ’هڪ قلمڪار‘ جهڙو معمولي فقرو ڪم آڻڻ، منهنجي خيال ۾، ٻنهي محققن پنهنجي علمي ناپختگيءَ جو ثبوت ڏنو آهي، نه ته اِهي ٻئي صاحب، شيخ صاحب لاءِ وڏي عقيدت رکن ٿا.

**2**

ڪتاب جي متن ۾ ٻوليءَ جي عبارت آرائيءَ ۽ حُسن بيانيءَ جي سلسلي ۾ ڄاڻ جي کوٽ آهي. مواد جي معيار تي سوچڻ کان پوءِ مون محسوس ڪيو، ته هن سڄي ڪتاب ۾ ڊاڪٽر هدايت پريم صاحب ته فقط مُنڍ وارا ’ٻه اکر‘ ۽ شيخ صاحب جي لنڊن واري سير واري باب ۾، صفحي 151 تي فقط هڪ پئرا لکي آهي، باقي سڄو ڪتاب، ڊاڪٽر انورفگار هڪڙي صاحب جي Ph.D. واري مقالي جو ’چربو‘ آهي. اهوئي سبب آهي، جو هن ڪتاب جو معيار (B.A. Hons) جي شاگردن کي ليڪچر ڏيڻ لاءِ نوٽس جهڙو آهي. جيڪڏهن محقق، محترم نصير مرزا، جامي چانڊيئي ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي ڪتابن ۽ مولانا غلام محمد گراميءَ جي اعليٰ فڪر واري ڪتاب ”مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رُجحانات“ جو مطالعو ڪري، اُنهن مان مدد وٺن ها، ته هن ڪتاب جي معيار ۾ وڏو فرق نظر اچي ها. سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فئڪلٽيءَ جي ڊين صاحب ڊاڪٽر قاضي خادم لاءِ لازمي هو ته هن تحقيقي رٿا لاءِ لکيل مواد جي پرکڻ کان پوءِ، سنڌي شعبي کان ٻاهر، سنڌي ادب جي ڪنهن عالم، جديد ادب تي مهارت رکندڙ ۽ ڪنهن نقاد کي، هن مواد تي راءِ ڏيڻ لاءِ، موڪلڻ کپندو هو، ته جيڪر هن ڪتاب جي مواد جي ادبي معيار کان سواءِ، هن ۾ بيان ڪيل ڪيترين ئي غلط ڳالهين ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي پراڻن ۽ مانوارن اُستادن لاءِ لکيل توهين آميز لفظن کان هن ڪتاب کي آجو ڪيو وڃي ها. شيخ اياز صاحب جهڙي عظيم شاعر، مفڪر جي فڪر ۽ دانش کي سمجهڻ وارا ته ڪيترائي احباب سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر هن وقت به موجود آهن، جن ۾ محترم محمد ابراهيم جويو، محترم سراج الحق ميمڻ، محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ٻيا به ڪيترائي اڪابر ويٺا آهن.

منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر هدايت پريم ۽ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي کي شيخ اياز جهڙي جديد فڪر جي شاعر ۽ ويهين صديءَ جي Legend جي ادبي سرمايي تي، تحقيق، تنقيد ۽ تبصري لاءِ مناسب ۽ موزون ماهر تسليم ڪري نٿو سگهجي.

**3**

هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي غير ذميوارانه فتوائون ڏنل آهن، ۽ ائين به نه آهي ته شيخ اياز کان ڪي غلطيون سرزد ڪونه ٿيون هيون، يا شيخ اياز هڪ شاعر جي حيثيت ۾ جيڪي به ڳالهيون لکيون آهن، انهن کي جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ گهرجي. مون جڏهن تاج جويي کان، هن ڪتاب ۾ بيان ٿيل شيخ اياز جي حوالي سان ڪي ڳالهيون پڇيون، ته هن جواب ڏنو، ”اهي شاعرانه ڳالهيون آهن. شاعر ڪڏهن ڪڏهن ڪي اهڙيون ڳالهيون ڪري ويندا آهن، جن کي سو سيڪڙو صحيح نه سمجهڻ گهرجي.“ انهن ڳالهين تي لکڻ کان اڳ، هن ڪتاب ۾ جيڪي غلط ڳالهيون لکيون ويون آهن يا غلط بياني ڪئي وئي آهي، اُنهن جي نشاندهي ڪري، سنڌ يونيورسٽيءَ جي قابل احترام وائيس چانسلر صاحب، محترم مظهر الحق صديقيءَ جو ڌيان ڇڪائڻ چاهيندس. اها غلط بياني، دراصل سنڌ يونيورسٽيءَ جي تاريخ سان هٿچراند مثل آهي. هيٺ انهيءَ غلط بيانيءَ کي، محققن جي لفظن ۾ آءٌ دُهرائڻ چاهيان ٿو.

صفحي 18 تي لکيو اٿن:

”وائيس چانسلر ٿيڻ کان پوءِ به هُو مصروف رهيو،

پر ايترو مصروف نه، جيترو وڪالت ۾. هُو گھڻو وقت آفيس ۾ يا وي- سي هائوس ۾ گذاريندو هو. واندڪائيءَ جي وقت هُو ڪڏهن ڪڏهن رستي تي پنڌ نڪري ويندو هو. هن جيڪي تعميري ڪم ڪيا، اُنهن ۾ 'انسيٽيوٽ آف سنڌالاجي' جي قيام، تعمير ۽ ترقي، اياز جو لازوال ڪارنامو آهي."

هن راءِ لاءِ سنڌ کان سواءِ سنڌ يونيورسٽي انتظاميا جي ٻن (تڏهوڪن) پراڻن آفيسرن محترم حميد سنڌي ۽ محترم نواز علي پيٽي جي راءِ ضروري آهي. ٻنهي محقق صاحبن کي اها ڄاڻ بلڪل ڪانهي ته شيخ صاحب، پهريان ڇهه مهينا ته وي سي هائوس کان ڪڏهن به ٻاهر نه نڪتو، ايترقدر جو آفيس ۾ به ڪڏهن ڪونه ويو ۽ آفيس جو ڪم ڪار ۽ فائيل وغيره ڏسڻ جي بدران، وي سي هائوس جي ٻاهرئين ديوار (Compound wall) کي چار فوٽ اوچائيءَ تي مٽي ڪرائڻ کان پوءِ، اُن جي مٿان ٻه فوٽ اوچيون بجليءَ جون تارون هٿائڻ واري ڪم ۾ مشغول رهيو. ڇاڪاڻ ته هُو ڏاڍو ڊنل رهندو هو. بنگلي لاءِ سمورا چوڪيدار به ڪوسا قبيلي وارا سکر مان گهرايائين. پوءِ جڏهن سائين غلام مصطفيٰ شاهه اچي کيس وي سي هائوس کان ٻاهر نڪرڻ جي هدايت ڪئي، تڏهن مس ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجيءَ آفيس ۾ آيو. اِن وچ ۾ حميد سنڌيءَ ۽ نواز علي پيٽي کانئس وي سي هائوس اندر جمع ٿيل اهي فائيل ڪيرايا جيڪي ڍيرن جي صورت ۾ موجود هئا (انهن ٻنهي صاحبن کان پڇي سگهجي ٿو).

## 4

ٻنهي محققن جي اها وڏي ۽ تاريخي غلط بياني آهي، ته انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي شيخ صاحب قائم ڪئي هئي. محقق خود لکن ٿا ته شيخ صاحب 13 جنوري 1976ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي حيثيت ۾ چارج سنڀالي هئي. اها به سڀني کي خبر آهي ته سنڌالاجي اُن وقت پنهنجيءَ نئين عمارت ۾ باقاعدگيءَ سان ڪم ڪري رهي هئي، جڏهن شيخ صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ جي چارج سنڀالي هئي.

هيءُ ادارو، دراصل سنڌي اڪيڊميءَ جي نالي سان ڊسمبر 1962ع ۾، شيخ صاحب جي وائيس چانسلر مقرر ٿي اچڻ کان 14 سال اڳ، ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ اولڊ ڪئمپس ۾ قائم ڪيو هو. اداري جو 'انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي' نالو، آڪٽوبر 1964ع ۾، ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ جي طرفان قائم ڪيل ائڊوائيزري ڪميٽيءَ، سندن صدارت هيٺ سڏايل اجلاس ۾، سيد حسام الدين شاهه راشدي صاحب جي ڏنل رٿ تي رکيو هو. اُن ائڊوائيزري ڪميٽيءَ جا ميمبر هي هئا:

- وائيس چانسيلر (ڊاڪٽر رضي الدين صديقي) چيئرمين
- محترم محمد حنيف صديقي، آنرري ڊائريڪٽر
- سيد حسام الدين شاهه راشدي، ميمبر.
- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ميمبر.
- پروفيسر علي نواز جتوئي (صدر شعبو سنڌي) ميمبر.
- محترم محمد حسين ترڪ (رجسٽرار) سيڪريٽري

سنڌالاجيءَ جي موجوده عمارت جي تعمير ۽ اُن جي ترقيءَ جو سهرو شهيد ذوالفقار علي ڀٽي ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي سر تي سونهي، ۽ سنڌالاجيءَ جي پروجيڪٽ جي Pc-1 جي منظوري ۽ تمام وڏي رقم جي فراهمي شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جو ڪارنامو آهي. انهن سڀني حقيقتن جو رڪارڊ، اداري ۾ موجود آهي. آءٌ جيڪڏهن اِن تي تفصيل سان لکندس ته مقالي کان ڳالهه وڌي ويندي.

سنڌالاجيءَ جي موجوده عمارت ۽ سڄي رٿا، موجود نئين عمارت ۾ شعبن جو قيام، سنڌ وارن تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو تورو آهي، ڇاڪاڻ ته جڏهن اولڊ ڪئمپس ۾ سنڌالاجيءَ جي لائبريءَ ۽ ننڍڙي ميوزيم کي، شرانگيز ماڻهن باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو هو، تڏهن جاءِ واردات تي حاضر ٿي، وزيٽس بُڪ تي مرحوم پنهنجا جيڪي تاثرات لکيا هئا ۽ تڏهوڪي وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي موجودگيءَ ۾، مون کي ڀاڪر پائي فرمايو هئائون، "الانا! دل نه لاهه، مايوس نه ٿي، انهن شرانگيز ماڻهن Barbarian وارو ڪم ڪيو آهي. آءٌ تمام جلد Power ۾ اچي رهيو آهيان. آءٌ تو کي نئين ڪئمپس تي هڪ اهڙي شاندار عمارت تعمير ڪرائي ڏيندس، جنهن جي ڏسڻ لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن جا ماهر ايندا، ۽ اهو ادارو ڏسي فخر ڪندا، ۽ اهو ادارو دنيا ۾ پنهنجو نالو ڪيندو."

شهيد مرحوم وزيٽرس بُڪ ۾ پنهنجن تاثرات ۾، 6 فيبروري 1971ع تي جيڪي ڪجهه لکيو هو، سندن اُهي لفظ آءٌ هت ورجايان ٿو:

"I (on hearing the tragic incident of setting the Institute of Sindhology Library on fire) was shocked and dismayed to see the destruction of such valuable books and manuscripts. This is a loss to the whole nation, nay to culture and literature whereever civilised people live. This is more than an act of madness, this is more than insanity. It is what barbarians used to do with the conquered people in ancient times. This act of vandalism will remain a blot and a stigma that can not be erased."

*Zulfiqar Ali Bhutto*

پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ اهو عرض ڪرڻ به مناسب ٿو سمجهان ته موجوده عمارت جي بنيادي پيڙهه 10- ڊسمبر 1972ع تي سنڌ جي تڏهوڪي وڏي وزير جناب ممتاز علي ڀٽي رکيو هو ۽ شيخ صاحب جي اچڻ کان اڳ، سنڌالاجي پنهنجيءَ هن نئين عمارت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو، ۽ اُن ئي زماني ۾ اداري جا هيٺيان شعبا هئا:

(1) ريسرچ لائبريري
(2) پبليڪيشن، ٽرانسليشن ۽ ڇپائيءَ لاءِ شعبو
(3) ريسرچ سيل
(4) ميوزيم
(5) فوٽوگرافڪ سيڪشن
(6) سائونڊ آرڪائيوز شعبو
(7) سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ وارو شعبو
(8) مشاهير گئلري

اهو چوڻ به سراسر غلط بياني ڪرڻ آهي، ته سنڌالاجيءَ جي ترقي به شيخ صاحب جي زماني ۾ ٿي ئي. سنڌالاجيءَ جي ترقيءَ جو سهرو به سائين غلام مصطفيٰ شاهه جي سر تي ٿو سونهي. شيخ صاحب جي اچڻ وقت سنڌالاجيءَ جي شاندار لائبريري، پنهنجيءَ موجوده عمارت ۾ ڪم ڪري رهي هئي. اُن ۾ ڇپيل ڪتابن ۽ قلمي نسخن کان سواءِ رسالن، مخزنن ۽ اخبارن ۽ اُنهن جي تراشن (Clippings) جو وڏو ذخيرو گڏ ٿي چڪو هو. ميوزيم جي هيٺئين ماڙ جون ٽي گئلريون لڳ ڀڳ مڪمل هيون ۽ باقي گئلريون منهنجيءَ نيائيءَ، محترم ماهتاب اڪبر راشديءَ، پروفيسر محمد الياس ابڙي صاحب جي زماني ۾ مڪمل ڪرايون. سائونڊ آرڪائيوز ۽ فوٽوگرافڪ گئلري به مڪمل هئي. بيورو آف ٽرانسليشن ۽ پبليڪيشن طرفان 43 ڪتاب، شيخ صاحب جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي ڇپايا ويا هئا. شيخ صاحب، پنهنجي شروعاتي دور ۾، پنهنجي ڪلام جي مجموعي "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" جو پنجابي زبان ۾ ترجمو ڪرائي "جو ٻيجل ني آکيا" سنڌالاجيءَ جي طرفان شايع ڪرايو. اداري جو اهو 45 نمبر ڪتاب هو، جنهن جو اعتراف مذڪوره ڪتاب جي 88 صفحي تي انهن ٻنهي صاحبن به ڪيو آهي. اُن کان پوءِ شيخ صاحب محترم فهميده رياض کان، پنهنجي ڪلام جو اردو زبان ۾ ترجمو ڪرايو. شيخ صاحب اهو ڪتاب 'حلقه مري زنجير ڪا' جي عنوان سان سنڌالاجيءَ مان شايع ڪرايو. منهنجين انهن ڳالهين مان اهو ثابت ٿو ٿئي، ته شيخ صاحب جي وائيس چانسلر مقرر ٿي اچڻ کان اڳ سنڌالاجيءَ وڏو ڪم ڪيو هو. گرامي صاحب جي ڪتاب "جديد سنڌي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" جي مقدمي ۾، صفحي 36 تي مون اياز بابت عرض ڪيو آهي:

"مون هن سان چار سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ گڏ گذاريا. آءٌ هن جي ادبي عظمت جو قائل آهيان، پر سندس وائيس چانسلريءَ جي زماني ۾، انڪري سندس مشڪور رهيس، جو هن سنڌالاجيءَ جي ترقيءَ لاءِ، سندس ويجهن دوستن جي مخالفت جي باوجود، مون کي 'بلئنڪ چيڪ' ڏيئي ڇڏيو هو. اهوئي سبب آهي جو سنڌالاجيءَ جو ميوزيم، آرٽ گئلري، مشاهيرن جي گئلري، سائونڊ آرڪائيوز وارو حصو ۽ اشاعت وارو شعبو ترقي ڪري سگهيا ۽ هي ادارو بين الاقوامي حيثيت حاصل ڪري سگهيو هو، جنهن جو ثبوت هڪ طرف اُن وقت جو رکيل وزيٽرس بڪ آهي، ته ٻئي طرف مون کي سنڌالاجيءَ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ هونولولو ۾ بين الاقوامي ڪانفرنس Conserving Cultural Values ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ، اپريل 1978ع ۾ دعوت ملي. ان کان سواءِ آمريڪي مشهور اداري- Smith Sonian Institute سنڌالاجيءَ جي سهڪار لاءِ پروگرام پڻ منظور ڪيو."

## 5

ٻنهي محقق صاحبن اها به غلط بياني ڪئي آهي ته شيخ اياز پهريون وائيس چانسلر هو، جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرارن، پروفيسرن ۽ ٻين هيٺين ملازمن لاءِ ڪوارٽر ۽ بنگلا ٺهرايا. رڪارڊ شاهد آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي جامشوري واري نئين ڪئمپس

جي تصور سان گڏ اها مڪمل رٿا (Project) علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جي دور ۾ نہ فقط تيار ٿي، پر اُن تي عملي ڪم بہ شروع ڪيو ويو. فئڪلٽين لاءِ نيون عمارتون، جن ۾ ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري، انسٽيٽيوٽ آف فزڪس لاءِ عمارتن کان سواءِ پروفيسرن ۽ ٻئي عملي لاءِ بنگلن ۽ ڪوارٽرن جو ڪم، علامہ صاحب جن جي زماني ۾ مرحوم احمد علي انجنيئر شروع ڪرايو. جيڪو لڳ ڀڳ مڪمل ٿي چڪو هو. پر اڃا اُنهن ۾ فئڪلٽيون شفٽ نہ ٿيون هيون. اُن کان پوءِ ڪيتروئي تعميراتي ڪم، مرحوم ڊاڪٽر رضي الدين صديقيءَ، پروفيسر حسن علي عبدالرحمان، ڊاڪٽر محمد صالح قريشيءَ، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شيخ صاحب جي اچڻ کان اڳ مڪمل ڪرايو هو. انهن عمارتن ۾، موجوده وي سي هائوس، اُن جي پر وارو گيسٽ هائوس، وائيس چانسلر روڊ وارا سڀ بنگلا، حيدر بخش جتوئي پئويليئن، باٽني ڊپارٽمينٽ، جيالاجي ڊپارٽمينٽ، زوُلاجي ڊپارٽمينٽ، آرٽس فئڪلٽي، سينٽرل لائبرري، شاگردن جون لڳ ڀڳ سموريون هاسٽلون، انسٽيٽيوٽ آف بزنس ائڊمنسٽريشن، مارئي هاسٽل، فئڪلٽي آف فارماڪالاجيءَ کان سواءِ (سواءِ پنجن ڪوارٽرن ۽ ٽن بنگلن جي) ٻيا سڀ ڪوارٽر ۽ بنگلا اڳ ئي مڪمل هئا. پنج ڪوارٽر ۽ ٽي بنگلا ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي زماني ۾ شروع ٿيا هئا، جن کي شيخ صاحب برابر مڪمل ڪرايو هو، پر رڪارڊ شاهد آهي تہ شيخ صاحب، انهن ڪوارٽرن ۽ بنگلن جي رهيل ڪم ۾ کھڙيون کھڙيون بي قاعدگيون ڪيون. ظهير الدين ائنڊ ڪمپنيءَ جي ڪنسلٽنسي ختم ڪئي وئي، رازو بلڊرس نالي 'نوان' ٺيڪيدار مقرر ٿيا، انهن جو 'پس پرده مالڪ' (Sleeping Partner) ڪير هو؟ اهي ڳالهيون نہ ڪولجن تہ بهتر، نہ تہ دشمن شيخ صاحب جهڙي سنڌ جي عظيم شاعر ۽ مفڪر لاءِ الائجي ڇا ڇا لکندا!

## 6

ٽين غلط بياني ۽ يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ اُن بابت سڀ کان وڏي ۾ وڏو ڪوڙ اهو آهي، جنهن جي باري ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي 'قابل محققن' هن ڪتاب جي صفحي 18 تي بيان بازي ڪئي آهي. لکن ٿا:

"هن سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن کي ايتريون نوڪريون ڏنيون، جيتريون اڳ ڪنهن بہ اداري ۾ ڪين ڪونہ مليون هيون."

منهنجي خيال ۾ لکڻ هيئن کپي ها، "شيخ اياز، سنڌ يونيورسٽيءَ جي 1972ع واري ائڪٽ کي ائين ڏوڙ ڪيو، جنهن جو سنڌ يونيورسٽيءَ جي تاريخ ۾ ڪو بہ مثال نٿو ملي." هن تمام گھٽيون بي قاعدگيون ڪيون. بنان ائڊورٽائيز ۽ سليڪشن بورڊ جي ميٽنگ سڏائڻ جي، پنهنجا اختيار ڪم آڻي هدايت 'پريم' سميت ڪيترن ئي ماڻهن کي ليڪچرر مقرر ڪيو جن کي هڪڙي ڏينهن جو بہ تعليمي تجربو ڪونہ هو. هن سکر مان پنهنجي 'مُنشيءَ' عطا محمد ميمڻ کي گھرائي پنهنجو سيڪريٽري مقرر ڪيو، ۽ سکر مان ئي پنهنجي خوشامديءَ، مرغوب راحت کي گھرائي، اردو شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ڪيو. هن حمايت علي شاعر، (جيڪو اُن وقت سندس اردو ڪلام گڏ ڪري رهيو هو) اُن کي بنان ڪنهن تجربي جي اردو شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو. هن پنجاب مان نامي گرامي سنڌ دشمن 'دانشور' احمد سليم کي گھرائي، ڏهہ هزار روپيا ماهوار پگھار تي، سنڌالاجيءَ ۾ مقرر ڪيو، انهيءَ لاءِ تہ هُو شيخ صاحب جي ڪلام جو پنجابي زبان ۾ ترجمو ڪندو. هن (احمد سليم) جو واسطو سڌو وائيس چانسلر سان هو. هُو سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر جي ماتحت نہ هو. اداري ۾ هر مهيني ۾ فقط هڪ دفعو چيڪ وٺڻ ايندو هو. ٽيچرس هاسٽل ۾ ڪيس هڪ ڪمرو بنان مسواڙ جي مليل هو، جنهن ۾ سندس رهائش هئي. اهي سڀ رڪارڊ جون ڳالهيون آهن جيڪي مجبوراً آءٌ لکي رهيو آهيان.

"شيخ صاحب، سندس دوست (بعد ۾ ساڻس وڙهي پيا ۽ هڪٻئي جا دشمن بنجي ويا)، مرحوم جمال رند کي، سڌيءَ طرح، چيئرمن جي راءِ وٺڻ کان سواءِ سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. ڪابہ ائڊورٽائيز نہ ڪئي وئي، سليڪشن بورڊ جي ميٽنگ بہ ڪانہ ٿي، ۽ رند صاحب سڌيءَ طرح سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. هدايت پريم صاحب، جيڪو اُن وقت ٻيلي کاتي ۾ شايد رينجر هو، اهو بہ سڌيءَ طرح ليڪچرر مقرر ڪيو ويو."

## 7

ساڳئي صفحي 18 تي، هڪ اهڙي تاريخي غلط بياني ڪئي وئي آهي، جنهن لاءِ يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ کي نوٽيس وٺڻ کپي. هُو صاحب لکن ٿا:

"شيخ اياز، يونيورسٽيءَ کي هر طرح ناهڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس مقبوليت کي ڏسي، انهن منجهان ئي مخالفت شروع ٿي، جن کي هن مقرر ڪيو ۽ فائدا ڏنا. اتي جي ماڻهن پنهنجي حسد کي، انهن الفاظن جي چادر ۾ ويڙهيو تہ مٿن يونيورسٽيءَ کان ٻاهريون ماڻهو ڇو مقرر ڪيو ويو آهي؟ اها ڳالهہ وڃي وزير اعظم جي ڪنن تائين پهتي، جنهن شيخ اياز کان انهن پروفيسرن جي لسٽ ورتي ۽ ڪين ڊسمس ڪري ڇڏيو. جلد ئي وري حفيظ پيرزادي ۽ شيخ اياز جي مشوري موجب ڪين بحال ڪيو ويو."

هن ڏکوئيندڙ واقعي جا شاهد هن وقت بہ زنده آهن. اُهي آهن: اُن وقت جو وفاقي وزير تعليم جناب عبدالحفيظ پيرزادو، اُن وقت جو ڊپٽي رجسٽرار محترم نواز علي پيٽو ۽ اُن وقت جو رجسٽرار محترم عبدالحميد سنڌي. پر هن واقعي جو يونيورسٽيءَ جي اُستادن مان مُکيہ شاهد، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو آهي، جيڪو اُن وقت 'سوُٽا' جو صدر هو. مرحوم ڊاڪٽر جوڻيجي، هن واقعي جو ذڪر پنهنجي ڪتاب، "شيخ اياز هڪ مطالعو"، ۾ صفحي 22 تي ڪيو آهي، پر مٿين ٻنهي محقق صاحبن، پنهنجي اُستاد جي محنت تي بہ نظر ڪانہ وڌي آهي، جنهن لکيو آهي:

"يونيورسٽيءَ ۾ سندس صلاحڪارن جي چوڻ تي ست اُستاد نڪتا. آءٌ سنڌ يونيورسٽي ٽيچرس ائسوسئيشن جو صدر هوس. وائيس پريزيڊنٽ ۽ سيڪريٽري بہ نڪري ويا. ڪن اُستادن منهنجي اياز سان گڏيل سازش قرار ڏنو. ساڻس شڪايت ڪيم تہ چيائين: 'مسٽر شام! پاڻ شاعر ماڻهو آهيون. هنن انتظامي مسئلا پئي ڪيا'. آءٌ ان راءِ سان متفق نہ هوس. مون ڪيس چيو، 'سائين! شيخ اياز شاعر بہ منهنجو آئيڊيل آهي، پر وائيس چانسيلر طور سندس هي فيصلو مون لاءِ ڏکوئيندڙ آهي.' هُن جي مُرڪ ۽ پوءِ موضوع جي تبديليءَ سان تہ اها ڳالهہ اِتي ختم ٿي، پر ٻاهر اهو قصو طويل ٿي ويو. وائيس چانسيلر جي صلاحڪارن هي ڪارنامو سرانجام ڏنو هو، هوُ تہ معصوم هو جو ڪيس دوکو ڏنو ويو هو."

هن ساڳئي واقعي کي ورجائيندي، ڊاڪٽر جوڻيجو مرحوم پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي صفحي 162 تي، اياز جي ڪتاب، 'ڪتي نہ پيچبو ٽڪ مسافر' جي صفحي 58 جي حوالي سان لکي ٿو:

"آخر ۾ پروفيسرن کي ڊسمس ڪرائڻ واري ڳالهہ ڪري ٿو. جڏهن هُو بحال ٿي آيا، تہ بقول اياز هنگامو ڪيائون."

جوڻيجو صاحب، شيخ اياز جي انهيءَ ڳالهہ کي رد ڪندي، پنهنجي ڪتاب جي صفحي 163 تي لکي ٿو:

"هنن ڪو بہ هنگامو ڪونہ ڪيو، فقط سنڌن آجيان ٿي. هڪدم مٿي شڪايت ڪيائين، ۽ مون جڏهن دوست جو ٿيلهو ڪوٺڙي پهچائڻ لاءِ پنهنجيءَ ڪار ۾ رکيو، اُها نئين حڪم تي، اُتان واپس، ڪراچي ويندڙ گاڏيءَ ۾ رکي وَئي. هيءَ رڪارڊ جي ڳالهہ آهي. آءٌ ٽيچرس ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ هوس. اهي پروفيسر پوءِ ڪراچيءَ ۽ اسلام آباد ۾ سٺن عهدن تي ويا، پي ايچ ڊي ڪيائون. اياز صاحب کان پوءِ موٽيا ۽ اڃا بہ ڪي مون کي پٽيندا رهندا آهن."

ڊاڪٽر جوڻيجي صاحب مرحوم جو بيان بہ مڪمل نہ آهي. مون اڳ ۾ عرض ڪيو آهي تہ يونيورسٽيءَ جا بہ رٽائرڊ ذميوار (آفيسر اڃا ماشاء الله زندهہ آهن.) اُهي ئي ٻڌائي سگھندا تہ ڪهڙا ڪهڙا اُستاد ڊسمس ٿيا ۽ اهي ڊسمس ڇو ٿيا؟ ڇا اُنهن کي ڪا چارج شيٽ ڏني وَئي هئي؟ اُنهن کان ڪو جواب طلبي ڪئي وَئي هُئي؟ انهن جي خلاف سنڊيڪيٽ ۾ ڪا رپورٽ آئي هئي؟

اهو نوٽ ڪرڻ گھرجي تہ جيڪي اُستاد ڊسمس ٿيا هئا، اُنهن مان ڪو بہ شيخ صاحب جو مقرر ٿيل ڪونہ هو. سڀ سينئر اُستاد هئا. ها! البت 'سُوٽا' جي اجلاس ۾، جنهن ۾ آءٌ بہ موجود هوس، انهن شيخ صاحب جي بيقاعدگين، سندس طرفان ڪيل غلط مقررين ۽ دوست نوازين جهڙن فيصلن جي پنهنجين تقريرن ۾ نشاندهي ڪئي هئي. شيخ صاحب تائين اهي ڳالهيون پهتيون تہ هُو پريشان ٿي ويو. حساس طبيعت تہ اڳ ۾ ئي هو. هڪدم چيف منسٽر سان شڪايت ڪيائين. صوبائي وزير تعليم پيار علي الانا کي دانهن ڏنائين. نيٺ ڪيس سندس صلاحڪارن صلاح ڏني تہ وزير اعظم کي رپورٽ ڪر. اُنهن ڏينهن ۾ وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽو پرڏيهي دوري تي وڃي رهيو هو. شيخ صاحب، شهيد مرحوم سان، جتوئي صاحب ۽ الانا صاحب جي سامهون، ايئرپورٽ تي انهن پروفيسرن جي خلاف لکت ۾ نہ، پر زباني شڪايت ڪئي. شهيد مرحوم، جتوئي صاحب کي حڪم ڏنو تہ شيخ صاحب کان لسٽ وٺي، انهن سڀني پروفيسرن کي ڊسمس ڪريو. پوءِ ڪراچيءَ مان، اُن وقت جو سيڪريٽري تعليم، سيد پناهہ علي

شاهه. انهن پروفيسرن جا ڊسمسل آرڊر ڪٽي آيو ۽ نواز علي پيٽي ۽ حميد سنڌيءَ جي هٿان، انهن سيني اُستادن کي، وي سي هائوس ۾، شيخ صاحب جي سامهون اهي آرڊر ڏنا ويا. جيڪي اُستاد ڊسمس ڪيا ويا هئا، اُهي هي هئا:

(1) پروفيسر محمد الياس ابڙو
(2) پروفيسر انور الدين اُجڻ
(3) پروفيسر اقبال پيٽي
(4) پروفيسر امام بخش ملاٽو
(5) پروفيسر مبارڪ تنوير
(6) پروفيسر خالد شهيد آخوند

اُن لسٽ ۾ پروفيسر اسد الله لاڙڪ جو نالو به شامل هو، پر هوُ ڊسمسل آرڊر نڪرڻ کان اڳ، Ph.D ڪرڻ لاءِ آمريڪا روانو ٿي چڪو هو. وائيس چانسيلر جي اهڙي قدم تي يونيورسٽيءَ ۾ گهٽو گوڙ ٿيو. پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب احتجاج طور استعيفا ڏيئي هليو ويو. ڪجهه مهينن کان پوءِ، جناب عبدالحفيظ پيرزادي، صحيح حقيقت معلوم ڪرڻ کان پوءِ، انهن سيني اُستادن کي پنهنجيءَ وزارت ۾ ڪُپايو ۽ ڪين جدا جدا جاين تي وڏن عهدن تي مقرر ڪيو، ۽ سائين الياس ابڙي صاحب کي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

سال ڪن کان پوءِ جڏهن 5 جولاءِ 1977ع تي، شهيد ڀٽي جي حڪومت کي جنرل ضياءُ مارشل لا ذريعي ختم ڪيو، هيڏانهن شيخ صاحب به اکيون ڦيري ڇڏيون. "سنڌڙيءَ تي سر ڪير نه ڏيندو؟" واري سندس ڪلام کي، پنهنجي وائيس چانسلريءَ واري دور ۾ پنهنجي موجودگيءَ ۾ ڳائڻ جي منع ڪري ڇڏيائين.

محقق صاحبن اها به غلط بياني ڪئي آهي:

"هن (شيخ صاحب)، فيڊرل ايجوڪيشن جي سيڪريٽريءَ کي چئي ڪين (سنڌيونيورسٽيءَ ۾ سندن مقرر ٿيل اُستادن کي) ٻاهرين ملڪن لاءِ اسڪالرشپون وٺي ڏنيون."

پڙهندڙن کي معلوم هجي ته اُن وقت وفاقي وزير تعليم محترم عبدالحفيظ پيرزادو هو. اُن صاحب جي زماني ۾، وفاقي وزارت تعليم ۾ جيڪا ترقي ٿي هئي، سا مثالي آهي. هن دور ۾ ڪيتريون ئي نيون يونيورسٽيون قائم ٿيون. سنڌ انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو ۽ سنڌ ائگريڪلچر ڪاليج ٽنڊو ڄام کي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪئمپسن جو درجو ڏنو ويو. مرحوم ڊاڪٽر ممتاز علي قاضيءَ کي وزارت تعليم جو سيڪريٽري ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ائڊيشنل سيڪريٽري ثقافت مقرر ڪيو ويو هو. هن ئي دور ۾ غير ملڪي اسڪالرشپن لاءِ سڄي ملڪ جي شاگردن ۽ عموماً 'ننڍن' صوبن جي شاگردن لاءِ خصوصي دروازا کلي ويا هئا. سنڌ يونيورسٽيءَ مان، اُن زماني ۾، جن به اُستادن کي اسڪالرشپون مليون هيون، اُنهن لاءِ ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جون ڪوششون شامل هيون، ۽ خود پيرزادي صاحب به هن سلسلي ۾ سنڌ جي شاگردن جي گهڻي مدد ڪئي هئي. اسلام آباد ۾ شيخ صاحب کي سواءِ فيض احمد فيض صاحب جي، ٻيو ڪير سڃاڻندو ئي ڪو نه هو!

## 8

آءٌ هت اهو ڄاڻائڻ به مناسب ٿو سمجهان ته شيخ اياز وارو دور، سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ انتهائي زوال پذير دور هو، جنهن ۾ شاگردن جي گوڙ گهمسان جي ڪري، يونيورسٽي گهٽ ۾ گهٽ ٽي سال بند رهي. هي دور يونيورسٽيءَ لاءِ اخلاقي پست حاليءَ وارو دور هو، جو خود شيخ صاحب امتحاني رزلٽ ۾ ردوبدل ڪرائي، جنهن جي انڪوائري پوءِ پروفيسر محمد الياس ابڙي صاحب جي زماني ۾ مون کان ڪرائي وَئي. منهنجي رپورٽ، وي سي آفيس يا شعبهءِ امتحانات ۾ اڄ به موجود هوندي.

## 9

(الف) مون کي تعجب آهي، ته اياز جهڙي عظيم شاعر ۽ نثر نويس جي شاعري ۽ نثر نويسيءَ تي تحقيق ڪندڙ محقق صاحبن کي رديف ۽ قافئي جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي، اُن جي به ڄاڻ ڪانهي، مثال طور: صفحي 49 تي لکن ٿا:

"اياز جي دوهي ۾ به اُهي خصوصيتون ۽ خوبصورتيون موجود ۽ موجزن آهن، حالانڪ دوهو به بيت جو پيش رو آهي، مگر بيت ۽ دوهي کي فني سٽاءَ جي لحاظ کان جيڪا شيءِ الڳ ڪري ٿي، سو آهي رديف، دوهي ۾ اُهو آخر ۾ اچي ٿو."

هن نقطي جي باري ۾ محترم امداد حسيني، سحر امداد، قمر شهباز، نصير مرزا، ادل سومرو، تاج بلوچ، اياز گل ۽ تاج جويو فيصلو ڪن ته دوهي جي مصرع جي آخر ۾ جيڪي لفظ اچن ٿا، تن کي رديف چئبو يا قافيو؟

(ب) محقق صاحبن کي 'موجود' ۽ 'موجزن' لفظن جي معنيٰ، مفهوم ۽ استعمال جي به ڄاڻ ڪانهي. 'موجزن' لفظ ڪٿي ڪم آڻبو آهي ۽ ڪهڙيءَ معنيٰ ۾ ڪم آڻبو آهي، اُن جي سنڌي شعبي جي اُستادن کي ته ضرور خبر هجڻ گهرجي!

(ت) اسان جا محقق حضرات، شاعريءَ جي فني ڄاڻائيءَ لاءِ، رديف ۽ قافئي جي دليل لاءِ ساڳئي صفحي (ص 49) تي اڳتي لکن ٿا:

"هن جي دوهي ۾ به اهائي فڪري گهرائي ۽ وسعت آهي." مثال طور اياز جا هيٺيان دوها ڏين ٿا:

**مَن مَن بن آ، جنهن ۾ ناهي ڪنهن بنسيءَ جي تان،**
**آءٌ به ٽوڙيان وينا، ڪيڏو ڦري ويا انسان!**

**وڏي ڇڏي ڪنهن نِڙي نَڙيءَ جي، گهُٽجي ويا آوازَ**
**سياڻا ۽ ويڳاڻا ٿي پيا، سڏڪي سڏڪي سازَ**

**هي ماٺهوءَ جو ٻچڙو، مِٺڙو، ڪري ٿو ڪيڏا ڪيسَ،**
**پوءِ به اسان جي ڳوڙهن آندي، اکڙين ۾ آسِيسَ**

پڙهندڙ، خاص ڪري اياز جا عاشق ۽ سنڌي ٻوليءَ جا مڃيل شاعر فيصلو ڪن، ته مٿي ڏنل دوهن ۾ 'تانَ' ۽ 'انسانَ'، 'آوازَ' ۽ 'سازَ'، 'ڪيسَ' ۽ 'آسِيسَ' لفظ، قافيي طور استعمال ٿيل آهن يا رديف طور؟

## 10

(الف) صفحي 63 کان هن ڪتاب جو نئون باب، "شيخ اياز هڪ غزل گو شاعر" جي عنوان سان شروع ٿئي ٿو. هيءُ باب به ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي صاحب جي Ph.D واري مقالي جو چربو آهي. هن باب ۾ تحقيق گهٽ ۽ شاگردن لاءِ نوٽس وارو نمونو وڌيڪ آهي. هن باب ۾ بنان ڪنهن معياري تحقيق جي، شيخ صاحب جي واکاڻ زياده ڪئي وئي آهي. هن باب لاءِ به يڪطرفي راءِ ڏنل آهي، ۽ شيخ صاحب تي ٿيل تحقيقي ڪم جو مطالعو نظر ئي نٿو اچي. مون شروع ۾ ئي اعتراف ڪيو آهي ته شيخ اياز ويهين صديءَ جي ترقي پسند جديد شاعرن ۾ بيشڪ ممتاز حيثيت ٿو رکي، پر هن ڪتاب ۾ ڏنل راءِ بلڪل يڪطرفي آهي. مثال طور: صفحي 63 تي ڄاڻايل آهي ته:

"بهرحال ڪيئن به هجي، غزل جي اهميت پنهنجيءَ جاءِ تي آهي ۽ اُن جي قدامت تي بحث ڪرڻ هت غير ضروري ٿيندو. آخوند گل کان سنڌي غزل جي اوسر شروع ٿئي ٿي، ۽ شروعاتي سنڌي غزل ۾ فارسي غزل جون سموريون بندشون، تقاضائون توڙي موضوعات موجود آهن، ۽ جڏهن ماحول جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، سو ماحول به اوپرو آهي ۽ ڌاريو آهي. نسبتاً پوءِ جي شاعرن آهستي آهستي سنڌي ماحول، سنڌي معاشرو ۽ سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جي عڪاسي غزل ۾ ڪرڻ شروع ڪئي. جديد سنڌي شاعرن فارسيءَ جا اثرات قبول ڪرڻ کان بنهه انڪار ڪيو ۽ غزل کي نج سنڌي ويس پهرايو، ۽ اياز جديد شاعرن جو اڳواڻ ۽ نمايان شاعر آهي. اُن جو غزل فارسي اثرات کان پاڪ آهي."

(ب) هن حوالي جون پويون ٻه سٽون، بنان تحقيق ڪرڻ جي، هڪ مبالغو سمجهبو. اهي سٽون يڪطرفي راءِ رکن ٿيون ۽ حقيقت کان انڪار ڪرڻ جي برابر آهن. اهو بلڪل صحيح نه آهي، ته شيخ اياز جديد شاعرن جو ڪو اڳواڻ هو. جيڪڏهن ليکڪن جي اها راءِ قبول ڪبي، ته پوءِ مرحوم حيدر بخش جتوئي، ڪشنچند بيوس ۽ ڪيئلداس 'فانيءَ' لاءِ اهي ڇا چوندا، جيڪي ترقي پسند شاعريءَ جا اڳواڻ مڃيا ويندا آهن. هن لاءِ گوبند مالهيءَ جي سوانح عمري ۽ ڀارت ۾ ڇپيل ٻيا به ڪتاب، هر هڪ Encyclopaedia of Indian Literature جو جلد اٺون، جيڪو سنڌي ادب جي باري ۾ آهي، جنهن جو مؤلف پروفيسر ڊاڪٽر گنگارام گرگ آهي. اهڙيءَ طرح ٻيو ڪتاب ڊاڪٽر موتي لال جوتوانيءَ جو آهي، جنهن جو عنوان آهي: A Dictionary of Sindhi Literature اهي ٿيئي ڪتاب انهن پروفيسر صاحبن شايد ڏٺا ئي نه آهن. انهن مان صرف ٻئي ڪتاب ۾ مرحوم حيدر بخش جتوئي ۽ ڪشنچند 'بيوس' جي باري ۾ ڏنل راءِ، نقل ڪري پيش ڪجي ٿي ته جيئن پڙهندڙن کي خبر پوي ته جديد سنڌي ادب جا باني ڪير هئا؟ شيخ صاحب جي ولادت 1923ع ۾ ٿي ۽ ڊسمبر 1997ع ۾ وفات ڪيائين. حيدربخش جتوئي جو جنم 1900ع ۾ ٿيو ۽ وفات 1970ع ۾ ڪيائين. اهڙيءَ طرح 'بيوس' 1885ع ۾ ڄائو ۽ 1947ع ۾ وفات ڪيائين. انهن ٻنهي بزرگن جي وفات واري زماني تائين شيخ اياز اڃا اردو غزل واريءَ شاعريءَ ۾ مگن هو. لهاذا اهو قبول ڪرڻ ۾ ڪهڙو عار آهي، ته جديد سنڌي شاعريءَ جا باني حيدربخش جتوئي ۽ ڪشنچند 'بيوس' هئا، جن فارسي شاعريءَ جي لوازمات کي ترڪ ڪيو هو، ۽ شيخ اياز انهن

شاعرن جي اُسلوب جي تقليد ڪئي. هن سلسلي ۾ هري دورياڻي 'دلگير' ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب اها ئي راءِ ڏني آهي ۽ شيخ اياز پڻ ائين ئي چيو آهي.

انهن راين کان پهرين اهو ڏسجي ته ڊاڪٽر گنگارام گرگ سنڌي ٻوليءَ جي جديد شاعريءَ جي باري ۾ پنهنجي ڪتاب ۾ ڇا لکيو آهي. هُو صفحي 66 تي لکي ٿو:

"Hyder Bakhsh Allahdad Khan, a poet who was born at a small village named Bakho Dero. When he was a student of the D.J. Sindh College, Karachi (in the twenties), he composed 'Darya Shah' (Apostrophe to the River Sindhu) which in its high flights of imagination stands unrivalled to this day. It is a masterpiece work. His poem has reached nearly every Sindhi and the poem is even now recited with glee. He joined service in the Revenue Department and resigned from the post of Deputy collector in 1943 and took keen interest in Politics.

In 1930, he published 'Tuhfa-e-Sindh' (Gift of Sindh) in which his satirical poem 'Shikwa' (complaint to God), after the style of the Urdu poet Muhammad Iqbal, offended the Mullas who got the book banned.

While in the Revenue Department he had to visit rural areas where he saw the miserable condition of the peasants and workers. This naturally drew him towards them. His poems and short stories depict the Lot of the poor people and he was so much attached to the poor masses that for many a time he had to undergo imprisonment in his fight for their cause.

He became the rallying point for those who stood for the peasants and shouted 'Hari Haqdar'. He is a rare man who has deliberately sacrificed not only his job, but also his poetical career, and has been courting imprisonment just for the sake of the poor and the oppressed.

At one time, he was regarded as the most standing of living poets after 'Bewas'. His 'Azadi-e-Qaum' (song of freedom, 1946) reveals him as a revolutionary in politics as also in literature. This is perhaps the first book in Sindhi poetry in which the socialist viewpoint has been presented.

He began as a follower of the 'Sangi School' and then became revolutionary in politics as also in literature.

Besides the above works, he authored 'Hari Kahanyoon' (short stories). Jatoi holds a prominent place in the History of Sindhi Literature.

(ت) ساڳيءَ طرح، ڪشنچند 'بيوس' لاءِ، ڊاڪٽر گنگارام گرگ، پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي صفحي 18 کان 20 تائين لکي ٿو:

"Bewas, Kishincand Khatri, a poet and writer who is the greatest and leading figure in Modern Sindhi Literature, because of the revolution he effected in Sindhi poetry. He was a Primary School teacher and rose to be a Headmaster at Larkana. Despite the fact that his economic condition was not good, he led a cheerful, contented and humble life. The Superintendent in the Teachers Training School caught him composing verses at the age of 16 and prophesied that he would become a great poet. In 1907 he was already a poet.

Bewas was good at play – writing and literary essays as well, but his claim to a monumental place in Sindhi Literature rests on his poetic achievements.

Bewas began hesitatingly with poems for children and dramas for stage. The poems for children are collected under the title of 'shirin shir' (sweet poems) and are the simples and sweetest poems in Sindhi for the juveniles. Bewas at the same time could compose highly complex and intellectual poetry as in 'Samundi Sipun' (sea pearl-oysters), which is regarded his best work. It is full of modern thought.

He cast off the worn-out cliches and common places of Arabic – Persian poetry (which had held Sindhi poetry in thrall for a century) and instead of the moth and the lamp, rose and nightingale and cup-bearer and the ruby wine of Shiraz, turned for themes and for Sindhis to Sindh.

He turned to the realities of life and common themes like a 'Labourer's Cottage.' But it was not a sharp break. Many of the poems of Bewas are written in Persian prosodic verses but his 'Ganga Jun Lahrun' and 'Guru Nanak Jiwan Katha' are written in forms invented by him. These poems do not observe strick rules of Persian prosody. And the eight-lined stanzas of 'Guru Nanak Jiwan Katha' have furnished a new form of narrative verse, to subsequent writers.

His poems are fine and unsurpassed by any poet of the Twentieth Century. He is to be found in every anthology.

But it is his thought and sentiment, diction and imagery that Bewas shows his modernity and progressiveness. He has written some Ghazals, Geets, Dohas and Kafis etc, but they do not form a substantial portion of his work. Even in them, he has avoided hackneyed metaphors and similes. Instead of soaring in the sky, 'beating his Luminous wings in vain', he came nearer earth, expressing the poor man's woes. Khalq (creature) became more important to him than the 'Khaliq' (Creator). In his own words "No service is better than the service to mankind".

He wrote forcefully, in a language which was sweet and melodious, on poverty, death, peasants, workers, the status of women, Hindu-Muslim Unity etc.

The poetic ideals of Bewas were Shah Abdul Latif and Tagore and he has paid tributes to both of them. From Shah he learnt to be truthful, and yet modest. from Tagore he learnt that the poet was not meant to bring sadness into the life of others, but to bring joy in life, and delight in beauty. Bewas conveyed joy in his poetry, and delighted frankly in Beauty, and declared that his mission was to turn a sorrow- stricken world into pure delight, and make it fertile and prosperous. Probably that is why he termed his house "jashan Khana" (Abode of Joy).

A nationalist Bewas was the first to write National songs and during the freedom struggle, his songs were on the lips of everybody. He believed that the highest service consists in sacrificing oneself entirely in the service of the country.

In his diction Bewas uses words of Persian and Arabic origin as easily and unaffectedly, as those of Sindhi or Sanskrit – Prakrit origin, provided they are in current use. He introduced the system of double or compound words in Sindhi poetry.

A whole school of poets has been founded by Bewas. The poets of his school are among the best living poets. Actually Bewas brought a new trend in Sindhi poetry. That's why he is considered as the first 'progressive' poet in Sindhi literature.

The poets he inspired and guided to complete the revolution he had brought about were: Hundraj 'Dukhayal' (born 1910), Hari 'Dilgir' (b. 1916), Prabhu Wafa (b.1915), Ram Panjwani, (b. 1911) and Khialdas 'Fani'.

(هلندڙ)

# بي معنويت ۽ زندگي جو رومانس



ڊاڪٽر غفور ميمڻ

هڪ دفعو آئنسٽائن کان ڪنهن پڇيو، ”جيڪڏهن توهان کي خدا کان هڪ سوال پڇڻ جي اجازت ملي ته ڇا پڇندا؟“

آئنسٽائن جواب ڏنو، ”مان صرف اهو پڇندس، ’توهان ڪائنات ڇو خلقي؟‘ ڇوته انهي جواب ۾ منهنجي زندگي جو مقصد به لڪيل آهي. زندگي ڇا آهي. انهي جو جواب نه عقل ڏئي سگهي آهي ۽ نه ئي ايمان.“

رچرڊ ڪرونر چيو هو،

“I believe because it is impossible.”

۽ ڪرڪيگارڊ چيو هو،

“Faith is an absurdity.”

وڏيڪ چوي ٿو، ”ان ڳالهه تي اعتبار ڪيئن ڪجي، ته هيءَ دنيا جيڪا بي معنويت ۽ واهياتپڻي سان ڀريل آهي. قدم قدم تي تضاد آهن. جنهن ۾ سچ ۽ ڪوڙ جو ٽڪراءُ آهي. اها قادر مطلق ۽ قادر خير تخليق ڪئي آهي. پر جيڪڏهن اسان دهريت ۾ پناهه ٿا وٺون ته پوءِ انسان اجان به بي يارومددگار اڪيلو ٿيو وڃي ٿو. ڇوته زندگي جي ڪابه معنيٰ ناهي. ۽ ڪوبه جوهر ناهي. پر جيڪڏهن ايمان ۾ پناهه وٺون ته پوءِ اهو ايمان ڪهڙو جيڪو جهالت جي پناهه گاهه مان پيدا ٿيو آهي. جنهن کي عقل ۽ تجربي جي ڪسوٽي تي پرکي نه سگهجي. خدا جي متعلق سڀ دليل سواليه آهن. پر اسانجي روحاني زندگي لاءِ ايمان ”Faith“ جي سرسي انهي ڪري ضروري بنجيو وڃي ته انسان کي مڪتي ۽ سڪون ٿو گهرجي.

هيءَ صورت ۾ زندگي ڇڄيو وڃي ٿي. ۽ لاحاصل جدوجهد ۽ بي معنويت جو بوجهه بنجي وڃي ٿي.

سارتر چوي ٿو، ”بي معنويت کان بچي نٿو سگهجي. ۽ نه ئي زندگي جو ڪو فارمولو آهي.“

هيگل چيو، ”انسان جي اها فطرت آهي جنهن کي پنهنجي هجڻ جو شعور آهي. فطرت کان علحده هجڻ جي وجود جو شعور ئي هن لاءِ ويڳاڻپ جو سبب بنجي ٿو.“

جيڪڏهن انسان خود فطرتي ’لقاءُ‘ آهي ته پوءِ ’مفعول‘ آهي. فاعل ڪير ٻيو آهي. مفعول پنهنجي عمل ۽ فطرت سان رشتو جوڙڻ جي ڪوشش ۾ خود فاعل بڻجڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

صوفي چوي ٿو، ”هو ’فاعل‘ بنجي وڃي ٿو. پر وجوديت چوي ٿي، هو ’بي معنويت‘ جو شڪار ٿي پوي ٿو. ڇوته سندس ڪوبه رشتو ۽ عمل حقيقي معنيٰ ۾ اصلي آهي ئي ڪونه. بس ٽرئجڊي اِتان ئي شروع ٿئي ٿي.

انهيءَ ڪري گوتم ٻڌ چيو، ”شين سان دل لڳائڻ يا سندن موهه ۾ ڦاسڻ سان ڏک پيدا ٿئي ٿو.“ انهيءَ ڪري گوتم ٻڌ چيو، ”سروم دڪم دڪم.“

هن جو خيال هو ته زندگي آهي ئي ’ڏک‘ هڪ عظيم ڏک. هندو فلسفي ۾ زندگي نيتي آهي. يعني ڪجهه به نه، ’ٻڙي‘. سارتر به اها ڳالهه ڪئي، ’زندگي هڪ خال آهي. Nothingness آهي. هر لمحي انسان وجد ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، يعني هستي بڻجڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انهي ڪري چئي سگهجي ٿو ته ”Life is Manifestation of being“ انهي جو مطلب اهو ٿيو ته زندگي جو شين سان رشتو رومانوي آهي. حقيقي ناهي. رومانويت هڪ خودفريبي واري چونڊ آهي، جيڪا تخيل ۾ تصور طور اچي ٿي. ۽ سمجهيو ويندو آهي ته اهو عمل يا رشتو منهنجو جوهر آهي. پر اصل ۾ اها خود فريبي آهي.

سارتر چوي ٿو، ”خودفريبي انسان جي قسمت آهي.“ انسان جو وجود خلا ۾ لٽڪيل آهي، جيڪو هر لمحي چونڊ جي مرحلي مان گذري ٿو. ڪڏهن پيار جي چونڊ ڪري ٿو. ڪڏهن نفرت جي، ڪڏهن بادِ صبا سان دِل وندرائي ٿو. ڪڏهن چانڊوڪي ۾ گد گد ٿئي ٿو. ڪڏهن حسن جو انتخاب ڪري ٿو. ڪڏهن عشق جي چونڊ ڪري ٿو. ڪڏهن دولت سان دِل لڳائي ٿو. ڪڏهن اولاد سان، ڪڏهن مذهب ۾ پناهه وٺي ٿو. ڪڏهن سياست ۾ مسلسل انهن عملن مان گذرندي، زندگي جو خاليپڻو ساڻ ڪنيو دنيا مان هليو وڃي ٿو. پر اصل ۾ ڪابه شيءِ هن جي نه هئي. هو پنهنجو جوهر نه پائي سگهيو. جيستائين رهيو خودفريبي ۾ رهيو. پنهنجي سڃاڻپ لاءِ پاڻ کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ ڪئين ڪارناما سرانجام ڏيندو رهيو.

جيترو وجود جي خال ۽ Nothingness جو وڏيڪ احساس ٿيندو اوترو اهو ماڻهو وڏيڪ خود فريبي ۾ پناهه وٺندو. ليلا مجنون جو عشق هجي يا مارئي جي مزاحمت، مومل کي نڪرائڻ جو درد هجي يا نوري جو نياز ۽ عاجزي. سڀ زندگي جا رومانس هئا. رومانس سڀ کان وڏي خودفريبي آهي. ۽ خود فريبي جي جيتري طاقت وڏيڪ هوندي زندگي ڀرپور به اوتري هوندي يعني Vitality خودفريبي کان سواءِ هلي نٿي سگهي. نظرياتي رومانس، عشق جو رومانس يا مايا جو رومانس حد ۾ رهندو ته ماڻهو نارمل رهندو. حد کان وڌيو ته ماڻهو جنون ۾ هليو ويندو. جنون ۾ اچي ماڻهو خوشي سان ڦاهي تي چڙهي سگهي ٿو. درياءُ ۾ ٽپي سگهي ٿو. جبلن جا پنڌ جهاڳي سگهي ٿو. هماليه جي چوٽي سر ڪري سگهي ٿو. هڪ ننڍي ۾ ننڍو عمل به رومانس ۽ خودفريبي آهي. مثال ماڻهو سگريٽ پئي ٿو ته هو پنهنجي زندگي جي خال ۾ هڪ عمل ڀري ٿو. پر جيڪڏهن سگريٽ ڇڏي ڏي ته پوءِ ان خال کي ڪيس ڪنهن ٻي شيءِ سان ڀرڻو پوندو. توهان ڏٺو ته سوويت يونين جڏهن قائم هو ته ماڻهو نظرياتي رومانس ۾ ڦاهي تي چڙهڻ لاءِ تيار هو. پر جيئن ئي نظرياتي رومانس ٽٽو ته گهڻا ماڻهو هن خال کي ڀرڻ لاءِ ڪي تبليغي ٿي ويا، ڪي صوفي ڪي صوم و صلات جا پابند ٿيا. ڪي اديب ۽ شاعر ٿيا. ڪي ڪرپٽ ڪامورا ٿيا. ۽ ڪي ڊپريشن ۾ هليا ويا. پر ڪجهه اڃا به جنوني رومانس ۾ ورتل آهن، ڪو ڪامريڊ لينن ۽ مارڪس جا قول توهان کي ٻڌائيندي نظر ايندو. پر بهرحال ڪو نه ڪو رومانس ضرور آهي. رومانس منفي به ٿيندو آهي ۽ مثبت به ٿيندو آهي. جڏهن جبلت مرگ جو رومانس پيدا ٿئي ته ماڻهوءَ ۾ پيچ ڊاهه پيدا ٿيندي. پاڻ ماري يا ٻي کي ماري. جيئن طالبان آهن. پر جيڪڏهن مثبت رومانس ۾ ويندو ته ممڪن آهي زندگي جي تعمير ۾ لڳي وڃي. جيئن ڪو سائنسدان ٿئي. ڪو انقلابي ٿئي، وغيره. پر هلڪو سلڪو رومانس، خودفريبي ۽ چونڊ جو عمل ئي زندگي آهي. فرض ڪريو ته زندگي جو رومانس ختم ٿي وڃي. خودفريبي جي طاقت وڃائجي وڃي. ۽ چونڊ ڪرڻ ڇڏي ڏي. ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ زندگي Nothingness تي پهچي ويندي. ماڻهو زندگيءَ جي جذبي کان پالهو ٿي ويندو. ۽ سخت ڊپريشن جو شڪار ٿي پوندو. وجودي چوندا آهن نيستي (Nothingness) ۽ مڪمل ڪامل وجود برابر آهن. يعني جيڪو ’مڪمل‘ وجود ۾ آيو اهو ’فاعل‘ ٿي ويو. اهو زمان و مڪان کان بالاتر ٿي ويو. سندس وجود ۾ خدا جاري وساري ٿي ويو. ڪماليت تي پهچي ويو. صوفي چون ٿا، ’اهو ڪشف آهي جنهن کي اسان بيان نٿا ڪري سگهون.‘ پر جديد نفسيات دان چون ٿا، ’اها Mania آهي جيڪا جنون جي هڪ شڪل آهي.‘ شايد اسان وٽ سنڌ ۾ چرين کي درويش يا پهتل ولي به چيو وڃي ٿو. پر جديد تحقيق ۾ اها ڳالهه به سامهون آئي آهي ته شيزوفرينيا ۽ صوفي تجربي ۾ فرق آهي. خير اهو هڪ الڳ بحث آهي. پر ڳالهه آهي ته جيڪڏهن خودفريبي جي رومانس مان ماڻهو نڪري وڃي ته ڊپريشن جو مريض ٿيندو. ڪنهن به شيءِ سان دل نه لڳندي. ڪو لڳاءُ نه رهندو. ڪنهن ۾ به موهه نظر نه ايندو. نه پاڻ سان دلچسپي نه ٻئي سان. ۽ خودڪشي ڪرڻ تي دل چاهيندي. پوءِ ڊاڪٽر ان کي چوندا آهن، ’زندگيءَ ۾ ڪا دلچسپي پيدا ڪر. ڪل يوڳ ڪر. ننڍين ڳالهين کي انجواءِ ڪر. ڀلا ڪو عشق ڪر يا تخليق ڪر. ڪجهه لک.‘

البرٽ ڪاميو به اهائي ڳالهه ڪئي آهي، ”بي معنويت (Absurdity) تخليقيت ذريعي معنويت ڏارڻ جو ڳي بڻجي سگهي ٿي.‘

سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ سڄي دنيا ۾ بي معنويت پيدا ٿي پئي. زندگي جو خال ٻيهر ظاهر ٿي پيو. نتيجي طور نظرياتي رومانس ٽٽي ويو. ان جي جڳهه تي انفرادي رومانس ۽ منفي خودفريبي جنم ورتو، جنهن ڪري اعتدال ختم ٿي ويو. ۽ جنونيت وڌڻ لڳي. دنيا ۾ زندگي جي بي معنويت وڌي ويئي. ڇوته معنيٰ صرف مارڪيٽ کي آهي. ’جوهر، دولت جي واهيات مقابلي بازي آهي.‘ انهي ڪري بي معنيٰ زندگي جو ڪوبه قدر نه رهيو. پاڻ وڪڻو ۽ دولت ڪمايو. ماڻهو ماريو ۽ دولت ڪمايو. وجود جو اظهار صرف دولت ۽ طاقت ۾ ئي وڃي رهيو آهي.

پيار زندگي جو خوبصورت عمل آهي. ۽ عشق جنون آهي. زندگي جو خال جيترو وڏيڪ ظاهر ٿيندو، بي معنويت جيتري وڏيڪ ٿيندي. جنون اوترو وڌندو. تنهن ڪري اڄ جي دؤر ۾ بنياد پرستي، فرقه پرستي جو جنون دولت جو جنون، طاقت جو جنون. ۽ جنسي ڳاراٽي/عمل جو جنون وڌيو آهي. پر ڇوته اهي سڀ شيون زندگي جو جوهر ناهن، زندگي کي فطري معنيٰ نٿيون ڏئي سگهن، انهي ڪري ڪجهه وقت ۾ ئي زندگي جو واهياتپڻو وري ظاهر ٿيو پوي. عشق جو ڀوت به لهيو وڃي ته مذهب ۾ به دل

نٿي لڳي. ۽ جنس ۾ به سڪ نٿو ملي.

ڪارل مارڪس چيو هو، ”محنت کان ويڳاڻپ جو عمل واڌو قدر پيدا ڪري ٿو جيڪو سرمائيدار جي ته تجوڙي ڀري ٿو پر مزدور بي معنويت جو شڪار ٿيو پوي.“ پر حقيقت اها آهي ته مادي آسائشيون، سهولتون به بي معنويت کان بچائي نٿيون سگهجن.

هيگل چيو، ”انسان فطرت جو شعوري لقاءُ آهي. ڪيس ’هئڻ‘ جو احساس آهي.“ معنيٰ جيترو فطرتي ڪلچر ۾ رهندو، اوترو ويڳاڻپ کان بچندو. جديد ٽيڪنالوجي، تڪڙين تبديلين ۽ واهيات مقابلي بازي ۾ انساني روح مريو وڃي. هن جو اندر اڪيلو ٿيو پوي. تڏهن هن جي اندر جو انسان راڙ ڪيو اٿي ته آخر هن بي معنيٰ جيون جو مطلب ڇا آهي؟ جيون ۾ فارمولو به آهي ته رينڊم به آهي. پر ’جديديت پڄاڻان‘ ڪلچر ۽ فطرت جو خاتمو ڪري صرف زندگي کي رينڊم بنائي ڇڏيو آهي. رينڊم صورتحال ۾ صرف جنون ٿيندو آهي. پيار نه ٿيندو آهي. انهي ڪري اڄ جي دنيا ائبنارملٽي ڏانهن راغب آهي.

آئنسٽائن جو سوال اڄ به قائم آهي، ’هي دنيا ڇو تخليق ڪئي ويئي؟‘ مابعدالطبعات جي سمنڊ ۾ انسان گوتا ڪائي وري به اتي ئي بيٺو آهي. انهي ڪري شايد ول ڊيورانٽ چيو هو، ’علم جي شروعات به حيراني کان ٿئي ته وريو علم جو انت به حيراني تي.‘ پهرين حيراني جهالت واري ۽ ٻئي حيراني عرفانيت واري.

جيون اهڙو ئي سوال آهي جنهن جو جواب هر ماڻهو کي ڳولڻ جو حق آهي. مابعد الطبعاتي (ميٽافزيڪل) سوال صرف باشعور ماڻهوءَ کي ئي پريشان ڪري سگهن ٿا. ماڻهو جيترو حساس هوندو، شعور به ايترو ئي وڌندو ۽ زندگي، ابديت، فنا، بقا، ڪائنات آخر ۽ اول بابت سوال ڪڙا ڪندي. مسلسل هورا ڪورا ۾ جيون جو رومانس ٽٽي سگهي ٿو. ۽ ماڻهو مڪمل حقيقت (Pure Reality) ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. انهي ڪري شاهه لطيف چيو،

**”الله ڏاهي مَ ٿيان ڏاهيون ڏک ڏسن.“**

۽ ڪبير ڀڳت چيو،

**”جانت ڪو دک هي، اجانت ڪو سکراج،**
**مورک بيچارا ڪيا جاني، جنين پيٽ پرڻ سي ڪاج.“**

ڳالهه صرف ايتري آهي ته جانور کي مابعدالطبعات جا سوال ڪونه سُتائين، جيترو جاهل کي. هو عقل يا منطق کان پاسو ڪندو. جڏهن ٿورو ڄاڻڻ لڳندو ته پاڻ پڏائيندو. غرور ڪندو. پر جڏهن عرفانيت تي پهچندو ته سرِ نمائي بيهي رهندو، ’آئون ته ڪجهه به ناهيان. ۽ نه ئي ڪجهه ڄاڻان ٿو.‘ ڏاهپ ڌار شيءِ آهي. تعليم الڳ آهي. پر معلومات الڳ آهي.

جديد ٽيڪنالاجي صرف معلومات (Information) ڏئي ٿي، ان جو ڏاهپ سان ڪوبه تعلق ناهي. ڏاهپ صرف تڏهن ملي سگهي ٿي جڏهن زندگي جي عظيم ڏک کي محسوس ڪجي جنهن لاءِ شاهه لطيفؒ چيو آهي،

**آڏ تراڇا آهڙا، ڏونگر ڪي ڏارون**
**هينئڙو هيرڻ پن جيان، ڦُٽي ٿيو ڦارون**
**ڪنهن کي ڏيڪاريون، ڪونهي سوداگر سور جو.**

زندگي جي بي معنويت ۽ جيون جو رومانس ٽٽڻ جو جواب تاريخ ۾ صرف تخليق ۽ تعمير سان ڏنو ويو آهي. تعمير انسان ۽ انسانيت جي تعمير ڪري ٿي. ۽ تخليق هڪ نئين دنيا خلقي ٿي. باقي ٻي ڪا به واٽ ناهي. (No exit) ■



# حسين جاگيراڻي جي شاعري

جاهل ترين آهيان
مان بهترين آهيان
زرخيز ڪنهن خطي جي
بنجر زمين آهيان
منجهه هيترن حسينن
مان ئي حسين آهيان
هر برتري جو منڪر
مان ڪمترين آهيان
او عشق آئون تنهنجو
ها نڪته چين آهيان
دنيا ڪٿي نه آهيان
دل آهيان دين آهيان
بي داڳ زاهدن جي
داڳيل جبين آهيان
ناهيان ڪٿي فريبي
پر بدترين آهيان
بي پردگي جو قائل
پردا نشين آهيان
هونئن خشڪ هان بظاهر
طبعن رنگين آهيان
مان ئي ’حُسين‘ آهيان
مان ئي حسين آهيان.

مون کي تنهنجي مدد ڪرڻ گهرجي
۽ تون منهنجي مدد ڪرين پيئي
منهنجي تن ۾ بخار ٻڏجي تون
منهنجي ’بانو‘ ڀريو ڀرين پيئي
جست جو ڇڻ گلاس آهيان مان
مون کي پيئن پئي پرين پيئي
منهنجي اندر ۾ دور تائين وڃي
ڪيڏو جلدي وري ورين پيئي
آئون تنهنجي مٿان جيئان ٿو پيو
۽ تون منهنجي مٿان مرين پيئي.

ڇا ٿي سوچين ڏسي، مان ڀڳو ٿو وڃان
مختصر زندگي، مان ڀڳو ٿو وڃان
ڪوبه هوشيار مون جهڙو، جڳ ۾ نه هو
او منهنجي سادگي، مان ڀڳو ٿو وڃان
جيترو ٿي سگهيو مون نڀايو آ
توسان ناتو مٺي، مان ڀڳو ٿو وڃان
سونهن جو سَنُهه اٿئي، منهنجي پويان نه اچ
پورڙي ڇوڪري، مان ڀڳو ٿو وڃان
تنهنجي ميدان مان، ايڪلو ئي
او محبت مٺي، مان ڀڳو ٿو وڃان
دشمني ڇا دماغي ڪا خشڪي هئي
ڇا هئي دوستي، مان ڀڳو ٿو وڃان
تنهنجي در تي، هزار پهرا ڏسي
تنهنجو چهرو ڏسي، مان ڀڳو ٿو وڃان
اک ۾ ڪک ۽ ڪُک ۾ ڪانُ آ
ڪنڌ ۾ آ ڪِلي، مان ڀڳو ٿو وڃان.

تون به مصروف ٿي وئينءَ آخر
آئون واندو اڃا به ساڳيو ئي
جهڙو ڏهه سال آئون، پهريان هوس
منهنجي جاتان اڃا به اهڙو ئي
ڪوبه ڪم ڪين ٿيو ڪڏهن مون کان
ڪوبه ڪم ڪوبه توڙي نديڙو ئي
عشق ۾ ڀي جي مت رهي قائم
جوبه تنهنجو آ سو به تنهنجو ئي
ڪجهه ته ڏي ڪجهه ته ڏي حبيبان تون
ڪجهه ته ڏي مون کي پل ته ڏوڪو ئي
هاءِ تنهنجون نندڙيون اکڙيون
جن ۾ جاڳي ٿو هڪڙو سپنو ئي
تنهنجي هن باوقار محفل ۾
نيٺ هي بي وقار پهتو ئي
جو به منهنجو، اهو ٿئي تنهنجو
تنهنجو سڀ ڪجهه ته منهنجو هوندو ئي. ■

# سون- سريڪا هٿ...



شوڪت لوهار



“They are lilted, ill-clad, and don‘t enjoy any recreation. Their life is one of all work and no plays; so much so that their sickness is regarded as play. The poor working men wear tattered rage and are exposed to the biting cold of winter.”

*(John Ruskin Crown of wild olive Book: work)*

”انهن جو ڪو به ڏٺي سائين ڪونهي. ڦاٽل ڪپڙا نه رونهن نه ورونهن. سندن زندگي بس مزدوري جو نالو آهي. راند روند کان بلڪل خالي. اهڙي اذيتناڪ جو سندن روڳن کي سندن ورونهن جو اهڃاڻ ڄاتو وڃي ٿو. ’مزدور‘ سياري جي چڪيندڙ پارن ۾ ليڙون ليڙون ڪپڙا پاتل مزدوري ۾ مصروف ڏسجن ٿا.“

مٿيون سٽون جان رسڪن جي ڪتاب “Crown of wild olive” جون آهن جنهن ۾ رسڪن مزدورن جي اذيتناڪ زندگي بابت پنهنجي جڳ مشهور ليڪچر work ۾ ذڪر هيٺ آنديون آهن. ارڙهين صدي ۾ برطانيه ۾ سامراجي قوتن ۽ سرمائيدارن جيڪي ڪهر ڪيا ۽ مزدورن تي جيڪي اذيتون ۽ ڪربناڪيون ڪيرايون انهن جو ذڪر جان رسڪن کانسواءِ ٿامس ڪارلائل پڻ تمام سٺي نموني ڪيو آهي، جيڪو پنهنجي اعليٰ پايي جي نثر جي ڪري انگريزي ادب ۾ هڪ معتبر نالو آهي.

لينن پنهنجي عظيم تصنيف، “The state and the revolution” ۾ خوبصورتي بابت ڳالهائيندي چئي ٿو، ’جنهن به شيءِ تي پورهيو ٿيل آهي اها خوبصورت آهي.‘ هن مطابق، ’پورهئي جو ٻيو نالو خوبصورتي ۽ خوبصورتي جو ٻيو نالو پورهيو آهي.‘

ڪو فنڪار جيڪڏهن رياضت ڪري ٿو. سر ۽ لئه جي هنر کي سمجهي ٿو ته سندس آواز جي خوبصورتي پورهئي جي ڪري وجود ۾ اچي ٿي. ڪو ڪنڀار چيڪي مٽي کي پنهنجا هٿ آڇي ٿو ته ان مان خوبصورت ٿانو جُڙي پون ٿا. ڪو لوهار لوهه جهڙي سخت شيءِ کي پگهاري ٿو ته ان مان انسانيت جي آساني لاءِ ڏاٽا ۽ مترڪا ٺهي پون ٿا.ڪو سونار جيڪڏهن سون جهڙي قيمتي ڌاتو کي پنهنجي هٿن جي عظمت بخشي ٿو ته ان مان ڪيئي خوبصورت زيور ٺهي پون ٿا جيڪي عورتن جي سونهن جو مثال بڻجن ٿا. ڪو شاگرد محنت ڪري ٿو ۽ پنهنجي مقصد لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ٿو ته هو ٻين سيني کان وڌيڪ اسڪور ڪري سرهو ٿئي ٿو.انهن سيني مثالن جو ڪارڻ پورهيو ئي آهي ۽ پورهيو خوبصورتي کي جنميندو آهي. خوبصورتي جيڪا سک آهي خوشي آهي ۽ خوشحالي آهي.

مائيڪل اينجلو جا هٿ جيڪڏهن مئل پٿرن کي نه ڇهن ها ته اسين اهڙا خوبصورت sculpture ڪٿي پسي سگهون ها؟ هو ڪيترن ئي سالن تائين ڪوازن تي پُٺي پر ليٽي پٿرن ۾ ساهه وجهندو رهيو. ۽ پنهنجي مترڪي ۽ ڇيٽي سان مئل پٿرن مان باغ عدن Eden Garden ۽ Adam ۽ Eve جي انمول پٿرن کي اهڙي صورت بخشي ٿو. اينجيلو کي پنهنجي تخليق ۽ پورهيي تي ناز ته ڏسو جو هو انهن بتن کي مخاطب ٿي چوندو هو، ’تون مون سان ڳالهائين ڇو نه ٿو؟‘ اهو سڀ ڪجهه پورهيي جو ئي ڪمال آهي. دنيا جو عظيم مصور پڪاسو Picasso کي جڏهن رنگ هٿ ڪو نه لڳا ته هن گلاب جي گلن کي پنهنجي هٿن تي ملي پنهنجي آڱرين سان رنگ پري بتن تي اهي ناياب نقش چٽيا جنهن تي اڄ به پورو جهان رشڪ ڪري ٿو. جڏهن ليوناردو ڊوانچي جو تصور هٿن جي جنبش وٺي ٿو ته موناليزا جي لافاني مرڪ برش جي هڪ ئي شيڊ سان دنيا کي دنگ ڪري ڇڏيو. وانگاف Vangoush جڏهن پنهنجي خوابن کي ڪئنواس جو پاڪر پارائي ٿو ته سورج مکي جا ڦول دنيا جو شاهڪار بڻجي پون ٿا.

مزدورن جا مٽي هاڻا هٿ جڏهن سنگ مرمر کي ڇهن ٿا ته تاج محل جهڙو عجوبو تخليق ٿي پوي ٿو. هي مترڪن ۽ تيشن وارا هٿ انسان جي عظمت ۽ اڏولتا جو ڪيڏو نه حسناڪين پيريو اهڃاڻ آهن. فرهاد جي روپ ۾ هڪ تيشي جهڙي ننڍڙي اوزار سان پٿر مان کير ندي وهائڻ ۾ محبت ۽ پورهيو ٻئي مجسم آهن. محبت محبوب لاءِ پٿر ٽڪڻ جو مشڪل، ناممڪن ۽ اڻ ٿيٽو عمل پورهيو ان جي ارادي کي جلا بخشڻ ان جي عمل کي مضبوط ڪرڻ ۽ شيرين کي پٿر مان کير ندي وهائي ڏيکارڻ ۾ عاشق جو اڻ ٽٽ همزاد-پورهيو. مصر جا احرام جن ۾ مَڻ نه پر ڪيئن ٽن وزني پٿر گڏ ڪيل آهن ۽ انهن هزارين ٽنن جا مينار ٺهيل آهن جيڪي مصري تاريخ جا خوبصورت اهڃاڻ آهن. اهو سڀ ڪجهه هن ماڻهو جي پتڪڙن هٿن جي ڪاريگري ۾ لڪل حسن جو مجسمِ ڪمال آهن. ديوار چين جيڪا چنڊ تان ڏسجندڙ ڌرتي جي واحد نشاني آهي سا به ڪئين پورهيتن جي اڻ ٿڪ پورهيي جو ڪمال آهي. رني ڪوٽ جو طلسماتي پتون پٽراوان تلاءُ سڀ ڪجهه پورهيي جي مرهون منت آهن. موهن جو دڙو جي عظيم تهذيب سميريا، بابل نينوا سڀ جيڪڏهن ڪن اهڃاڻن ۾ اسان تائين پهتيون آهن ته اِهو سڀ پورهيي جي ئي عظمت جي ڪري پهتيون آهن.

انساني خدمت ٻن طريقن سان پورهيي کي ظاهر ڪري ٿي. هڪ ته ماڻهو پورهيو ڪري ڪو وکر ڪا شيءِ Commodity ٺاهي ٿو انهيءَ سان ٻين انسانن کي خدمت Service حاصل ٿئي ٿي. ٻيو ته انسان پنهنجي جسماني حرڪت سان خدمت Service مهيا ڪري ٿو. مثال ريلوي پليٽ فارم تي قُلي اسان جو سامان کڻي ٿو اسان لاءِ آساني پيدا ڪري ٿو بدلي ۾ اسين ان کي اجرت ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڏيون ٿا يا اسان جي گهرن ۾ جيڪو عورتون (ڪم واريون) پورهيو ڪن ٿيون. ٿانءُ ٻهارو ڪن ٿيون ۽ وڏن بنگلن جون بيگمات نڪمائي جي ڪري پوءِ شگر ۽ بلڊپريشر ۾ مبتلا ٿين ٿيون اهي سڀ انساني خدمت Human Service جا مثال آهن.

سرمائيدار وري انساني اجرت کي خريدي ٿو. هو انسان جي خدمت جو مالڪ بڻجي ٿو ۽ ماڻهو جي ڪيل پورهيي جو ان کي اجوري جي صورت ۾ تمام گهٽ حصو ڏيئي ٿو، جنهن سان پورهيتن جو استحصال ٿئي ٿو ۽ نتيجي ۾ پورهيت استحصال ٿيندڙ ۽ سرمائيدار استحصال ڪندڙ سڏجي ٿو پر ٻولي ۾ به بورجواديت ٿئي ٿي. مثال طور: جيڪو انسان هر ڪاهي ٿو ان اپائي ٿو. فيڪٽري ۾ پنهنجي جان جو ڪم ۾ وجهي ٿو ان کي مزدور، هاري پورهيت نه پر ’ملازم، Employ‘ سڏيون ٿا ۽ استحصال ڪندڙ کي آبادگار Grower زميندار Land lord چئون ٿا. سچي تاريخ ائين درٻاري حوالن سان پري پيئي آهي. تاج محل مغل شهنشاهه شاهه جهان پنهنجي هٿن سان سرون ڪڍي تغاريون کڻي پٿر ڪٽي ڪو نه ٺاهيو هو بلڪه هي عظيم عمارت جيڪا عورت کي ڏنل دنيا جو عظيم ۽ واحد تحفو آهي سا مسڪين مٽي هاڻن پورهيت هٿن جوڙي هئي. جڏهن تاج محل جڙي رهيو هو تنهن وقت ته شاهجهان پنهنجي ملڪه نورجهان جي زلف پريشان کي سلجهائڻ لاءِ ڪنهن طوائف جي ٺمري جي ٺمڪن ۾ گم هو. ڪم ته ويچارا، واداءِ رازا ڪري رهيا هئا. مصر جا فرعون ته ماڻهن جي ڪلهن تي چڙهي احرامن جي ڪم جو نظارو ڪري رهيا هئا. پورهيو ته ماڻهو جي هٿن جي حرڪت سان ٿي رهيو هو پر ڇا ڪجي؟ ديوار چين پل

مزدورن جي هٿن جي خوبصورتي جو اهڃاڻ آهي. احرام پل سنگتراش مزدورن جي ڪٽن پورهيي سان اتي ڪڙا ٿيا. تاج محل پل معصوم ماڻهن جي محنت جو ميراث صحيح پر نالو همش فرعونن شاهجهانن، زيانگ خاندانن جو ئي ظاهر ٿيو آهي. سرمائيداري تاريخ هميش تاج محل اڏيندڙ انسانن جا هٿ پئي ڪٽيا آهن. تاريخ هميش سچ جي واٽ تي هلندڙ ماڻهن ڪي گهاڻن ۾ پيڙايو آهي. اسان سڀ درٻاري تاريخ جي ڌوڙ ۾ لٽجي ويا آهيون اسان جون اکيون انڌيون ٿي ويون آهن. وڏن وڏن عمارتن، اجگر مشين ۽ انسانن جي سک ۽ سهنج پيدا ڪندڙ پورهيت ۽ مزدور ماڻهن ڪنهن ٻه تاريخ ۾ نالا نه ٻڌايا ويا آهن. سائين بوردن تي هميش وڏن وڏن ڊنگ ٺيڪيدارن جا نالا ۽ فوٽا ئي هوندا آهن. افتتاحي تختين ۽ سنگ بنيادن تي هميش بدست مبارڪ فلاڻو خان ۽ لارڊ. پر پورهيت جو نالو بنهه نه.

اسان وٽ ماڻهو جي قد ڪاٺ ماپڻ جا ماڻ ماپا ٻه پنهنجي پنهنجي طريقن جا ٺهيل آهن. ماڻهو جي اسڪل سان ڪو ٻه سروڪار ناهي. بانسري جي سر ۽ لئه ڪي خريد ڪري چند منٽ جهومڻو آهي. بانسري ۾ وڄندڙ ساهن ۾ ڪيڏا خنجر ڪپيل آهن ان سان ڪو ٻه سروڪار ڪونهي؟ مرلي وڄي تماشو ٿئي نانگ ڏسڻو آهي. مرلي جي آواز مان ٿمندڙ بک، افلاس، مجبوري، لاچاري ڪٿي نظر آئي؟ پرائيويٽ اسڪولن جي نالي ۾ ڪڪڙين جون ڪڏيون ڪولي مسڪين ماسترياڻين جي مجبورين ڪي قيد ڪرڻو آهي؟ سندن خدمت عيوض سڄي مهيني جو پگهار اڃ وڃ جي ڪراين جي قد ڪاٺ ڪان وڌائڻو ناهي؟ ٻاهر ڏيکاري وري سماج سڌارڪ، سماج خدمت، هڏ ڏوڪي، پورهيت دوست اهڙو طبقو پورهيت دوست نه پورهيت دشمن آهي. پورهيتن تي جبر ۽ تشدد آهي. روڊن جي چوراهن ۽ فلاءِ اوورن جي هيٺان ويٺل رنگ برش هٿن ۾ جهليل، تيشن ۽ ٽيڪمن سان پنهنجي معاشي اجگر ڪي مارڻ لاءِ اڏول انسان وقت جا اڪبر ۽ شاجهان بلڪ انهن جي عظمت ڪان گهٽا مٿانهان آهن پر اسان جي ڪارپوريٽيڊ ڪٽ چڙهيل ذهن ۽ گلوبل ڪلچر جي همنوا تدريسي علم تائين محدود سوچ ڪي اهي مٽي هاڻا هٿ ۽ ڦاٽل ڪپڙن وارا پورهيت Vits ۽ Swift جي سائيڊ شيشن مان ڪٿي ٿا نظر اچن. ڪيسونوزده انسانن جي دل ۾ صرف پاڻ تائين محدود ٿيل دنيا ۾ مجبور پورهيتن جي مفلسي جو ڪهڙو درد؟

انهيءَ ڪري ئي پائلو فراري پنهنجي تصنيف ۾ لکي ٿو، ’انگن اکرن جي علم ۾ ڦاٿل ماڻهو تخليقي سگهه ڪان واجهيل هوندا آهن، انهن لاءِ زندگي صرف واڌو ڪاٽو تائين محدود هوندي آهي. هو انساني پورهيي جي خوبصورتي پسڻ/ پڙهڻ ڪان وانجهيل هوندا آهن.‘

ڏاٽن، مترڪن، تيشن ۽ ٽيڪمن جي ميلاپ سان نڪتل پورهيت جي آواز ڪي پنهنجي سرمائيداراڻي ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ سان ختم ڪرڻ يا گهٽ ڪرڻ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪرڻ استحصالي طبقي جي پل آهي؟ هر نمرود لاءِ ابراهيم جو هجڻ ضروري آهي هر فرعون لاءِ موسيٰ جو وجود اٽل آهي. هر زار لاءِ ڏاٽن ۽ مترڪن جو گيت موت جي بگل جيان آهي. هر سرمائيدار جي انگي اڪري اجگرن ڪي سماجواد اجرين نيرين ندين ڪي آخر پار ڪرڻو پوندو. هر استحصالي قوت جي ڪاري انڌيري رات جو انت اوس اچڻو آهي. ۽ ان ڪاري رات ڪانپوءِ روشن پرنور مهڪندڙ مک واري پورهيت جي پرهه ڦٽڻي آهي ۽ پورهيتن ڪي ڏاٽا اُپا ڪري ڪيئي خوشي جا گيت ڳائڻا آهن جيڪي گيت سڄداسي چانورن جي مهڪ ۽ مترڪن جي مڌر سرن جو سنگم آهن. ■

# سنڌ جو نئون جنم – تعليم سان. . .

**شوڪت لوهار**

علم انسان لاءِ ائين ضروري آهي جيئن جيئرو رهڻ لاءِ هوا، پاڻي ۽ کاڌو. صحتمند معاشرن جو بنياد علم جي حاصلات. ڪوجنا ۽ علمي دنيا ۾ نيون راهون تلاش ڪرڻ سان ممڪن ٿيو آهي. دنيا ۾ هي جيڪا هيڏي ترقي ٿي آهي سا ٻه انسان جي علم جي اڳيرائي جي ڪري ئي ممڪن ٿي آهي. علم حاصل ڪندڙ معاشرا تنزلي مان ترقي جا اهي ڏاڪا چڙهيا آهن، جن لاءِ ماڻهن ڪڏهن سوچيو ٻه ڪونه هو. جاپان جيڪو ٻي جنگ عظيم ۾ تباهه ٿي ويو هو، آمريڪا سميت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ان جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ تمام گهڻن پئسن جي آڇ ڪئي، جيئن سندس ڪندبر ٻڏيل شهر هيرو شيما ۽ ناگاساڪي وري جڙي سگهن. اِها حقيقت آهي ته آمريڪا سميت سڄي دنيا ڪفارو ادا ڪرڻ پئي چاهيو. پر جاپان جي قوم انهن جون سڀ آڇون ٺڏي ڇڏيون. اِهو چئو، ’اسان ڪي اوهان جي امداد جي ضرورت نه آهي. بس اوهان اسان ڪي پنهنجون درسگاهون وري ٺاهي ڏيو. جيڪي ايٽم بمن جي بمباري ڪارڻ تباهه ٿيون آهن. اسان ڪي لائبريريون وري اڏي ڏيو ۽ تجربي گاهون وري ٺاهي ڏيو، باقي اسان پاڻ سنڀاري وٺنداسون.‘ اسان توهان ڏٺو جاپانين جي جرئت ڪيرون لهڻي، جو اڄ جديد ٽيڪنالاجي خاص طور اليڪٽرونڪس جي حوالي سان جاپان هِڪ وڏو نالو آهي. ان جو سبب صرف ۽ صرف تعليم ئي آهي.

’لفظ‘ مان مراد ذهني نشونما ۽ ’هنري اڳيرائي‘ Applied جي ڳرئي آهي. جنهن سان قوم شعوري سگهه حاصل ڪري دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ٿيندڙ ترقي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي سگهي ٿي. تعليم مان اسان جي مراد شعوري اڳيرائي، جديد ٽيڪنالاجيڪل Skilled ۽ ديس ۾ موجود وسيلن مان فائدو وٺڻ آهي جيڪو يقيني طور قابليت حاصلات ڪانسواءِ حاصل نه ٿو ٿي سگهي.

تعليم، علم ۽ ڄاڻ مان اسان جي مراد اهڙو علم جنهن سان اسان ڪي پنهنجي ثقافت، تهذيب تمدن ۽ انسانيت بابت خبر پيئي ۽ انهيءَ ڪان علاوه اسين مقامي، ڏيهي ۽ پرڏيهي سطح تي موجود علمن جهڙوڪ تاريخ، رياضي، ميڊيڪل، انجنيئرنگ، ڪمپيوٽر ۽ ٻين مکيه سائنس بابت جيڪي علم آهن انهن سان پاڻ ڪي مسلح ڪري سگهون. اسان وٽ پڙهيل ماڻهو ”Literate“ جي وصف مختلف دورن ۾ مختلف رهندي آئي آهي. پاڪستان ۾ مکيه طور چئن تعليمي پاليسين وڏو ڪنٽريبوٽ ڪيو آهي. شروع شروع ۾ پڙهيل ماڻهوءَ جي وصف اِها هئي، ’جيڪو ماڻهو اخبار پڙهي ڄاڻي ۽ هڪ سادو خط تحرير ڪري ڄاڻي تنهن ڪي پڙهيل Literate چئبو هو. بعد ۾ ان شخص ڪي پڙهيل ڳڙهيل سمجهيو ويو جيڪو سادي ڳڻپ موجب اخبار ۽ خط جي مرحلن مان پار پوي. هاڻ جيڪو ماڻهو اخبار ٻه پڙهي، خط ٻه لکي سگهي، انگن اکرن بابت ٻه ڄاڻندو هجي ۽ جنهن ڪي ڊبار ڪرڻ ۽ ڪمپيوٽر هلائڻ ٻه ايندو هجي، اهوئي پڙهيل ليکبو.

وقتن فوقتن اِهي تعليمي پاليسيون تبديل ٻه ٿينديون رهيون آهن، جن جو اثر سڌي ريت معاشي ترقي ۽ تنزلي تي پڻ ٿيندو رهيو آهي. پڙهيل ماڻهن جي جٿي يا هنري طور پاڻ مڃائيندڙ ڪي ٿلهي ليکي (انساني سرمايو (Human Capital چئبو آهي. سرمائي جا ٻه مکيه قسم آهن، هِڪ انساني سرمايو ۽ جسماني سرمايو Physical Capital.

**انساني سرمايو Human Capital:** هي دراصل ڪنهن ٻه قوم جي قابل ۽ شعوري طرح اڳيرائي وارو اهڙو جٿو ٿئي ٿو، جنهن سان قوم جي ڪيترين ئي ڏکيائين مشڪلاتن جو حل ڪڍي سگهجي ٿو. مثال طور جيڪڏهن ملڪ ۾ ڊاڪٽر ۽ تمام وڏا سٺا ڊاڪٽر جيئن سرجن وافر مقدار ۾ هوندا ته ڏيهه ۾ موجود مڙني روڳن جو سولائي سان علاج ٿي سگهندو. انجنيئر جهجهي تعداد ۾ هوندا ته ملڪ ۾ ٻين ڪيترن ئي Problems ڪي نبيري قابو پائي سگهبو. سٺا استاد هوندا ته درس ۽ تدريس جو عمل بهتر نموني ٿي سگهندو.

**جسماني سرمايو:** جسماني سرمائي Human Capital ڪي اسين مشينري يا آلات ڪوٺي سگهون ٿا. ملڪ ۾ جيتري سٺي مشينري هوندي اوترو اسان ڪي طبعي ۽ ٽئڪنيڪي حوالي سان سولايون ٿينديون ۽ مُلڪ ترقي ڪري سگهندو. جسماني سرمايي تي انساني سرمايي ڪي فوقيت حاصل آهي جو جسماني سرمايو يا مشينري خراب ٿي وڃي ٿي، جڏهن ته انساني سرمايو، سرمائي جو اِهو ڳر آهي، جيڪو وقت گذرڻ سان بهتر ڪان بهتر ٿيندو رهي ٿو. ان لاءِ جيڪڏهن ملڪ ۾ تعليمي معيار بهتر هوندو ته يقينن ملڪ هر حوالي سان ترقي ڪري سگهندو.

اسان جي تعليمي سرشتي ۾ تمام گهڻيون اوڻايون آهن، جن جو تدارڪ ٿيڻ لازمي آهي. ٻي صورت ۾ اسين ٻين ترقي يافته ملڪن جي ته ڳالهه ڇڏيو پر پاڙيسري ملڪن هندوستان سريلنڪا ۽ بنگلاديش ڪان ٻه پٺتي رهجي وينداسون. انهن اوڻاين ۾ هڪ ته تعليمي تفريق(Discrimination) موجود آهي. پئسي واري طبقي لاءِ تعليم ٻي آهي ۽ غريب ماڻهو لاءِ تعليم ٻي، اهي ٻئا معيار ڏيهي حوالي سان پڻ گهڻين خرابين جو ڪارڻ بڻجن ٿا. ملڪ جي سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم جو معيار غير اطمينان بخش آهي. سرڪاري اسڪولن ۾ اسڪول ڇڏڻ جو Dropoutسيڪڙو تمام گهڻو آهي. ٻارڙا پرائمري ۾ ئي اسڪول ڇڏيو وڃن، اسڪولن جون عمارتون گهٽ آهن، ڪي زبون حال آهن، ڪن ڪي

چوديواري ڪونهي، ڪي وڏيرن جون اوطاقون ۽ وٿاڻ آهن، ٻارڙن جا مائٽ پڙهائڻ ڪان وڌيڪ ٻارڙن کي ڪنهن odd job لاءِ چون ٿا ۽ ان مان ڪجهه نه ڪجهه پئسا ڪمائي گهر ۾ Contribute ڪن ٿا. ٻار پڻ اسڪولن ۾ استادن جي سختي ۽ جسماني سزا جي خوف کان اسڪول ڇڏڻ لاءِ راضي ٿيو پون، نصاب به تمام گهڻي توجه جو طلبگار آهي. امتحاني طريقو Examination System خاص طور سنڌ ۾ ڪاپي ڪلچر جي وڻ ويڙهي جي ور چڙهيل آهي، جنهن مان جند ڇڏائڻ لاءِ رايا، تجويزون ته گهڻيون ئي ڏجن ٿيون پر امتحاني ڏينهن تي ساڳيا لاٿون ساڳيا چگهه، ڏڳو پير پيران! ان ڪانسواءِ اسان وٽ پنهنجي ثقافتي ۽ علائقائي، قبيلائي سرشتن ۽ روايتن جي پاسداري ۾ اسين نياڻين جي تعليم جي حوالي سان تمام گهڻو پوئتي آهيون. نياڻيون جيڪڏهن پرائمري تائين پڙهيون ته به گهڻو ٿيو، پر اسان وٽ اسڪولن ڪي چوديواري ۽ واش روم وغيره جي ڪوٽ، انهيءَ ڪانسواءِ مائٽن وٽ اهو جواز ته ”ڌيءَ آهي پرايو ڌڻ سو هڪ ڏينهن وڃي پرايو گهر وسائيندي تنهنڪري ان تي پئسا سيڙائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“ اهڙي قسم جا دليل نياڻين جي تعليم ۾ رڪاوٽ آهن. ان ڪانسواءِ اسان جو سماجي تاڃي پيٽو ڪجهه اهڙي بناوت جو آهي، جيڪو پڻ نياڻين جي تعليم ۾ رڪاوٽ ٿئي ٿو. تعليمي فائدن مان اسين اڻ واقف آهيون.

ملائيشيا مهاتير محمد کان اڳ ۾ ڪهڙي حالت ۾ هو ۽ اڄ اوهان ملائيشيا جي حيثيت ڏسو؟ ساڳي ريت ڪيترائي اهڙا ملڪ آهن جيڪي صحيح اڳواٽي ۽ تعليم کي پنهنجي لاءِ اوليت ۽ اهميت جو ڳوڙ ڪر سمجهڻ ڪري ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پهتا آهن. ورهاڱي کان اڳ عوامي جمهوريه چين کي آفيمي قوم چئبو هو. ڪامريڊ مائوزيتنگ جي لکڻين مان خبر پوي ٿي ته چين ۾ هنن کي ڪيڏي محنت ڪرڻي پيئي، جو هڪ هنڌ هو لکي ٿو، ’ماڻهو گند جي ڍير ۾ آفيم پيو پريا پيا هوندا هئا.‘ انهن کي اهو ٻڌايو ويو، ’صفائي به ڪبي آهي.‘ سين ياتين ۽ ٻين ڪامريڊن کي چين جي موجوده صورت ۾ آڻڻ لاءِ تعليم کي پنهنجي Priority بنائڻو پيو. اڄ چائنا دنيا جي معاشي سپر پاور جي حيثيت تائين وڃي پهتو آهي. سڄي دنيا جي اڌ جيتري آبادي هڪ ملڪ پالي ٿو ۽ ڪنهن سان جهيڙي جهٽي ۾ به ناهي. چين هينئر ايرنڊڙ طاقت آهي. علمي حوالي سان تمام گهڻو اڳتي آهي. يوٽيوب جهڙي ڪارائتي شيءِ ايجاد ڪرڻ وارا بنگالي پڻ تعليمي ميدان ۾ ميدان ماريو بيٺا آهن.

اسان جي معاشي پونچال ۽ سماجي پيچ ڏاهه جو هڪ وڏو سبب تعليم کان هٽڻ آهي. ادبي حوالي سان پڻ ڪوالٽي واري ڪم جي تمام گهڻي ضرورت آهي. قليچ، محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ اياز، سائين جي ايم سيد ۽ ٻيا اڻ ڳڻيا اهڙا نالا آهن جن لاءِ انگريزي زبان تي عبور هجڻ ڪارڻ علمي ادبي ميدان ۾ اهي اهي ڪاميابيون ماڻيون آهن، جن لاءِ اسين فقط سوچيندا ئي رهجي ويندا سين. اسان جي حڪمرانن کي تعليم بابت وري سوچڻو پوندو. ايندڙ اليڪشن ۾ تعليم کي پنهنجي چونڊ منشور ۾ سرفرست رکڻو پوندو، پوءِ ئي اسين جديد دنيا ۾ پاڙيسري ملڪن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائڻ جهڙا ٿينداسين.

lohar_shokat@hotmail.com



# سنڌي ٻوليءَ جي اوسر...

رضا لانگاهه

علمي ۽ ادبي اعتبار کان ڪلهوڙن جي حڪومت جو دور ڏاڍو اتساهيندڙ دور چيو وڃي ٿو. هن دؤر ۾ تهذيب، تمدن ۽ ثقافت کي تمام گهڻو زور ونرايو ويو. فنِ تعميرات جي سُڌاري ۽ واڌاري لاءِ تعميرات جي ماهرن پنهنجون صلاحيتون ڪتب آنديون. زرعي پيداوار کي وڌائڻ لاءِ آبپاشيءَ جي نظام کي سگهارو بڻايو ويو. سنڌ جي جاگرافيائي حيثيت کي منظم ڪيو ويو. ۽ سنڌ مڪمل طرح آزاد ۽ خودمختيار طور ڪَرَ ڪنيا. سماجي ۽ ارتقائي ترقيءَ سان گڏ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي اوسر پڻ ڀرپور نموني سان جاري رهي.

ڪلهوڙا دؤر جا تعمير ڪرايل ماڳ ۽ مڪان ان دؤر جي سنڌي ماهرن جي اڏاوتي فن جا ساکي آهن. انهن ماڳن ۽ مڪانن ۾ آدم شاهه ڪلهوڙي، يار محمد ڪلهوڙي ميان نور محمد ڪلهوڙي، نصير محمد ڪلهوڙي، شاهل محمد ڪلهوڙي جي مقبرن سان گڏ، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مقبرو پڻ شامل آهي. ڪيٽي شاهه بندر، حيدرآباد جو پڪو ۽ ڪچو قلعو ۽ خدا آباد جي مسجد به ڪلهوڙا دؤر جي 80 ورهين جي حڪومت ۾ جڙي راس ٿي جيڪا اڏاوتي فن جو بيمثال ۽ نادر نمونو آهي.

ڪلهوڙن جي هاڪاري سياسي حڪمتِ عملي جي ڪري هنن جي حڪومت جو دؤر قائم رهيو، ۽ ڪين ٻن صدين جي ورثي ۾ مليل بدامني به ملي جن کي هنن ضابطي ۾ آندو.

ڪلهوڙن جو پهريون مختصر دؤر 1681 کان ميان آدم شاهه ۽ ميان شاهه عليءَ جي جاني ۽ مالي قربانين کان شروع ٿئي ٿو ۽ ميان نصير محمد ڪلهوڙي ۽ سندس پٽ دين محمد ڪلهوڙي تائين ختم ٿئي ٿو. ختم ٿيڻ جو سبب 1700 ۾ مغل شهزادي معزالدين سان دين محمد ڪلهوڙي جو نه نهڻ ۽ ان سان جنگ ڪرڻ هو. ان جنگ ۾ ڪلهوڙن کي تمام گهڻو نقصان رسيو. ان هوندي به هنن جي مڪمل حڪومت ختم نه ٿي ۽ هڪ سال اندر يعني 1701 ۾ ميان دين محمد ڪلهوڙي جي ڀاءُ ميان يار محمد ڪلهوڙي پنهنجي حڪومت کي قائم ڪيو.

لئمبرڪ لکيو آهي، ’1930 تائين برطانيا پنهنجي 87 سالن جي دؤر ۾ اهو ڪجهه ڪيو جيڪو ڪلهوڙن ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري تائين پاڻ هرتو ڪيو.‘

مختلف تاريخن، ميان يار محمد ۽ سندس فرزند ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومتن کي گهڻو ساراهيو آهي، جنهن جي وڏي تاريخي حيثيت ۽ اهميت آهي.

هنن ٻنهي پيءُ ۽ پٽ جي حڪومت ۾ سنڌي ادب کي وسعت ملي ۽ شعوري بلوغت جو اهاءُ ٿيو. قوم ۽ ڌرتيءَ جي ترقيءَ لاءِ سوچ جاڳي. ’ساڃاهه‘ مئگزين جي ايڊيٽر خاڪي جويي پنهنجي مضمون، ’ادب ۽ فن ۾ تنقيد جي اهميت‘ ۾ لکي ٿو، ’ڏسڻو ۽ پرکڻو پوندو ته، هڪ اديب، سماجي ۽ قومي زندگيءَ جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن تي ڪهڙو مؤقف اختيار ڪيو آهي. هن ڦورو استحصالي معاشرتي قوتن لاءِ مخالفانه رويو اختيار ڪيو آهي يا نه؟ اهو پاڻ کي هر قسم جي جبر ۽ ڏاڍَ جي خلاف هلندڙ ويڙهه ۾ حصيدار سمجهي ٿو يا نه؟ قومي طبقاتي جدوجهد سان همدردي رکي ٿو يا نه؟ پنهنجي قوم، وطن ۽ عوام جي خوشحالي ۽ آزاديءَ لاءِ نيڪ جذبا ۽ اُمنگون رکي ٿو يا نه؟ ان جي باري ۾ ڪي انساني آدرش ۽ قومي قدر رکي ٿو يا انهن سڀني ڳالهين ڪان بي نياز ۽ لاتعلقي اختيار ڪري ٿو. جيڪڏهن انهن سڀني ڳالهين جو ڪو اديب پورائو ڪري ٿو ته اهڙو ئي اديب ۽ ادب معاشري ۾ انسانيت جو سرچشمو سڏبو آهي.‘ ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ جيڪو ادب منظر عام تي آيو ان خاڪيءَ جي خيال مطابق سنڌي ٻوليءَ کي ڏاڍو سگهارو بڻايو.

مولانا ابوالحسن جيڪا سنڌي لکٽي جديد عربي لپيءَ ۾ تيار ڪئي، ان سنڌي ادب ۾ وڏي حيثيت ماڻي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي، خواجه محمد زمان لنواري، ميين شاهه، عنايت رضوي، روحل فقير، جلال ڪٽي ۽ مَدن فقير ڪان علاوه ڪوڙ سارن شاعرن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي شاعريءَ کي اوج ڏنو ۽ خيالن کي فڪري گهرائي ملي، ۽ عام ماڻهن ۾ شعوري پختگي پيدا ٿي ان سوچ ۽ شعور ڌارين ۽ سامراجين کي منجهائي ڇڏيو.

بلوچي، ڪڇي، ڪاٺياواڙي، جيسلميري، لاسي ۽ سرائيڪي ٻولين جو اثر وٺي سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهوڪاريءَ ۽ سندرتا آئي. سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي شاعريءَ کي ڪارائتو اوج مليو. نج لهجو ۽ لپي ايجاد ٿيڻ ڪري هتان جي عام ماڻهن سان گڏ ڪافي تعداد ۾ واپاري طبقي پڻ لکڻ، پڙهڻ ۽ خط ڪتابت جو ڪم شروع ڪيو. ۽ سڌريل ٻولين ۾ پنهنجي حيثيت ماڻي پنهنجو پاڻ مڃائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي.

هن دؤر ۾ ميان نصير محمد ڪلهوڙو جي اڳواڻي ۾ ميانوال تحريڪ شروع ٿي. انهي تحريڪ سماءَ واري سُياءُ کي اوج رسايو، جنهن ۾ ڪيترائي بزرگ شامل آهن. ۽ ان دؤر ۾ ئي مذهبي شاعري کي عروج مليو. غزل ۽ بيت جي صنفن کي پڻ وڏي اهميت حاصل ٿي. نفيس ۽ لطيف خيالن ۽ جماليات جو دؤر شروع ٿيو.

ادبي عروج جو وڏو ڪارڻ ميان سرفراز ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙي جو ادبي شعور ۽ علميت هئي. هن دؤر ۾ مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، محمد هاشم ٺٽوي، غلام محمد معين، محمد عابد سيوستاني ۽ ٻين ڪيترن ئي بزرگن ڪيئي ڪتاب لکيا ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جو ستارو ملڪان ملڪ چوڏهين جي چنڊ جيان جرڪي پيو. ان دؤر ۾ فتويٰ هاشمي، سنڌي مڪتوبات، نور نامو، فتح الفضل، مقدمة الصلوات، فرائض السلام، شرح ابيات، گل نما ۽ مطلوب المؤمنين جهڙا ديني ڪتاب وڏي تاريخي اهميت جا حامل آهن. نوان لفظ، چوٽيون، محاورا، اصطلاحن ۾ واڌارا ۽ سُڌارا به ان دؤر ۾ آيا. ڪلهوڙي دؤر کي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جو بيحد سونهري دؤر چيو وڃي ٿو.

**مددي ڪتاب:**


1. ’سنڌي ادب جي مختصر‘ تاريخ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو
2. ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد‘: ڊاڪٽر غلام علي الانا.
3. ’سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ‘: ڀيرومل مهرچند آڏواڻي.
4. ’ترقي پسند ادب جا معيار‘: خاڪي جويو.
5. ’سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو‘: عبدالله مگسي پروفيسر
6. ’سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج‘: ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو.
7. ’سنڌي ادب جي مختصر تاريخ‘: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي.
8. ’تاريخ ڪلهوڙا (جلد پهريون)‘: مهر غلام رسول.
9. ’سنڌ جي تاريخ (سوالن جوابن ۾)‘: محمد صالح کهڙو.
10. ’سنڌ (هڪ جائزو)‘: ايڇ.ٽي.لئمبرڪ.
11. ميان غلام شاهه ڪلهوڙو (سنڌ جو شاهجهان)، مرتب اسلم عباسي. ■




**پوليس** وارا اسان کان وٺيرڪا هئا ۽ اسان جون ڳالهيون ٻڌي نه ٿي سگهيا. پر مان وسوڙن ۾ اچي ويو هوس ته، ڪٿي امڙ جي اڇهري ڳالهائڻ ڪري، ٽپي باهه نه ٿي ويا هجن. ان وقت ته اسان کي سندن شڪ شبها دور ڪري، ڪين ٿڌي ڏاڍي وجهٽي هئي. امان ته رهندو ئي ڪٽي پنيور کي باهه ڏني. اهي ته ان وقت به مون کي گرفتار ڪري پئي سگهيا. ان جو نتيجو اهو ٿئي ها ته مان وينو جيل جو اٽو ڪانوان ها ۽ منهنجا جيسي ۽ جيڏا پير سائينءَ جي هلايل آزاديءَ جي تحريڪ ۾ هڙئون وڙئون ۽ جاني توڙي مالي حصو وٺن ها. مان جيل جي دروازي کان ان وقت ٻاهر اچان ها، جڏهن هو ڪٿي اچي توڙ ڪن ها. مان اها ساري ڳالهه امڙ کي به ٻڌائي، پر انهيءَ عمر ۾ امڙ جهڙي عورت کي اها ڳالهه لفظن ۾ سمجهائڻ ممڪن ئي نه هئي ته، تون غلط آهين. هفتي ڪانپوءِ مون وٽ نوٽيس اچي پهتو ته تون پنهنجي پيءُ واليڏني بدران سنجهوري پوليس وٽ هفتيوار حاضري ڏيندو ڪر.

پير سائين جي اچڻ واري ڏينهن جي مون کي ڪا اوچتو خبر ڪانه پئي هئي. مان ڏينهن ۾ به پيرا شهداپور سانگهڙ روڊ تي دم واهه تي ٿهيل ڳنڍن واري پل تي وڃي ڪلاڪ به ويهندو هوس. تنهن زماني ۾ اهو پڪو رستو اڃا نئون ٺهيو هو. ڪڏهن ڏنن وائنن سان بازار ۾ ڪچهري تي ويندي هئي. جڏهن مون کي اولهه پاسي کان ڌوڙ يا دڦ ڏسڻ ۾ ايندو هو ته خوشي کان هيانءُ هٽن مان ڇڏائجي ويندو هو. پر پوءِ لاري پهچڻ تي پتو پوندو هو ته اها لاري ڪنهن نه ڪنهن وڏيري يا ڪاموري جي هئي. هڪ ڏينهن پوياڙيءَ جو آئون ڏهاڙيءَ جيان پل تي ويٺو هوس. خدا نه ٿو پلائي ته تن ڏينهن ووٽن جي پهرين چونڊ تي چڪي هئي. ائين ڪندي هڪ موٽر ڏٺم جنهن جي ٻنهي پاسن کان بندوقن جون ناليون لٽيين جيان ٻاهر نڪتل هيون. مون سمجهيو ته ڪو وڏو ماڻهو شڪار سانگي نڪري پيو هوندو. ويجهي اچڻ تي سڃاڻي ورتم ته اهو پير سائين سردار هو. ڪيس خاڪي ڪپڙا پاتل هئا، هڪ وڏي ملهه جيان سندس منهن مبارڪ ۾ سونهاري توڙ ۾ ڏنداٽيل هئي. مان ته گهڙيءَ ڪن لاءِ گهوماٽجي ويس. پر پوءِ پاڻ کي سنڀالي زور سان نعرو هيم، 'پيچ پاڳارا' مان سمجهان ٿو ته مرشد سائين اهو نعرو ضرور ٻڌو هوندو. موٽر تيز رفتاريءَ سان روڊ وٺي سانگهڙ ڏانهن وڃي رهي هئي. سائينءَ ڪنڌ ورائي مون ڏانهن ڏٺو ۽ مرڪيو. مان گهڙي ڪن لاءِ پنهنجو مٿو احترام کان جهڪائي روڊ تي رکيو. پوءِ اٿي ڪڙو ٽيس ۽ اوپر طرف ڊوڙڻ لڳس. ان وقت مون کي ڪو هوش ۽ حوصلو نه هو.

گڙنگ ڏانهن وڃڻ لاءِ پهريائين سانگهڙ وڃڻو پوندو آهي، پوءِ يا ته توري واهه جو ڪپ ڏئي اڳتي وڏٽو پوندو آهي، يا وري گاڏر دڳ ڏئي نظاماڻين جي ٻنين کان ڦري وڃڻو پوندو آهي، اهو دڳ ٻنين مان ور ورڪڙ ڪري گذرندو آهي، تنهن ڪري ٻيڻُ پنڌ آهي. مان پڇڻ ۾ ڏايو اڇهرو هوس. هن کان اڳ ۾ حياتي بچائڻ لاءِ ڪيترا پيرا تيز به ڊوڙيو هوس. پر مان هنن ٻن ميلن جي پنڌ هٽڻ ۾. جهاتڪو ڪري ڏيکاريو. مان زندگي ۾ اڳي ڪڏهن به هيئن واچ مينهن ٿي نه پڳو هوس. جڏهن مان گڙنگ واري بنگلي کان سڏ پنڌ تي هتس ته مون کي هڪ غازي للڪاريو. "خبردار! متان اڳتي وڌيو آهين." تنهن تي مان ڪيس سهڪندي چيو، "منهنجي رستي کان هٽي بيهه، مرشد سائين اچي رهيو آهي."

منهنجي ڳالهه ٻڌي هن به وٺي پاچ شروع ڪئي، پر مان ڪيس پهچڻ ئي نه ڏنو، مان بنگلي جي در وٽ ان وقت پهتس، جڏهن سائين جي موٽر پر واري رستي ڏانهن مڙي مسجد وٽان گذري رهي هئي. مان رڙ ڪري پهريدارن کي چيو، 'ڦاٽڪ کولي ڇڏيو ۽ شهزادن کي جاڳايو ۽ ڪين ٻڌيو ته مرشد سائين اچي رهيو آهي.'

هنن اهو ڪم اک ڇنڀ ۾ ڪري ورتو. ان وقت موٽر به اچي اڳند ۾ بيني ڦاٽڪ وٽ پهريدارن سلامي ڏني. شهزادا تيار ٿيا بينا هئا. سائين جڏهن موٽر مان ٻاهر نڪتو ته ساٽس پيرين پئي مليا. مرشد سائين چوڌاري نهاري چيو، 'توهان کي بهترين پهريداريءَ ڪري مبارڪون هجن.' پوءِ سندس نظرون مون تائين اچي بيهي ويون ۽ پڇڻ لڳو، 'هي ڪير آهي؟' تنهن تي شهزادن وراڻيو، 'سائين! اسان کي خبر ڪانه آهي، ته ڪير آهي؟' وڏيڪ چيائو، 'ٿي سگهي ٿو ته ڪو نئون پهريدار هجي؟' عقابي نظرن واري هڪ ماڻهوءَ جواب ڏنو، جيڪو غازين جو شايد ڪو ڪئپٽن هو ته، 'سائين هي منهنجي سنگت جو ماڻهو نه آهي.' هن رعبدار آواز ۾ مون کان پڇيو، 'تون ڪير آهين ۽ هتي ڇو آيو آهين؟' مون کان هڪ اکر به واتان اُڪلي نه سگهيو. پير سائين اڳتي اچڻ جو اشارو ڪيو. مون پٽڪو لاهي هيٺ اُڇليو ۽ جهڪي پنهنجي نرڙ کي سندس پيرن تي رکڻ جي ڪوشش ڪيم. سائينءَ مون کان پڇيو، 'تون سهڪي ڇو رهيو آهين؟' مون گذارش ڪئي، 'بچائيندڙ مون تي رحم ڪريو، مان سائين رکيو ٻهڻ آهيان.'

پير سائين فرمايو، اهو نالو ته مون کي ياد آهي. تنهنجو منهن مهاندو به جڻ ڏٺل ٿو لڳي. تو واليڏني فقير جو پٽ آهين. پر گهندبن واري موريءَ وٽ تو منهنجو سلام ڪيو هو نه؟ ادب سان وراڻيم، 'هائو قربان وڃان.'

"تو ڪي پرَ آهن ڇا؟ جو تون اسان کان اڳتي هتي پهچي وئين؟"

"مالڪ آئون ڊوڙي پهتو آهيان."

منهنجي اها ڳالهه ٻڌي پير سائين سردار پوئتي منهن ڪري غازين کي فرمائڻ لڳو، "سڀ تعريفون الله تعاليٰ واسطي آهن. اسان کي ننيڙن ننيڙن واقعن مان پتو پئجي وڃي ٿو ته آسمان کان ڪي علامتون ظاهر ٿي رهيون آهن. هن نوجوان جي ڪرامت جهڙي تيز ڊوڙ مان اسان کي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو يقين ٿيو وڃي ٿو. جيڪڏهن اهڙا جان نثار اسان جا ويڙهاڪ سپاهي هوندا ته اسان کي ڪا به طاقت روڪي ڪانه سگهندي. هي ته سون کان وڌيڪ هڪ جان نثار ۽ تيز رفتار غازي آهي. سنڌ جي آزاد حڪمران طور جيڪي ماڻهو مون کان انعام وٺڻ جا خواهشمند آهن، تن کي سائين رکيءَ بهڻ جيان هلڻ چلڻ کپي."

منهنجا سڄڻ مان تو کي ڇا ٻڌايان ته جڏهن سائينءَ منهنجي لاءِ اهي لفظ چيا ۽ منهنجي تعريف ڪئي، ته مون چاهيو پئي ته مان جيڪر مرشد مٿان قربان ٿي وڃان ۽ مان هميشه اهوئي سوچيندو رهيو آهيان ته، جيڪر منهنجو موت ائين ٿئي. جڏهن مرشد سائين منهنجي ڪلهي تي هٿ

رکيو تہ مان پنهنجو ساهہ سُڪائي بيهي رهيس. مان ان جاڪوڙ ۾ رهيو آهيان تہ پير سائين جيڪا جان نثاري ۽ قرباني جو جذبو مون ۾ ڏنو هو، تنهن کي عملي طور ثابت ڪري ڏيکاريان. جڏهن مون کي اها گهڙي ياد ايندي آهي تہ پڪ ٿيندي آهي تہ، منهنجي ويرين جو ويريل وڌ منهنجو آڱوٺو بہ پٽي ڪونہ سگهندو. اهڙيءَ خوشيءَ کان پاڻ کي ڏاڍو سگهارو ٿو سمجهان، جو چوان ٿو تہ ڪوليءَ جون ٺلهيون سيخون مروڙي ٻاهر نڪري هن وار ٻر جو هڪ مُڪ سان جيڪر مٿو وجي پچان ۽ ٻچانگ ڏئي جيل جي اوچي ديوار بہ جيڪر اورانگهي وڃان.

مرشد سائين اندر هليو ويو. محبت سائين٤ سان گڏ آيو، جيڪو پوءِ موٽر مان هيٺ لٿو ۽ مون کي مبارڪ ڏنائين. سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي هئي. اتي ٻيا غازي بہ گڏ ٿي ويا ۽ منهنجون تعريفون ڪرڻ لڳا. پر مون کي سندن اهڙيون ڳالهيون پل هيٺان لنگهندڙ پاڻيءَ جي شور جيان ڪجهہ منجهيل معلوم ٿي رهيون هيون. ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ آئون فخر ۽ خوشيءَ جي نشي ۾ چُور ٿي ويو آهيان. مون کي اها بہ سُڌ ڪانہ هئي تہ، محبت مون کي ڇا چيو. پير سائين سردار حر غازين کي آخري حڪم ڏيڻ آيو هو، خاص ڪري خزاني ۽ هٿيار بارود لاءِ، جيڪي هن مناسب موقعي لاءِ گڏ ڪري رکيا هئا. آيو بہ فقط انهيءَ مقصد سان هو ۽ انهيءَ ساڳئي مقصد خاطر ڪيس ڪنگريءَ ڏانهن بہ وڃڻو هو. ان وقت محبت مون کي چيو، ’پنهنجي مانائتي ڀيڻ ۽ ماءُ کي جهجها سلام ڏجانءِ. هن ڀيري ايڏو رُڌل آهيان، جو مٿي ڪنهن جي بہ ويسند ڪانهيم. مون کي پڪ آهي تہ اسان جلد ئي آزاديءَ جا پلا ڏينهن ڏسنداسون.‘

اندران سڏ ٿيڻ تي هو مون کان موڪلائي هليو ويو. تو پاڻ سمجهندو هوندين تہ پير سائين جي عزت افزائي ڪري مان ڪيڏو خوش هوس ۽ الائي ڇا ڇا سوچي رهيو هوس. پر مون کي ان وقت ڪو گمان بہ ڪونہ هو تہ، مان ائين ڪري ڪن غازين ۽ غازين جي ان ڪئپٽن سان وير وهائي رهيو آهيان، جيڪو ان وقت پير سائين سان گڏ اندر بنگلي ۾ ويٺو هو. هنن جون مدايون مون پنهنجي اکين سان بہ ڏٺيون هيون. گهر موٽڻ ويل مون ۾ ايڏي آڪڙ ۽ وڏائي هئي ڄڻ مون ملاکڙي ۾ ڀرين جوڙ جي سيني ناميارن ملهن کي ڏسي سرسي حاصل ڪئي هجي. پير سائين منهنجي تيز رفتاري جي تعريف ڪئي هئي ۽ پنهنجي خواهش ج واظهار ڪيو هئائين تہ شل حرن ۾ اهڙا سو ماڻهو تيز رفتار هجن. ان ڪري سمجهڻ لڳو هوس تہ مان واقعي تيز رفتار آهيان. ان وقت آئون ننڍو هوس ۽ ٽر جي حرن کي ڪونہ سڃاڻندو هوس، جيڪي ٽر جي هرڻن جهڙا تيز رفتار ۽ چيتي جهڙا خوفناڪ هوندا آهن.

منهنجي عزت افزائي جي جڏهن امڙ کي خبر پئي تہ هوءَ بہ ڏاڍي خوش ٿي. پر هوءَ منهنجي ڦڙتيءَ ۽ تيز رفتاريءَ کان وڌيڪ مرشد سائينءَ جي درياه دليءَ جي تعريف ڪرڻ لڳي هئي. مون واري ٻانهن (زال) مون کي ڏسي مون تان ٻلهار پئي وئي. پر ڪجهہ ٻڙڪ بہ ٻاقي ڪانہ پئي سگهي. باقي سمجهہ ۾ ائين پئي آيو تہ منهنجي واڪاڻ تي ڄڻ آسمان تي اُڏي رهي هئي. رات جي مانيءَ کان پوءِ جيئندي مال کي چوڙي اندر ٻڌڻ ڪانہ وئي ۽ مون کي سڏي پاسي تي وٺي وئي ۽ مون کان پڇڻ لڳي تہ پير سائين خوش هو ۽ هن مون سان ڪهڙن لفظن ۾ گفتگو ڪئي ۽ اهڙيون ڳالهيون بار بار پڇڻ لڳي ۽ اهو بہ پڇيائين، ’ان جو اسان جي گهر لاءِ ڪهڙو خيال هو؟‘

مون وراڻيو، ”ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيو.‘ مون کي مٿس جهڙو اچي ويو. مون کيس وراڻيو، ’مون ائين محسوس ڪيو تہ جڏهن سائين سنڌ جو بادشاهہ ٿيندو، تڏهن اسان جي گهر کي ضرور ياد ڪندو.‘ جئندي اها ڳالهہ ٻڌي ماٺ ٿي وئي. ۽ پنهنجي بي انتها خوبصورت اکين سان مون ڏانهن گهورڻ لڳي.

ان ڪانپوءِ هن ڪنڌ ورائي ٻئي طرف ڏٺو ۽ چيو، ’شايد اسان سيني کي دل ۾ ياد ڪندو رهوندو. پر جيڪڏهن اوهان هن جنگ ۾ جوڌن جيان وڏي ويڙهاند ڪئي تہ بابي ۽ تو کي ضرور ياد ڪندو. پر آئون تہ مو ڳي آهيان، اجايو ويٺي سندر سپنا ڏسان. پر سائين رکيا! اهو بہ ٻڌاءِ تہ پير سائين سردار پنهنجا پاڪ هٿ تو مٿان ڌرياهئا؟‘

ان وقت مو کي اهو خيال آيو تہ عورتون ويچاريون پيار جي پيڙا سهڻ جون عادي آهن. سچ تہ اهو آهي تہ اهي ڪڏهن آسرو لاهي وهي ڪونہ رهنديون آهن ۽ ڪڏهن بہ ڪونہ سوچينديون آهن تہ ڪو اسان کي وهاري بہ ويٺو آهي.

مون تو کي اها ڳالهہ ڪانہ ٻڌائي آهي تہ روپوش ٿيڻ کان پوءِ مان بابي سان مليو هوس. ڇاڪاڻ تہ ان جي ملاقات سان لاڳاپيل اهڙي ڪا ذڪر لائق ڳالهہ نہ آهي. هن مون کي هفتوار ٽاٽي جي حاضري ڀرڻ لاءِ تاڪيد ڪيو هو. ان کان ڌيرج ڪندي هميشہ تيار رهڻ جو پڻ مشورو ڏنو هئائين. پير سائين جي واپس ٿيڻ کا هڪ ڏينهن اڳ مڪيءَ وجي ساٿس ملڻ لاءِ مقرر جڳهہ تي پهتس تہ هو اتي موجود ڪونہ هو. مون کي وسهي ويو تہ ڪيس گڙنگ مان کي سڌا حڪم پهتا آهن. آئون موٽي سائينءَ جي رهائش گاهہ تي پهتس تہ ڏٺم تہ حرن جو ميڙاڪو لڳو پيو هو، ڪي ماڻهو سامان کي هيڏي هوڏي ڍڪڻ ۾ رُڌل هئا. پر سان ٻيا بہ گهڻا ماڻهو ويٺا هئا، جيڪي حيثيت ۾ اهم نظر اچي رهيا هئا. ڀرڀري تي بيٺل غازي مون کي ٻيو پيرو هتي ڏسي پريشان ٿي ويا هئا ۽ اعتراض ڪرڻ لڳا هئا. ڪين مون کي واپس موٽائڻ جي جرئت ڪانہ هئي، ڇاڪاڻ تہ مون تي سائينءَ جي مهرباني ڏسي چڪا هئا. مون کي پتو پيو تہ بابو اندر اڱڻ ۾ موجود هو، جنهن کي اڄڪئين رات ٻين فقيرن سان گڏ گهرايو ويو هو، تنهن ڪري ساٽس ملڻ واسطي ٻاهر ويهي رهيس. ٿوري وقت ڪانپوءِ ڦاٽڪ ڪليو ۽ موٽر ٻاهر وڃڻ لڳي، جنهن ۾ پير سائين ويٺو هو ۽ محبت ڊرائيور سان ويٺل ڏسڻ ۾ آيو. مون سائين کي سلام ڪيو ۽ موٽر کي سانگهڙ ڏانهن ويندي ڏسندو رهيس ۽ سوچي رهيو هئس تہ سائينءَ کي ٻيو پيرو الائي ڪڏهن ڏسندس. ان ڏينهن کي گذرئي پورا چار سال ٿي ويا آهن، جو ڪيس ڪونہ ڏٺو اٿم. هاڻي تہ اکيون بہ او سيئڙو پلي ويون آهن.

منهنجو پيءُ والدنو، وريام، نورو وساڻ ۽ ٻيا فقير ۽ مشهور حر هاڻي ٻاهر نڪري آيا هئا. پير سائين سردار واري رستي سان بيٺل پهريدار پوليس وارن ٻڌايو تہ مرشد سانگهڙ کان اڳتي نڪري ويو آهي تہ پوءِ پوليس ۾ غير روايتي چرپر موجود نظر ڪانہ آئي. بابي بہ مڪيءَ ڏانهن منهن ڪيو، ڪجهہ پنڌ تائين مان بہ ساٿس گڏيو ويس. اسان گل خان نظاماڻيءَ جي ڳوٺ پرسان موجود جهنگل ۾ گهڙي کي گهڙيون ويٺاسون. بابي مون کي چيو تہ، سائين رکيا! مرشد جي پنهنجي وات جا لفظ آهن، ”جيڪڏهن مون کي سرڪار گرفتار ڪري تہ اهو خيال ڪجو تہ جيئن پوليس توهان کي اوچتو گرفتار ڪري نہ سگهي.“ محبت مون کي ٻڌايو آهي تہ پير سائين گورنر جي هيءَ ڳالهہ قبول ڪئي آهي تہ هو ڪجهہ وقت لاءِ ڪراچيءَ کان ٻاهر ڪونہ ويندو. جڏهن سوڍي کي ٻنا اطلاع جي سندس ڪراچيءَ کان ٻاهر نڪري وڃڻ جي سڌ پوندي تہ پريشان ٿي ويندو. جيڪڏهن سائين هتي ويهي انگريز حڪومت جي خلاف بغاوت جو جهنڊو جهولائيندو تہ ڪابہ خوف خطري جي ڳالهہ نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ هتي هزارين ڪونڌر غازي جوان موجود آهن، جيڪي سِرَ ترين تي کڻي، ميدان ۾ لهي پوندا. پر سندس ڪنگري پهچڻ بہ نهايت ضروري آهي. ان ڪري جو ڪيس زمين ۽ ٻين اهم معاملن لاءِ کي ضروري حڪم جاري ڪرڻا آهن، جو پاڻ گهٽي وقت کان وٺي اتي ويا ئي ڪونہ آهن. محبت جو چوڻ آهي تہ سائينءَ کي مير جي رياست مان لنگهي وڃڻ جو ڪو خطرو نہ آهي. وزير کي جرئت ڪانہ ٿي سگهندي جو اتان لنگهندي ڪيس هٿ بہ لائي سگهي. پر ڳوري ڳالهہ اها آهي تہ ڪيس انگريز جي حد کان گذري پنهنجي ٻنيءَ ۾ وڃڻو آهي، جيڪا خيرپور رياست جي حدن اندر موجود آهي. سکر جي ڪليڪٽر کي تار وسيلي ضرور ڄاڻ ڏني وئي هوندي تہ پير سائين ڪراچيءَ کان نڪري چڪو آهي، اهو چئي ڪونہ ٿو سگهجي تہ هي انگريز ڪامورو ڇا ڪندو؟ اهو ماڻهو گهٽي وقت کان وٺي مرشد جي پير ۾ ڪنڊي جيان چڀي رهيو آهي. هن ڪانگريس جي اسيمبلي ميمبرن خلاف پڻ گورنر جا ڪن ڀريا آهن، جن پير سائينءَ کي يقين ڏياريو آهي تہ هو هن انگريز ڪليڪٽر جي بدران نوابشاهہ ضلعي جيان ڪو مسلمان ڪامورو مقرر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا، پر انهن بہ ڪيس مايوس ڪري ڇڏيو آهي. اميد آهي تہ محبت اهڙي حرفت هلائيندو، جيئن انهن ٻنهي وچ ۾ ڪو ٽڪراءُ پيدا نہ ٿئي.

بابي جي اها ڳالهہ ٻڌي منهنجي لڱن کي ڄڻ باهہ لڳي وئي ۽ بابي کان پڇيم تہ جيڪڏهن هتان جو انگريز ڪامورو سائينءَ جو رستو روڪي بيهي ٿو رهي تہ پوءِ ان کي گوليءَ سان اڏاري ڇونہ ٿا ڇڏين؟ هو بہ تہ اسان وانگر ماڻهو آهي. تنهن تي بابي وراڻيو، جيڪا ڳالهہ تون سوچين ٿو، سا ئي سڀ غازي سوچين ٿا. جڏهن پير سائينءَ اسان سان ڳالاهيو هو تہ ڪيترن فقيرن کيس هن ڪاموري کي قتل ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو هو. مرشد ڪين ائين ڪرڻ کان سختي سان روڪيو ۽ چيو هئائين، تہ هن جهڙين وڏين تحريڪن ۾ خاص قسم جي ڪم لاءِ صحيح وقت بہ هوندو آهي، تہ غلط وقت بہ هوندو آهي. هن وقت تائين جيڪي ڪجهہ اسان ڪيو آهي، تنهن ڏانهن انگريزن ڌيان نہ ڏنو آهي. پاڻ اسان کي سمجهايائون تہ جيستائين اسان ڪنهن ڪاموري جو نانءُ نہ وٺنداسون تہ هنن جي ڏنل رپورٽن تي ڪراچيءَ ۾ ڪو ڌيان بہ نہ ڏيندو تہ ڪو انتظاميہ خطري ۾ آهي. اهڙي ريت سندس آزاديءَ جي هلندڙ هلچل بنا ڪنهن رنڊ روڪ جي پنهنجي رفتار سان ائين اڳتي هلندي رهندي، جهڙيءَ ريت اڄ تائين هلندي آئي آهي. جيڪڏهن اسان هن وقت ڪنهن ڪاموري کي هٿ لاتو تہ ڳالهہ ڳچيءَ ۾ پئجي ويندي ۽ سرڪار اڳي کا وڌيڪ خطرناڪ عملدار موڪلي ڏيندي. ان ڪانسواءِ ٻين ضلعن لاءِ بہ سندس ڪن اپڙا ٿي وينا اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ حر جماعت خلاف اڃان بہ وڌيڪ ڪارا قانون ٺاهن ۽ اسان جي مرشد جي رستي کي وڌيڪ ڏکيو بڻائي ڇڏين.

مرشد سائين هن معاملي تي گهڻو سوچيو ويچاريو آهي. ڪيس پڪ آهي ته ڪيس گرفتار ڪيو ويندو ۽ گرفتاريءَ لاءِ تيار به آهي. ڪامورن وٽ اهڙيون ثابتيون موجود نه آهن جنهن جي آڌار تي چئي سگهن ته سائينءَ قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي، وڌ ۾ وڌ اهو ڪندا جو ڪيس واپس ڪراچيءَ موڪلي ڇڏيندا. اهو به ممڪن ڏسڻ ۾ نٿو اچي ته هاڻوڪو گورنر پنهنجي سگهه جي گهمنڊ ۾ اچي، پير سائين تي وڌيڪ پابندي مڙهي. جيڪڏهن هو ائين ڪرڻ جي ڀُل ڪري ٿو ويهي ته پوءِ اسان ساريءَ سنڌ ۾ اهڙي باهه ٻاري ڇڏينداسون جو ڪيس پنهنجي ڪئي تي پڇتائڻو پوندو ۽ ڪيس مجبور ٿي سائينءَ وٽ ايلاز ڪرڻا پوندا، ”ڀلائي ڪري هن باهه کي ٿڌو ڪريو.“ جيتري قدر منهنجو خيال آهي ته هي سائينءَ جي مقصد لاءِ ڏاڍو سڀاڳو وقت آهي ۽ سولائيءَ سان پنهنجو پيغام به پهچائي سگهندو ۽ ڪامورا پيا هڪ ٻئي ڏانهن تارون موڪليندا رهندا.

بابي مون کي ٽڏي ٽانهري ٽيڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيائين، ’جيڪڏهن ڪجهه ٿئي ته هوءِ هواءِ ڪري ڪو اوڙو پير نه ڪڍجان، جيستائين مٿان کان حڪم نه ٿا ملن، تيستائين اُبهرو نه ٿجانءِ. سڀني ڳالهين جو اڳواٽ بندوبست ڪيو ويو آهي ۽ ڪڏهن به ايمان نه لوڙهجانءِ.‘ سندس ڳالهائڻ ويل مان ائين سمجهي رهيو هوس ته ڄڻ مان سڄي حر جماعت جي سگهه ٻڌجي ويو آهيان. سندس هلئي وڃڻ کانپوءِ منهنجي دل لڙڪي پئي. امان جي پڪ ڏيارڻ واريون ڳالهيون به بي اثر پئي لڳيون ۽ منهنجي دٻ داءَ کي دور ڪري نه سگهيون.

ٻن ڏينهن کان اسان جي ايمان جي پرک جو وقت اچي ويو. ويساهه جوڳي خبر ملي هئي ته جڏهن پير سائين سردار پنهنجي زمين تان واپس ٿيو ۽ سندس موٽر انگريز پير ۾ داخل ٿي ته سکر جي ڪليڪٽر ڪيس روڪي چيو، ’پوليس جي پهريداريءَ هيٺ ريل گاڏيءَ رستي ڪراچيءَ ڏانهن موٽي وڃ.‘

اسان جي گهر جون عورتون اها ڳالهه ٻڌي ڏڇي ويون، پر اسان کي پوري پڪ هئي ته سائين پنهنجي توهين مات ڪري سٺي آهي. تنهن ۾ ضرور ڪا سندس ڏاهپ رکيل هوندي ۽ اسان کي ان بابت چؤنرا ڪؤنرا نه هئڻ کپي ۽ سائين ويرين مٿان جلد ئي سوپ ۽ سرسي ماڻيندو. مان به مکيءَ ۾ وڃي بابي سان مليس، ته هو ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين، ’بنا نياپي هيڏانهن نه ايندو ڪر.‘ ان ڪانپوءِ چيائين ته فلاڻي وقت ۽ فلاڻي جاءِ تي ضرورت جون ڪجهه شيون ڪٽي اچجانءِ. ان وقت اسان

سوجھرو

## سالگره مبارڪ

ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، ساٿي محبوب زنگيجو، مريد سنڌي، رئوف ڪوسو ۽ مئي مهيني ۾ جنم وٺندڙ سڀني دوستن ۽ پڙهندڙن کي سالگره مبارڪ

- ادارو

کي اهي خبرون به پهتيون ته مرشد جي سؤٽ کي ڪن غازين سکر ۾ قل ڪري ڇڏيو. جيڪو سندس دشمن هو. اها ڳالهه ٻڌي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي ته اتان جا حر مرشد جي توهين ڪري ميڙجي پيا آهن. سندس چوڻ هو ته اسان کي به پوئتي پوڻ نه گهرجي. مون ڪيس ٻڌايو ته مون ۾ سڀ ڪجهه ڪرڻ جيتري سگهه آهي، پر مون کي ٻڌايو وڃي ته ڇا ڪرڻو ۽ ڪيئن ڪرڻو آهي. مان دل ۾ سوچي رهيو هوس ته پير سائين گڙنگ واري بنگلي ۾ ۽ غازين جي وچ ۾ ڪراچيءَ کان گهڻو محفوظ هو. اهو به امڪان هو ته گورنر سندس مريدن جي ڪارروايين جو الزام مٿس مڙهي. ٻئي ڏينهن بابي جي چوڻ مطابق مان وڃي ساڻس مکيءَ ۾ مليس. ڏٺم ته ڪيس به مون جيان جيءَ کي جپ ڪانه هئا. مون ڪانئس هيءَ ڳالهه ميجائي ورتي ته مکي جي ٻئي پاسي فقيرن جي ٽيندڙ گڏجاڻي ۾ مون کي به وڃي هلي، هن رستي ۽ سکر ۾ جيڪو وهيو واپريو، سو تير پتير سان مون کي ٻڌايائين ته ڪجهه مهينا اڳ مرشد سائين پنهنجي سؤٽ کي ڪنگريءَ مانڪيءَ ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ ته هو سندس دشمن ٿي پيو هو. ان کان پوءِ هو سکر جي ڪامورن جا ڪن ڀرڻ لڳو. هن جي سرپرستن ڪيس سزا کان بچائڻ لاءِ پنهنجي حفاظت ۾ رکيو هو. سندس چوڌاري پوليس موجود رهندي هئي. سندس گهر به وچ شهر ۾ هو، جنهن تي رات ڏينهن پوليس پهرو ڏيندي هئي. پر ان هوندي به ٽن فقيرن جي کهاڙين ڪيس جهنم ڏانهن موڪلي ڇڏيو. هن سان گڏ هُن جو نوڪر ۽ هڪ پوليس سپاهي به مارجي ويو. هي غدار زندا شاهه جي گهر ۾ ٽڪيل هو، جيڪو ٻين ماڻهن سان گڏ گهائجي پيو هو.

ڏسڻ ۾ ائين اچي رهيو هو ته اهم حيثيت وارا فقيرپاڻ ۾ ڏندين پئجي رهيا هئا. نوري وساڻ منهنجي پيءُ ڏانهن نهاريندي ڪاوڙ مان چيو هو، ’اهو سارو ڏوهه محبت جو آهي. هو پير سائين کي ميجائي ڪنهن ٻئي رستي وٺي وڃي ها ۽ ڪيس ان رستي سان وٺي ويو، جتي سکر جو ڪليڪٽر سائينءَ جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. هاڻي اسان حڪومت کي سڌو سنئون ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته مرشد جي وڌيڪ توهين اسان سهي نه سگهنداسون.‘

امام بخش، غازين جي ٻين نوجوان اڳواڻن کي چيو، ’اسان کي پير پساري، ٻين جي اوسيئڙي ۾ ويهڻ نه گهرجي ۽ جٿن جي صورت ۾ ڪراچي هلجي. حڪومت سائينءَ خلاف ڪو قدم کڻي، تنهن کان اڳ اسان ڪيس پنهنجي حفاظت ۾ وٺون ته ڀلو ٿيندو.‘ نندڍيءَ ٿيءَ جي فقيرن جي ڳالهه ٻڌي وڏي عمر وارا فقير هڪ ٻئي جي منهن ۾ تڪڻ لڳا، ان ڪانپوءِ نوري ڳالهايو.

”نه اِمون، ائين ڪڏهن به ٿي نه سگهندو. ڇاڪاڻ ته هن اسان کي سختيءَ سان هدايت ڪئي هئي ته سندس يا محبت فقير جي حڪم کانسواءِ اسان کي ڪجهه ڪرڻ نه گهرجي. اهڙا ضروري حڪم سمجهو ته پنڌ ۾ هوندا. اسان کي هتي حالتن کي مڙسيءَ سان مُنهن ڏيڻ ۽ ڀرپور تياريون ڪرڻ گهرجن. اسان فقيرن مان ڪن ڏاهن ماڻهن کي ڪراچيءَ اسهڻ کپي. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن وايو منڊل ڳنڀير آهي ۽ سائين محبت وسيلي ڪو نياپو نٿو نه ٿو موڪلي سگهي ته هو اهڙي ساري سُڌ لهي ايندا ۽ ضروري پيغام به کنيو ايندا.‘ گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ اهو فيصلو ٿيو ته گڙنگ واري بنگلي تي رهيل سائينءَ جي نوڪرن مان هڪ کي ڪراچي موڪليو

وڃي. اتي مون چيو، ’ان ڪم لاءِ مون کي موڪليو وڃي ته آئون تيار آهيان.‘ نوري چيو، ’اتي تو کي ڪير نه سڃاڻي، تنهن ڪري هو تو کي ڪنگهندا به ڪونه.‘ مون کي غازين جي ڪئپٽن جي حيثيت ۾ هر ڪو سڃاڻي. تنهن ڪري مان اڄ رات ڪراچي هليو ويندس.‘ مون وراڻيو.

فقيرن جي گڏجاڻي هلي پوري ٿي. ان ڪانپوءِ هر ڪوٺڙي پڪڙي ويو. مان گهر ڏانهن موٽڻ لڳس ته، بابو مون سان ميل ۾ گڏ هليو. هو منهنجو جذبو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيو هئائين، ’تو کي هن وقت ڪنهن به ڪارروائيءَ ۾ شامل ڪري نٿو سگهجي.‘ موڪلائڻ مهل مون کي چوڻ لڳو، ’جيڪو ڪجهه سکر ۾ فقيرن ڪيو آهي، تنهن کي ضرور سمجهڻ کپي. اهڙو ڪم جان نثاري، عقل ۽ بهادريءَ جو نتيجو آهي. اهو بي ايمان سرڪاري ڇهري هيٺ هو، وچ شهر ۾ ۽ گهر جي چوڌاري وڏو ڪوٽ هو. هٿيار بند پوليس پهري تي بيٺل هئي. مان پڪ سان چوان ٿو ته جيڪڏهن تو کي هن ڪم سان موڪلجي ها ته تون غازين جي وڏي ٽولي وٺي رات جي وڳڙي ۾ وڃي ڪارروائي ڪرين ها. پر تون ته ان گهر تائين به پهچي نه سگهين ها. ڇاڪاڻ ته پوليس تو کي اڳتي وڌڻ ئي ڪانه ڏئي ها. ان جو ڪارڻ اهو آهي جو سکر جهڙن وڏن شهرن ۾ رات جو پوليس جو پهرو هوندو آهي. هڪ تجربيڪار فقير هئڻ ناتي تو کي اهڙن ماڻهن جي عادتن جي ڄاڻ رکڻ لازمي آهي. حملي لاءِ فقط ٽي حر آيا هئا. ڏينهن نهايت گرم هو ۽ منجهند جو ٽاڻو هو. ’سيئي پهريدار آرامي هئا. بازار ۾ هارين ۽ ڏنارن جي ڀيهه لڳي پئي هئي، جن جي ڪلهن تي کهاڙيون رکيل هيون. اهي نه رڳو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا، پر پنهنجي فرضن پوري ڪرڻ کانپوءِ فقط هڪ ڄڻو جهلجي پيو.‘ اهڙن موقعن تي گهڻن ماڻهن جي موجودگيءَ ڪري محفوظ رهي سگهبو آهي. مان اها ڳالهه قبول ٿو ڪريان ته اهي ماڻهو اسان کان وڌيڪ ارڏا ۽ ڪنڌار مڙس هئا، جن زندا شاهه کي قتل ڪيو. جيڪڏهن پير سائينءَ جا سڀ غازي هن ريت ڪويا ۽ ڪلنگيدار ثابت ٿيا ته سرڪار ڪجهه به ڪري ڪانه سگهندي. هن کان ٽي ڏينهن پوءِ محبت هڪ نهايت ڏکدائڪ خبر آندي هئي ته سائينءَ جي ڪراچيءَ واري بنگلي تي پوليس جا اعليٰ عملدار آيا، جن اچي ڪيس حڪومت جو لکيو ڏيکاريو، جنهن ۾ پير سائينءَ کي نظربند ڪرڻ جو حڪم هو. ٿوري وقت ڪانپوءِ پير سائين ان انگريز ڪاموري سان گڏ موٽر ۾ ويٺو ۽ هليو ويو. پتو نه آهي ته ڪيس هاڻي ڪٿي رکيو ويو آهي.

محبت جي اکين مان لڙڪ ڳڙي پيا ۽ چوڻ لڳو، ’جيڪڏهن اسان دنيا جو ڇپو ڇپو ووڙيو ته سائين کي ضرور ڳولي لهنداسون. مرشد سائين پنهنجو ڪجهه سامان پاڻ سان کڻي وڃڻ پئي چاهيو. ان دوران هڪ عام قسم جي فقير کي سرٻاٽ ڪري ڪجهه چيائون ۽ ڪيس ڪسڪي نڪري وڃڻ جو چيائون. ان وقت پير سائين پوليس ڪامورن کي رڙايون بيٺو هو. اهو فقير نڪري اچڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ غازين کي اچي سائينءَ جو پيغام پهچايو هئائين. هاڻي انگريزن خلاف اسان جي جنگ شروع آهي ۽ حر جماعت جي هر هڪ ماڻهوءَ کي حڪم آهي ته منهنجي حڪم جي اطاعت ڪن ۽ سمجهن ته اهو منهنجو نه پر پير سائين سردار جو پنهنجو حڪم آهي. *(هلندڙ)*

# ڪرفيوءَ ۾ اڏامندڙ ڪاغذ...



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

اهي چار فرد موڪل وارو ڏينهن گڏ گذاريندو هيا. لياريءَ جي جهونا مسجد وٽ جيڪو رستو بغداديءَ ڏانهن وڃي ٿو. اتي اهو فليٽ هيو. فليٽ ڇا هيو بس فليٽڙو هيو، جنهن ۾ هڪ ڪمرو پرسان دالو ۽ پاسي کان رنڌڻو هيو. اڳيان گيلري هئي جتي ويهڻ سان نظر چيل چوڪ کان آگرا تاج ۽ بهار ڪالوني تائين هلي ويندي هئي. اهو ننڍڙو فليٽ ان چار ماڙ عمارت جي پهرين منزل تي هيو. هيٺان ٻه دوڪان هيا جن مان هڪ ۾ ڊورن جون ڪلون خريد ڪندڙ واپاري هيو ۽ ٻئي ۾ ڪٻاڙي.

هونئن ته روڊ روان دوان هوندو هيو، پر ڪا خبر نه پوندي هئي، اوچتو ياچ شروع ٿي ويندي هئي. ماڻهو گهٽين ۾ گم ٿي ويندا هيا. موٽر سائيڪلون ٽڪرائجڻ کان بچنديون زوڪٽ ڪنديون هليون وينديون هيون. بسون روڊن تي بيهجي وينديون هيون. انهن مان ڪنڊڪٽر مسافرن کي زوريءَ هيٺ لاهيندا هيا ۽ ڪين چوندا هيا، ”حالتون صحيح نه آهن. اهي اڳتي نه ويندا هيٺ لهو ته اسان واپس موٽون.“

لياريءَ جون حالتون ڪليل پيٽرول جهڙيون هيون. اوچتو باهه پڪڙي هر شيءِ کي وچڙي ويندي هئي.

اهو موڪل جو ڏينهن هيو جڏهن عزرائيل ڊيوٽيءَ تي هيو. چيل چوڪ کان چاڪيواڙي ۽ آگرا تاج کان بهار ڪالوني تائين ڏهه ماڻهو ماريا ويا هيا. پوليس پاسو وٺي بيهي رهي. حالتون ايڏيون خراب ٿي ويون جو خاڪيورديءَ وارن کي گهرايو ويو. جن اچڻ شرط چار شڪي ماڻهو پڪڙي انهن کي گولين سان اڏائي ڇڏيو. هڪ بي قابو هجوم فائرنگ ڪئي ۽ ڪجهه خاڪي ورديءَ وارا زخمي ٿيا.

صورتحال ايڏي خراب ٿي وئي جو ڪرفيو نافذ ڪيو ويو. گهٽيون، روڊ، رستا ويران ٿي ويا. اهي چار فرد فليٽ ۾ قيد ٿي ويا. سندن وقت هڪ وڳي تائين ته ٺيڪ گذريو پر پوءِ ڪين بک پريشان ڪيو. انهن رڌڻي ۾ پاروٿي ڊبل روٽي ۽ ڪجهه ٻچيل پٽاٽا کائي وقت گذاريو. انهن کي اها خبر نه هئي ته ڪو حالتون ايڏيون خراب ٿي وينديون جو مانيءَ ٻيي لاءِ پريشان ٿي ويندا. انهن هر هر سنڪ وٽ وڃي پاڻيءَ جو گلاس ڀري ٿي پيتو جنهن ۾ سڙيل گوشت جي ڌپ هئي. پر محسوس ڪيائون اها بوءِ چيل چوڪ کان ايندڙ ان دونهي ۾ آهي جيڪو پريان جهڙ جيان وڏي لياريءَ مٿان بدبوءِ جو مينهن وسائي رهيو آهي.

پري جهونا مسجد جي ان ڪنڊ وٽ جتي رستو مٽي نالي کان ٿيندو ماڙيپور روڊ ڏانهن وڃي رهيو هيو اتي خاڪي ورديءَ وارن جي جيپ بيٺل هئي ۽ هڪ ورديءَ وارو ڪڇونءَ جي خول جهڙو ٽوپ پائي گن مشين سان بيٺل هيو. ٿوري ويرم ڪانپوءِ پريان گولين جي هلڻ جا آواز پئي آيا ۽ پکي عرش ۾ اڏامندا هر هر جهونا مسجد جي سائي گنبذ تي لٿا پئي ۽ ڦڙڪو ڏئي اڏاميا پئي.

گل محمد گلي جنهن بستر تي بوريت مان وٽ پئي ڪاڏا ان ڳالهايو، ”اڙي ڪمال آ... هيءَ حڪومت آهي يا چاڪيواڙي جي چاچي زليخان.“

رحيم بخش راوڙي بي چينيءَ مان ڪرپچندي پڇيو، ”اها زليخان ڪير آهي؟“

الهڏتي وچ ۾ جواب ڏنو، ”پناڻ کي يوسف جو پورو قصو ٻڌايو وڃي پوءِ ٻه پڇندو اها زليخان ڪير آهي؟“

رحيم بخش راوڙي توائيءَ مان نسوار جي ڊٻلي ڪڍي ۽ آخري چپٽو ڀري گيلريءَ کان ٻاهر اڇلائي. روڊ تي ڊٻلي ڪرڻ ڪري گوليءَ جهڙو آواز ٿيو. پريان بيٺل خاڪي ورديءَ واري آواز تي ڪنايو پر پوءِ اهو سوچي لنوائي ويو ته ڪنهن ٻار جي حرڪت هوندي.

”بابا ڪجهه ته خيال ڪر.“ سائين رکيي چيو، ”نسوار جي ڊٻلي ته ائين تو اڇلين ڄڻ احسان ٿو ڪرين.“

گل محمد گلي پڇندو گيلريءَ ۾ ويو. ۽ هيٺ ڏٺو. نسوار جي ڊٻلي وچ روڊ تي پيل هئي. پريان هڪ فوجي گاڏي مٽي اڏاريندي آئي. ۽ ڊٻيءَ مٿان چڙهي وئي. ڊٻي چيپجي سنهي ٿي وئي. روڊ تي ايمبولنسون سائرن وڄائينديون لنگهيون پئي. هڪ گاڏي جنهن ۾ ٿلهو اهلڪار ويٺل هيو ان مائيڪ هٿ ۾ جهلي خبردار ٿي ڪيو، ”ڪوبه گهر کان ٻاهر نه نڪري. ڪنهن ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪيس گوليءَ سان اڏاريو ويندو.“

گيلريءَ مان ڏسندي گل حمد گليءَ جي نظر هڪ ڪاغذ تي پئي جيڪو چڳو وڏو هيو. هن اکيون ڇنڇهيون ڪري ان تي لکيل عبارت پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. اتي ٻه سٽون لکيل هيون. مٿين سٽ غير واضح ۽ هيٺين ٿلهن اکرن ۾ واضح نظر اچي رهي هئي. هو ايڏو پڙهيل ته نه هيو پر پوءِ ٻه ٿورو گهڻو پڙهي ويندو هيو. هن ڪاغذ تي لکيل عبارت تي غور ڪيو ان جي مٿين سٽ غير واضح هجڻ ڪري ته پڙهي نه سگهيو پر هيٺين سٽ پڙهي ويو جنهن ۾ ڪچي گار لکيل هئي.

گل محمد کي گهڻي دير گيلريءَ ۾ بيٺل ڏسي باقي ٽي ان هورا ڪورا ۾ هئا ته مٿان ان ڪا ڪائڻ جي شيءِ ڏٺي هجي. اهي وڏي ان وٽ آيا ۽ گيلريءَ مان هيٺ نهارڻ لڳا. انهن ڏٺو اتي رحيم بخش راوڙي جي ڊٻلي چپاتيءَ ۾ تبديل ٿي چڪي هئي.

گل محمد گليءَ دوستن کي پرسان ڏسندي ڪين ڌيان ان ڪاغذ ڏانهن ڇڪايو جيڪو اڏامي هيڏانهن هوڏانهن ڪري رهيو هيو. گل محمد گليءَ آڱر ڪٽي اشارو ڪندي چيو، ’هو ڏسو سامهون ڪاغذ، اُن تي ڪجهه لکيل آهي. جيڪو پڙهي ٻڌائيندو ان کي گُٽڪي وارو پان انعام ۾ ڏيندس.‘

پوءِ گل محمد ڪيسي مان اها پڙي ڪڍي جنهن ۾ چار پان ويڙهيل هيا. هڪ ڪڍي ڪائي ٻيا ويڙهي ڪيسي ۾ واپس وجهي ڇڏيا. انهن ٽن پري هلڪي هوا ۾ اڏامندڙ ڪغذ کي غور سان پڙهڻ شروع ڪيو. ڪاغذ سامت ۾ آيو ته ڪين هيٺين سٽ صاف سمجهه ۾ اچي وئي پر مٿين سٽ جنهن تي شايد ڪنهن جو نالُءُ لکيل هيو سمجهه ۾ نه آئي. الهڏتي عينڪ لاهي شيشا صاف ڪيا ۽ وري پائي ڪاغذ کي ڇتايو. هن هڪدم وڏي آواز ۾ رڙ ڪري چيو، ”لڳي شرط... اتي زرداريءَ جو نالو لکيل آهي.“

پوءِ هن ڳالهه کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ وري چيو، ”ڏسو، ..ز...ر...د...ا...ر...ي...ي... زرداري..‘

هن جي راءِ تي سائين رکيي منهن خواب ڪيو، ’بابا، زرداريءَ جو نالُءُ ڇو هوندو؟‘ هن چيو، ’لياري ته زرداريءَ جو ڳڙهه آهي.‘

”اهو زردايءَ جو نالُءُ نه آهي. غور سان ڏسو.“

اهي ڏسي ئي رهيا هيا ته پريان ايمبولنس سائرن وڄائيندي آئي. جڏهن اتان لنگهي ته هوا تي ڪاغذ اڏامي اونڌو ٿي ويو.

”اهو ڪاغذ اونڌو نه ٿيو آهي پر حڪومت جو تختو اونڌو ٿيو آهي.“ الهڏتي چيو.

گل محمد گليءَ ڪلندي هن کي پٺيءَ واري مُڪ وهائي ڪڍي،

”حڪومت جو تختو اونڌو نه ٿيو آهي توواري...اونڌي ٿي آهي، جنهن تي رحيم بخش راوڙو حڪومت ڪندو.“

هو چارئي ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳا. انهن وٽ وقت گذارڻ لاءِ ان کان وڏيڪ ڪو مشغلو نه هيو ته گيلريءَ مان بيهي ان ڪاغذ تي لکيل عبارت پڙهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ان غير واضح نالءَ کي ڳولهي ڪڍن جنهن کي ڪچي گار ڏنل هئي. اهي چارئي گيلريءَ مان ڪاغذ جي سڌي ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. مڇر ڪالونيءَ مان ايندڙ سڪل مڇي ۽ جهينگن جي ڌپ ۾ ويڙهيل اهو ڪاغذ اڏامي وري سڌو ٿي ويو. انهن چئني جون نظرون ڪاغذ ۾ کپي ويون.

اهو الطاف جو نالو لکيل آهي.“ رحيم بخش راوڙي چيو، ”غور سان ڏسو...ا...ل...ط...ا.ف... الطاف...“

گل محمد گليءَ پنهنجي راءِ ڏيندي چيو، ”ٿي سگهي ٿو اهو الطاف جو نالو هجي. ان ٻه لياريءَ وارن سان گهٽ ڪونه ڪئي آهي.“

پوءِ انهن ڏٺو نالي وٽ بيٺل گاڏيءَ تي فائرنگ شروع ٿي وئي. خاڪي ورديءَ وارا پوزيشن سنڀالي بيهجي ويا. هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو. پري بهار ڪالوني ۽ آگرا تاج وٽ دونهي جو غبار مٿي اڀريو. ٿوري دير ۾ ٽي ايمبولنسون گيلريءَ هيٺان تيزيءَ سان لنگهيون. ڪاغذ بازيگر جيان قلابازيون کائيندو ڪٻاڙيءَ جي دوڪان وٽ ڪريو.

گل محمد گليءَ چيو، ”ڪاغذ ڏاڪڻ وٽ پيل آهي. اجهو ٿو ڪٽي اچان. پوءِ ڏسجو ڪير سچو، ڪير ڪوڙو؟“

الهڏتي ان کي روڪيو.

”نه وڃجانءِ وات ڳاڙها ڳٽڪي خور، نه ته جسم ٻه ڳاڙهو ٿي ويندئي.“ گل محمد نه مڙيو. هو در ڪولي ڏاڪڻ طرف وڌيو ته سائين رکيي ڪيس ٻانهن کان پڪڙيو،

”بابا، ڇو ٿو موت کي دعوت ڏين. مرندين ته مائٽ گهنجڙي وارن وارو گهٽو ٻه قربان نه ڪندئي.“

پوءِ گل محمد گليءَ پلٽو ڪاڏو ۽ ڪاوڙ ۾ چيائين،

”توهان يقين ڇو نه ٿا ڪيو ته اتي نواز شريف جو نالو

لڪيل آهي؟" الهڏتي کي اها ڳالهه صفا نه وڻي. ان ناراض ٿيندي ذري گهٽ گل محمد گليءَ کي گار ڏني، جيڪا هن ڏيندي ڏيندي ان ڪري روڪي ته گار ڏيڻ سان معاملو وڌي وڃي ها. ان اعتراض ويندي چيو، "لياريءَ ۾ نواز شريف جو ڪهڙو ڪم. ان لياريءَ وارن کي ڪهڙو تنگ ڪيو آهي؟"

گل محمد گلي نه مُڙيو. ان ڪيس ڪهرو جواب ڏنو، "توهان پنجابي بلوچن جا پڪا دشمن آهيو."

سائين رکيي وچ ۾ اچي ٻنهي کي الڳ ڪيو، "بابا، ٿورو ته شرم ڪيو. نه ٿا ڏسو موقعو نه محل."

پوءِ سائين رکيي ڳالهه ٽارڻ لاءِ ڪاغذ کي ڏسندي هرويرو عمران خان جو نالو ڪنيو.

"عمران خان..."

رحيم بخش راوڙو رنگ جو ڳاڙهو ته هيو پر ڳالهه ٻڌي وڌيڪ ڳاڙهو ٿي ويو. هن سائين رکيي تي الر ڪئي، "اڙي انڌو ته نه آهين... ڏس چڱيءَ طرح. عمران خان ڪيئن ٿي سگهي ٿو. اهو ته ڪڏهن اقتدار ۾ رهيو ئي نه آهي. سوچي ڳالهاءِ عمران خان ڪيئن به هجي پر ياد رک اهو خان آهي."

الهڏتي ٻاهه کي وڌيڪ پڙڪائي وڌو. ان اوچتو راءِ ڏني، 'ان ڪاغذ تي اسفنديار جو نالو لکيل آهي... اسفنديار جي...'

هو چارئي گيلريءَ ۾ وڙهندا رهيا ۽ ڪاغذ ڪرفيو ۾ اڏامندو رهيو. شام جا پنج ٿي ويا ۽ ڪرفيو لهڻ جو ڪو امڪان نه هيو. بک چئني کي چِتو ڪري وڌو هيو. گيلريءَ ۾ گوڙ متل هيو. انهن کي وڙهندو ڏسي نالي وٽ بيٺل خاڪيورديءَ وارو وڏي گيلريءَ هيٺان آيو.

"ڇا جو گوڙ لاتو اٿوَ؟" ان ڪنڌ مٿي ڪري چيو، 'هلو اٿان.'

اهي چارئي خاڪي ورديءَ واري ڏانهن ڏسڻ لڳا. انهن صلاح ڪئي، 'هيٺ بيٺل خاڪي ورديءَ واري کان ٿا پڇون ته ڪاغذ ۾ ڇا لکيل آهي؟'

سائين رکيي همٿ ڪئي ۽ خاڪي ورديءَ واري کي چيو، 'اسان جي وڙهڻ جو سبب هيٺ پيل اهو ڪاغذ آهي. مهرباني ڪري پڙهي ٻڌاءِ ته ان ۾ ڇا لکيل آهي؟'

خاڪي ورديءَ واري هيٺ ڪنڌ ڪري ڪاغذ کي ڏٺو ۽ پوءِ نوڙي هٿ ۾ ڪنيو. ان ڪاغذ ڇُهندي پڙهيو. سندس ڪاوڙ ڪان منهن ڳاڙهو ٿي ويو. پيشانيءَ تي پگهر جون بوندون ظاهر ٿيون. ان ڪنڌ مٿي ڪري ڪين نفرت مان چيو، 'ان ۾ لکيل آهي. توهان چئني جي...' پوءِ ان خاڪي ورديءَ واري ڪاغذ ڦاڙي چار ٽڪر

> # اطلاع
>
> *هيٺ ڏنل ٽڪر ارباب نيڪ محمد صاحب جي مضمون جي پڇاڙي ۾ پير پاڳاري صاحب جي مدفن بابت ڇاپيل هو. جيڪو اسڪرين ۾ دٻجي ويو. ان کي ٻيهر پيش ڪري رهيا آهيون،*
>
> (نوٽ: 1971ع واري جنگ کانپوءِ، ڪراچي جي هڪ شرابخاني ۾، منهنجي ايئرفورس جي هڪ گروپ ڪئپٽن (ر) مسٽر چيما سان ان موضوع بابت دڳهي ڪچهري ٿي هئي- هن وثوق سان ٻڌايو هو، 'سورهيه بادشاهه کي 1943ع ڌاري ڦاسي ڏيڻ کانپوءِ سندس مڙهه مبارڪ کي، مون پاڻ پنهنجي سينئر عملدارن سان گڏجي، سرانديپ جي هڪ ٻيٽ ۾ دفنايو هو." ت- ب)

**سچي ڪهاڻي**

# معجزي جو انتظار...



**ڊاڪٽر مرلي ڌر**

هوءَ 23 سالن جي مس هئي. 6 سال اڳ هُن جي شادي ٿي هئي. شڪل ۾ سُهڻي، رنگ ڇٽو، گول منهه. معصوميت جڻ ڪا تحفي ۾ مليل هُيس. ڪجهه وقت کان بلڊ پريشر وڌيل هجڻ ڪري مٿي جي سور جي شڪايت پئي ڪيائين. گذريل سال جڏهن اُميد واري ٿيس ته ڪيس بلڊ پريشر جو مرض به لاڳو ٿي ويو. ننڍپڻ ۾ هن گردي جي پٿري جو آپريشن ڪرايو هيو. ۽ ٻيو گردو ننڍو هُيس. ڪيس ڪنهن اهو ڪونه ٻڌايو هُيو ته وڌيل بلڊپريشر هن ننڍڙي گردي جي ڪري به ٿي سگهيو پئي. ٻار ڄائو ته هُو بلڊپريشر کي وساري ويٺي. ۽ ٻار جي سنڀال ۾ لڳي ويئي. ڪيس پنج ڀائر ۽ ٻه ڀينرون هيون. مائٽ هيٺين طبقي سان وابسته هُيا. ۽ پيٽ گذر جي مس لائق هُيا. هڪ ڏينهن اوچتو شديد مٿي جي سور سبب ڊاڪٽر وٽ ويئي. بلڊپريشر چڪاس مان خبر پئي ته اهو گهٽو وڌيڪ آهي. خون جا ٽيسٽ ٿيا جنهن ۾ گردي جي خرابي ظاهر ٿي ته هُن جا مائٽ ڪيس گردي جي اسپتال ۾ وٺي آيا. مڙس پويان پويان ۽ ڀائر اڳيان اڳيان. هڪ ڀاءُ ڪمپائونڊر هيو. ڪجهه صحت متعلق ڄاڻ به هيس. الٽراسائونڊ ۾ ٻئي گردا متاثر لڳا. هڪ ننڍو ۽ ٻيو خراب هيو. ڊاڪٽر مائٽن کي گهرايو. ۽ اها خبر ڏني. خبر ٻڌندي ئي هُو ويچاري ڄڻ ويڳاڻي ٿي وسامجي ويئي. معصوم چهرو ويتر مرجهائجي ويس. نِراسائي مُک تي نمايان نظر اچڻ لڳي هئي. مائٽن ۽ دامني کي ٻڌايو ته هُن کي خون جي صفائي جي مشين (ڊائليسس) جي ضرورت آهي. جيڪا هڪدم ٿيڻ گهرجي. مائٽن بيچني مان پڇيو، 'ڇا، ڊائليسس مستقل ٿيندي.' ۽ ٻيو سوال هو، 'ڪٿي دامني ڊائليسس جي عادي ته نه ٿي ويندي؟' ڊاڪٽرن ڪين سمجهايو، 'اهو علاج مجبوري ۾ ئي ڪيو ويندو آهي. گردا، جيڪو خون صاف ڪرڻ جو ڪم ڪندا آهن. اُهو ڪم اها مشين ڪندي. ۽ هفتي ۾ ٻه کان ٽي دفعا اهو عمل دهرائڻو پوندو.' اهو ٻڌي، دامني ۽ مائٽن جا ڄڻ تاڪ لڳي ويا. اُنهن جي پيرن هيٺان ڄڻ زمين نڪري وئي.

اهو شام جو وڳڙو هيو.. اوندهه جي آمد آمد هئي. اوندهه انهن جي دنيا کي وڌيڪ انڌوڪار ۾ ڍڪي ڇڏيو. هڪ آزاد انسان جنهن وٽ سوين خواب هُيا. ٻار کي وڏي ڪرڻ جا خواب، اُن کي پڙهائڻ جا خواب، اُن جي شادي جا خواب. سمورا خواب چڪنا چور ٿي ويا. هو ڄڻ پاتال ۾ لهي ويئي. دامني سوچڻ لڳي، 'اهو مون سان ئي ڇو ٿيو. مون ڪهڙا گناهه ڪيا، مون ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟' نه چاهيندي به هُن ۽ مائٽن ڊائليسس جي اجازت ڏني. اُها رات ڏاڍي طويل هئي ايئن لڳو ته ڄڻ اها رات هاڻ ختم نه ٿيندي. هو هاڻ مشين جي محتاج ٿي ويندي. ڪجهه ڏينهن اڳ هُو آزاد هئي. آزاد، فضا ۾ اُڏامندڙ پکي جيان آزاد. پر اڄ هو بستري تي ليٽيل پڃري ۾ قيد پکي جيان.

بلڊپريشر چڪاسڻ واري مشين ٺون ٺان ڪرڻ لڳي. هُن جي ڳچي جي وڏي نس ۾ هڪ نلڪي پيل هئي. جنهن مان ٻه خون جون نلڪيون نڪري مشين ۾ وڃڻ لڳيون. هڪ نالي خون کي جسم مان مشين ۾ پهچائڻ لڳي. خون مشين ۾ صاف ٿي ٻي نالي رستي جسم ۾ داخل ٿيڻ لڳو. هونئن ته اهو عمل ٻه ڪلاڪ ٽيٽو هيو. پر دامني لاءِ اهو ٻن جنمن برابر پئي لڳو. اهو سفر وڏو طويل پئي لڳو. هوءَ اسپتال جي ڇت ڏانهن گهوريندي سوچڻ لڳي، 'ڇا منهنجي خوشي جا ڏينهن فقط ايترا هُيا. هاڻ منهنجي سڪيلڌي پٽ جي سنڀار ڪير لهندو؟ هُو هاڻي ماءُ جي پيار کان محروم ٿي ويندي؟' دامني ڏاڍي ششدر ۽ پريشان هئي پنهنجي مستقبل جي باري ۾. ۽ پنهنجي ٻار جي باري ۾. ڊائليسس وارو عمل خيرن سان پورو ٿيو. ٻئي ڏينهن جي صبح ڪجهه روشن هئي. ڪجهه چٽي هئي. ڊاڪٽرن هُن کي ٻڌايو، 'مايوس نه ٿي. اُميد جي هڪ دري کليل آهي. تنهنجو گردو تبديل ٿي سگهي ٿو. تنهنجا ڀائر، ڀينرون ۽ ماءُ پي توکي گردو ڏئي سگهن ٿا.'

مائٽن جا بلڊ گروپ ڪرايا ويا. پنج ڀائر، هڪ پيءُ ۽ ٻئي ڀينرون گردو عطيو ڪري پئي سگهيا. تنهن ڏينهن ڀائرن کي گهرايو ويو، پيءُ به آيو. پهريون اُنهن کي چڪاسيو ويو. پوءِ انهن جا الٽراسائونڊ ٿيا.

سمورا ڀائر ۽ پيءُ خوشي خوشي اڳتي آيا. پر اهو ڏينهن به ان خاندان لاءِ ڪا چڱي خبر نه ڪٽي آيو. هڪ کان پوءِ ٻيو ڀاءُ گردن ۾ پٿري جو مريض نڪتو. پنج ئي ڀائر پٿري جا مريض نڪتا، پيءُ ڏڪندي ڏڪندي اڳتي آيو ته من اُن جو گردو لڳي وڃي پر اُها گهڙي اڀاڳي گهڙي هئي. پيءُ جي گردن ۾ به پٿريون نڪري آيون. ڊاڪٽر جڏهن اهو اعلان ڪيو، 'اوهين سڀ گردو ڪونه ٿا ڏئي سگهو.' سڀني جي پيرن هيٺان ڄڻ زمين نڪري وئي. انهن جي پيشاني تي پگهر جا ٽيپا نمايان نظر آيا. سمورو خاندان ڄڻ ته پٿر جو بڻجي ويو. دامني لاءِ اها خبر ڄڻ موت جو پيغام لڳي. هُو مايوسي وچان لڙڪ ڳاڙڻ لڳي. زاروقطار روئڻ لڳي. هاڻ روشني جو ڪِرڻو فقط ڀينرون هُيون. اُهي ٻئي شادي شده هُيون. انهن جي مڙسن سان ڳالهايو ويو. ساهرن سان ڳالهه ڪئي وئي. ٻنهي جي مڙسن پنهنجي زالن کي گردي ڏيڻ کان روڪي ڇڏيو. هي سنسار ڪيڏو نه ڪٺور آهي. هن ڌرتي جا رهواسي ڪيترا نه سخت دل آهن جو پنهنجي جگر جي ٽڪر کي بچائي نٿا سگهن!! دامني جي ڊائيلسس هلندي رهي. هو اڄ به مشين سان جڙيل آهي. هر ٻن ڏينهن کانپوءِ مشين تي چڙهڻ ۽ مشينن جا سائرن ٻڌڻ جي عادي ٿي وئي آهي.

ڊاڪٽرن کان پڇيائين، 'ڇا هاڻ مان ائين ئي زنده رهندس. مشين جي محتاج ٿي باقي عمر گذاريندس؟ پاڻي بند، کاڌي ۾ پرهيز نه کاڌي اچي سگهان ۽ نه کاڌي وڃي سگهان؟' ڊاڪٽرن ڪيس تسلي ڏيندي چيو، 'ها، اڃان هڪ آسرو آهي.' دامني خوش ٿيندي پڇيو، 'ڪهڙو؟' جواب مليو، 'موت کان پوءِ عضون جو عطيو.' دامني هاڻ ڪنهن اهڙي ئي گردي جي انتظار ۾ آهي. هُوءَ ڪنهن اهڙي ئي معجزي جي انتظار ۾ آهي. ڪنهن جو عطيو ٿيل گردو ئي هن جي خوابن کي ساڀيان ڏيئي سگهي ٿو. ان معجزي جي انتظار ۾ هوءَ ڊائيلسس ذريعي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪري رهي آهي. ■

# پڃرو...



حسيب ڪانهيو

هي ڳالهه سوين، هزارين يا شايد لکين، يا شايد ان کان به گهڻا سال اڳ جي آهي. هي ڳالهه تڏهن جي آهي، جڏهن قدرت، عقل ۽ جِهل کي انساني صورت پئي ڏني.

ڳالهه هي آهي،

فطرت جي هڪڙي پاسي هڪ انتهائي ڏٻري هڏڙين جي ڍانچي ۾ عقل انساني شڪل ۾ بيٺل هو. ۽ ٻئي پاسي هڪ انتهائي وحشي ۽ بدشڪلي ديوَ جهڙي طاقتور پٽ جهڙي بُت ۾ جِهل انساني شڪل ۾ بيٺل هو.

وحشي ديوَ جهڙي انساني شڪل ۾ بيٺل جهَلُ ور ور ڏٻري ۽ ڪمزور انساني وجود ۾ بيٺل عقل تي اُلرون ٿي ڪيون. جهَل، عقل کي چيري ڦاڙي چٽ ڪري ڇڏڻ لاءِ هر هر ٽِپ ٿي ڏنا. پر وچ ۾ فولاد جهڙي فطرت هئي، جنهن کيس روڪي ٿي ڇڏيو.

”تون گهٻراءِ نه.“ فطرت عقل کي چيو، ”مون تو کي اهڙي سگهه ڏني آهي، جنهن سان تون زمين تي رهندڙ هر شيءِ تي حڪمراني ڪندين! جمادات، نباتات توڙي حيوانات، سڀ تنهنجي تابع هوند... نه رڳو ايترو پر، جيڪڏهن تون سڌي راهه تي تڪڙو تڪڙو هلندو رهندين ته زمين ته ڇا آسمانن تائين وڃي مار ڪندين.“ هڏڙين جي مُٺ ۾ ويٺل، عقل جي حوصلا افزائي ڪندي فطرت چيو، ”تون ڀلي ڪيڏو به ڪمزور ڇو نه هجين. پر ڪا به شيءِ تو کان وڌيڪ طاقتور ٿي ئي نه سگهندي... تون گهٻراءِ نه.“

”ها، مون کي خبر آهي.“ ڪمزور ڏڪندڙ ڪنبندڙ وجود منجهان عقل وراڻيو، ”آئون زمين تي رهندڙ هر شيءِ تي حڪمراني ڪري سگهندس، آئون زمين کان آسمانن تائين به پهچي ويندس. ها، واقعي به، آئون ڪٿي ڪيڏو به ڪمزور ۽ ڏٻرو ڇو نه هجان. پر تو مون کي اهڙي طاقت عطا ڪري ڇڏي آهي جو ڪا به شيءِ مون کان وڌيڪ طاقتور ٿي ئي نه سگهندي پر... “ فطرت جي حوصلا افزائي جو عقل تي ڪو به اثر نه ٿيو، هُن چيو، ”پر آئون هن منجهان ڦاسي ويندس- هي مون کي ختم ڪري ڇڏيندو. هي مون کي چيري ڦاڙي چٽ ڪري ڇڏيندو.“

”سو وري ڪيئن؟“ فطرت، عقل کان پڇيو.

”تون ڇا ٿو سمجهين ته هي تو کان وڌيڪ سگهارو آهي؟“

”ها، هي مون کان وڌيڪ سگهو آهي. آئون هر شيءِ کي منهن ڏئي ويندس پر هن منجهان اڙجي ويندس.“ عقل وراڻيو.

”شينهن وڏو وحشي جانور آهي. پر تون ان کي به پنهنجن ڏڪندڙ آڱرين جي اشارن تي هلائي ويندين. هاٿي وڏو ٿلهو جانور آهي. پر اهو به تنهنجي انهي ڏٻري جسم جي ماتحت هوندو. گهوڙو وڏو طاقتور جانور صحيح. پر تون ان کي به پنهنجي چهبڪ سان پيو ڀوڙائيندين. باقي ڇا؟“ فطرت، عقل کي چيو.

”ها، آئون انهن سڀني جانورن کي مات ڏئي ويندس. پر هن کي نه.“ عقل وحشي بدشڪلي ۽ ٻي ڍولي بدن واري جهَل ڏي اشارو ڪندي چيو.

”ڇو؟“ فطرت سبب پڇيو.

”انڪري جو اهي سڀئي جانور حيواني شڪل ۾ هوندا. پر هي انساني شڪل ۾ آهي.“ عقل وراڻيو، ”هي مون وانگر ڳالهائي به سگهي ٿو. محسوس به ڪري سگهي ٿو ۽ ردِ عمل ۾ ڪجهه به ڪري سگهي ٿو.“

فطرت کي عقل جي ڳالهه ڏاڍي وزنواري محسوس ٿي. هُوءَ ڌيان سان ڳالهه ٻڌڻ لڳي. عقل پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو، ”آئون حيوانن سميت هر شيءِ کان ڌار آهيان، ڇاڪاڻ ته حيوان سميت ٻي ڪنهن به شيءِ ۾ عقل ناهي.“

”عقل ته هِن ۾ به ناهي.“ عقل جي ڳالهه ڪٽيندي فطرت وحشي درندي جهڙي ٿلهي متاري بُت ۾ بيٺل جِهَل ڏي اشارو ڪندي چيو.

”مون اهو پئي چوڻ چاهيو ته، حيوانن سميت، ٻي ڪنهن به شيءِ ۾ جيڪڏهن عقل ناهي ته جِهَل به ناهي.“ وحشي درندي جهڙي ٿلهي متاري بُت ڏي اشارو ڪندي عقل فطرت کي چيو، ”پر هِن ۾ ته جِهَل آهي. آئون جِهَل سان وڙهي نه سگهندس.“

فطرت کي عقل جي ڳالهه ڏاڍي ڳري لڳي. هُو چتائي عقل جي ڏرا ڏئي ويل اکين ۾ نهارڻ لڳي.

عقل چيو، ”وڏو مسئلو هي آهي ته، هي به انساني شڪل ۾ آهي ۽ آئون به انساني شڪل ۾ آهيان، ۽ انساني شڪل ۾ آئون تمام گهڻو هيڻو آهيان ۽ هِي تمام گهڻو ڏاڍو آهي.“

عقل جي ڳالهه ٻڌي، فطرت جي چپن کي تالا لڳي ويا ۽ هُو چُپ ٿي رهجي ويئي. عقل چتائي فطرت جي اکين ۾ ڏسندو رهيو. بهرحال، نيٺ گهڻي دير کان پوءِ فطرت ڇا ڪيو جو هڪ وڏو طاقتور قسم جو پڃرو جوڙيو ۽ جهَل جي وحشي بدشڪلي ۽ ٻي ڍولي بُت کي هميشه جي لاءِ انهي مضبوط پڃري ۾ قيد ڪري ڇڏيائين. ڪاري ڪوجهي ۽ پٽ جهڙي جهَل جي بُت کي مضبوط ۽ طاقتور پڃري ۾ قيد ڪرڻ کان پوءِ فطرت عقل جي ڏٻري ۽ ڪمزور جسم ڏي نهاريو ۽ انتهائي سختي سان چيائينس، ”تون جيستائين هن وحشي بد شڪلي ۽ ٻي ڍولي بُت کان وڌيڪ سگهارو نه ٿي وڃين، تيستائين پُلجي به هن پڃري سان هٿ چُراند نه ڪجان! بلڪِ بهتر ٿيندو ته انساني جسم ۾ جيستائين تون هن کان وڌيڪ هيڻو رهين، تيستائين تون پاڻ به هِن پڃري جي گهڻي حفاظت ڪندو رهجان.“

آئون اوهان کي فطرت جي ٺاهيل انهي پڃري جو نالو نٿو ٻڌايان. پر ايترو چوان ٿو ته اهو پڃرو عقيدي جي لوهي سيخن ۽ وهم ۽ خوف جي نوڪدار ڪُنڊن سان ٺاهيو ويو هو. ■

## غزل



نسرين الطاف

درد جي لهر يا سڏڪو هو پتو پوءِ پيو
ڪوئي ٽانڊاٽو يا ڳوڙهو هو پتو پوءِ پيو
دونهون دونهون ٿيا دل جا سمورا منظر
روح وگهري ٿيو شعلو هو پتو پوءِ پيو
سونهن، تهمت ۽ رسوائي ۾ شاداب رهي
نينهن، بي مُلهه ڪو تمغو هو پتو پوءِ پيو
اوچتو هٿ ڇڏائي ڪو وڇوڙي ويندو
آزمائش يا ڪو دوکو هو پتو پوءِ پيو
چوڪ چوواٽي سڄي شهر جي گهٽين ۾ گُهٽيل
منهنجي نيلامي جو واڪو هو پتو پوءِ پيو
هُو جي نڪتو ته بهارن کي ڪٺي ساڻ هليو
دل جي دلدار جو تحفو هو پتو پوءِ پيو
شور ساهن جي جزيري ۾ ائين ٿي ڦٽڪيو
گيت نازل نئون ٿيڻو هو پتو پوءِ پيو
مهڪ ماحول ۾ مرڪي جا سجاتل ٿي لڳي
منهنجي پاسي کان هُو نڪتو هو پتو پوءِ ٻيو
گل جي موسم ۾ سدا مست رهياسين نسرين
ساز پن- ڇڻ جو ڪو گونجيو هو پتو پوءِ پيو.

## وائي



رحمت سومرو

هڪڙو پيرو آءُ
اسان وٽ
هڪڙو پيرو آءُ
روح رڳو آروڳ
۽ ساهه، سمورا سوڳ
رڳو پيڙاءُ
اسان وٽ
هڪڙو پيرو آءُ
ڪجهه گهايل آهي جيءُ
ويجهو ٿي آءُ
پرجي ڪجهه گهاءُ
اسان وٽ
هڪڙو پيرو آءُ
تو بن منهنجا ميت
اڌوري ۽ اڻپوري جيت
وڙهي ٿو واءُ
اسان وٽ
هڪڙو پيرو آءُ
تورو گڏجي ويهه
ڀلي ٿئي ڏور، سمورو ڏيهه
ڪهڙو پڇتاءُ
اسان وٽ
هڪڙو پيرو آءُ.

# وڻ – ويڙهي...



امر لغاري

اڄ الائي ڇو هو مونسان پنهنجن ڏهن سالن جو پڇتاءُ ونڊڻ وينو هو. جڏهن ته مان پنهنجي دوست آزاد جي انتظار ۾ هوس. مهينن پڄاڻان اڄ اسان گڏجي ڪجھ ڪرڻ جو سوچيو هو.

هن ۽ منهنجي وچ تي سگري دکيل هئي، جنهن مان ٻير جا سڪل ڳِتڪا ٻاھر ڳاڙها ٿي ڪيس گهوري رهيا هئا. هو نه ته نشي ۾ هو، نه ئي ڪيس خدا جي خوف ستايو هو. پر پوءِ به ڪا ڳالھ هئي جو دل جو غبار چنڊڻ خاطر منهنجي پر ۾ اچي وينو هو. نشو، نماز، دوست ۽ احباب هن لاءِ ڪا وڏي اهميت نه رکندا هئا، نه ئي وڏن جي واقفيت هن لاءِ ڪو مٿي جو سور هئي. هو اهي سڀ شيون آزمايو وينو هو. شهر جي معزز ماڻهن جي ٻارن جو هو ٽيوٽر هو. ٿوري گهڻي واقفيت ڪري سنهيون سڪيون شهري سهولتون به حاصل ڪري ورتيون هئائين. هڪ اڌ فيملي سپورٽر به ڳولي ورتو هئائين. پر انهن مهربانين هوندي به هو خالي خالي هو.

ٽيوشن جي مصروفيت، هلڪڙن سلڪڙن وڏيرن سان اٺ ويھ. ننڍين وڏن دڪاندارن ۽ شهري سياستدانن سان ڏيٺ ويٺ. ۽ مفت جي ڪمپني به هن جي اندر جي خاليپڻي کي پري نه سگهي هئي. صحافين سان ڪچهريون، واندڪائي، اسپتال وڃي ڪاڪ شٽل کيڏڻ، رستن روڊن سان ٻيهي نوجوانن سان دلپشوري ڪرڻ جهڙيون هن جون هابيز به ڪيس چلڻ کان روڪي نه سگهيون هيون.

سياري جي رُت هئي. سگريءَ جي ڳاڙهن ٽانڊن ٻاهريان ويهي جيڏي مهل مان آزاد جو انتظار ڪري رهيو هوس ته هن وچ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. مونکي چيائين، ”امر، مون زندگيءَ جا ڏھ سال عزت سان نوڪري ڪئي، ۽ ايمانداريءَ سان ٻار پڙهايا. پر مونکي جڏهن گهر ڪان پري بدلي ڪيو ويو ته مونکي تمام گهڻو ڏک ٿيو. مون جنهن اسڪول ۾ پڙهايو پئي اتي جي ٻارن کي به ڏک ٿيو. پر مون فيصلو ڪيو ته مان ڊيوٽي ڪندس.“

مان هن ڏانهن ڏسندو رهيس. پر وقت مونکان پري پڄي رهيو هو. آزاد اڃا نه پهتو هو. ڇو جو هن وٽ رات جي اٺين کان پوءِ وقت نه هوندو آهي. رات جي اٺين کان پوءِ هو هائبرنيشن ۾ هليو ويندو آهي. اسان کي جيڪو ڪجھ به ڪرڻو هو سو اٺين کان اڳ ئي ممڪن هو. مون مسلسل گهڙيءَ ڏي پئي ڏٺو. هن مونکي خاموش ڏسي به پنهنجي ڳالھ جاري رکي.

”مان جڏهن سانگهڙ کان ٽنڊو آدم دخلڪار ٿيڻ ويس ته اتان جي هيڊ ماستر مونکي چانهن پياري. ۽ مونکان ليٽر وٺي دراز جي خاني ۾ رکي ڇڏيو. جڏهن موڪلائڻ لڳاسين ته چيائين، ’هاڻي ڀلي تون هفتي کان پوءِ اچجان.‘ مان حيران ۽ پريشان، تعجب ۾ پرجي ڏاهنس ڏسندو رهيس. نيٺ دل جهلي پڇيومانس، ’ڇو، سائين؟‘

چيائين، ”بس، هتان جو اهو ئي دستور آهي.“ عجيب دستور هو هنن جو! بهرحال مان خاموشي اختيار ڪري گهر هليو آيس.“

آزاد اڃا نه پهتو هو.

هن جي ڪهاڻي دلچسپ ٿيندي پئي وئي.

”ٻئي ڀيري مان جڏهن اسڪول ويس ته هيڊ ماستر وري به منهنجي سٺي خاطر تواضع ڪئي. پيار مان سمجهايائين، ”هن اسڪول ۾ اسان ڏهن ماڻهن جو اسٽاف آهي. ٻه سؤ ڪن ٻار آهن. پنج استاد ويزا تي ويل آهن، ۽ ڇئن کي مهيني مان ٽن هفتن جي ڇوٽ مليل آهي. ايئن هڪ استاد کي مهيني ۾ فقط هڪ هفتو پڙهائڻو ٿو پوي. اهڙي طرح، استاد ٻارن کي به پڙهائين ته پنهنجو ٻني ٻارو ۽ ننڍو وڏو ڪاروبار به ڪن. هونئن به کهڙي سرڪاري پگهار مان پورت ٿي ٿئي! اوهان به جي چاهيو ته ايئن ڪري سگهو ٿا. ويزا تي وڃڻ وارو ’صاحب‘ کي رڳو ٻه لڏون ٿو ڪارائي. ۽ مهيني ۾ هفتو يا هڪ ڏينهن اچڻ وارو فقط هڪ لڏون! اوهان جي دل جيئن چئي. پر جي ايندؤ ته اوهان کي جهل ڪونهي. پر پوءِ ٽائيم جي پابنديءَ جو خيال ڪجو. هڪ ڀيرو ڦاٿؤ ته پوءِ سڄي زندگي لوڙيندؤ.“

پهريان ته مونکي ويزا جي ڳالھ سمجھ ۾ ڪونه آئي. ٻيو لڏون واري ڳالھ به منهنجي لاءِ نئين هئي. مونکي جيئن ته گسائڻو ئي ڪونه هو، انکري مان وضاحتن واري ڊيگھ ۾ ڪونه پيس. مون سوچيو، ’مان ضرور پڙهائيندس. ڏھ سال دل جي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان نوڪري ڪئي اٿم، هاڻ کهڙي ويهي منهن تي ڪاراڻ مکيان!‘

مون آزاد کي ايس ايم ايس ڪيو، ’اها کهڙي ڳالھ آهي، يار، ايڏو انتظار! هاڻ ته ساڍا ست به ٿي ويا آهن! پوءِ تون چوندين اٺ ٿي ويا آهن. اٺين کان پوءِ ته تون هائبرنيشن ۾ هليو ويندو آهين.‘

آزاد جو ڪو به جواب ڪونه آيو، ۽ هو ڳالهائيندو رهيو:

”ايئن مان هفتو به پابنديءَ سان وقت کان اڌ ڪلاڪ اڳ اسڪول پهچندو رهيس. هڪ ڏينهن مونکي هيڊ ماستر چيو، ”اسڪول ۾ ٻه ٽي ڏينهن مرمت جو ڪم هلڻو آهي، شاگردن کي به موڪل آهي، سو جي ٻه ٽي ڏينهن تون به ڇُٽي ڪرين ته ڪو مسئلو ناهي!“ مان ٻه ٽي ڏينهن ته ٺهيو پر هفتو ڪن گهر رهي پيس. هفتي کانپوءِ جو اسڪول ويس ته هيڊ ماستر ٽن ڏينهن جي غير حاضريءَ جو ليٽر هٿ ۾ ڏيئي صاحب وڏي ڏي روانو ڪري ڇڏيو. صاحب مونکي پنهنجي ڪلارڪ ڏانهن موڪليو. هن ويهي مونکي سمجهايو، ”ڇو اڃي پنهنجي نوڪري جي پٺيان پيو آهين؟ توکي ٽنڊو آدم انکري ڪونه موڪليو اٿئون ته تون اتي ويهي پڙهاءِ! صاحب کي سنڌي آفيس ۽ مقامي ايم پي اي جي اوطاق جا سمورا خرچ پرڻا آهن. توهان جي نوڪريون ڪندؤ ته پوءِ اهي خرچ ڪٿان پورا ٿيندا؟“

”اهو ڪوڙ آهي!“ مون دل ئي دل ۾ سوچيو. پر اهو ڪوڙ نه هو. بعد ۾ مونکي خبر پئي ته حڪومتي ٽر جي اڪيلي ايم پي اي جي اوطاق ۽ گهر جي بجليءَ جي بلن، گئس، ٽيليفون ۽ سيڌي سامان جو خرچ اي ڊي اي او ٿي ڀريو. ”تنهنجي ٽن ڏينهن جي پگهار سرڪار ڪٽي ڇڏيندي، ۽ انهن ٽن ڏينهن جي غير حاضريءَ جو ذڪر تنهنجي سروس بوڪ ۾ پڻ درج ٿيندو. عمر ڀر لاءِ سمجھ ته پروموشن چٽ! هاڻ ڀلي وڃ. ٽن ڏينهن اندر غير حاضريءَ جو سبب لکت ۾ لکي ڏيئي وڃ!“

منهنجي پيشانيءَ تان پگهر ٽيڏيون ڪري وهڻ لڳو. نيٺ مون هيڊ ماستر سان ڳالهايو. هن سفارش ڪري مونکي ٻن هزارن تي ويزا يعنيٰ ٻن لڏُن واري واندڪائي وٺرائي ڏني...“

اٺن ۾ اڃا پندرنهن منٽ پيا هئا. آزاد اڃا به نه آيو هو. مان هن جي ڳالهين کي مڪمل طور نه سمجهي سگهيو هوس. هن جي ڳالھ ٻولھ اشارن ڪناين تائين محدود هئي. هو ان تي به ٽڪو نه هو. مون سگريءَ ۾ ٽيون ڀيرو ٻير جا سڪل ڳِتڪا وڌا. عين ان ويل منهنجو هڪ ٻيو دوست آفيس اندر داخل ٿيو. پر هن جي اچڻ تي به هن جي گفتگوءَ ۾ ڪا رڪاوٽ نه آئي.

”هاڻ تون چوندين، ”نيٺ ته ويزا ورتئي نه؟“ پوءِ ڇا ڪيان ها؟ ذليل ٿيڻ کان مونکي ڏوڙ پائڻ وڌيڪ بهتر لڳو. اهو ئي ڪين ڪپندو هو. مونکي ڇا هو! مان اچي گهر وينس. پگهار مونکي گهر ويٺي ملي ويندو هئو. جيترا پيسا منهنجا صاحب ڪٽيندو هو ان کان وڌيڪ مان ٽيوشن مان ڪمائي وٺندو هوس. ٽينشن مان به جان ڇُٽي پئي، منهنجا ٻار به پرائيويٽ اسڪولن ۾ پڙهڻ لڳا. زال به حڪومتي پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي ڪائونسلر ٿي وئي. Every thing was nice, Amar. پر هڪڙي شيءَ منهنجي سامهون ٿي بيهي رهي- اُها اِها سوچ ته يار، غلط ڪيو اٿم. پنهنجي پاڻ سان ڌوڪو ڪيو اٿم: ٻارن سان، ملڪ سان ۽ معاشري سان! بس ان احساس کي مارڻ لاءِ سگريٽن جو سهارو ورتم. وسڪي پيتم. يار، دوست، ڪمپني، سيڪجھ تبديل ڪري ڇڏيم. آخرڪار ان سوچ کي سمهاري ڇڏيم.“

آزاد نه آيو ته نه آيو. اڄوڪو ڏينهن به هليو ويو. چلو ٺيڪ آ، وري ڪنهن ٻئي ڀيري.

ٿڏ آهستي آهستي زمين وٺڻ شروع ڪئي. هن کيسي مان سگريٽ ڪڍيو. سگريءَ جي ٻرندڙ شعلي آڏو جهلي هڪ وڏو ٿهڪ ڏنائين. مان پريشان ٿي ويس. سوچيم، ڪٿي منهنجي دماغ ۾ هلندڙ سوچن کي ته پڙهي نه ورتو اٿس؟ پر ايئن نه هو. سگريٽ جي پڇڙي يعنيٰ فلٽر کي چيچ ۽ ڀاچ جي وچ ۾ ڦاسائي ڪش لڳائيندي چيائين، ”امر، مان اهي سڀ ڳالهيون توکي انکري پيو ٻڌايان ته مون هاڻ فيصلو ڪري ورتو آهي ته مان هر حال ۾ پڙهائيندس. پابنديءَ سان اسڪول ويندس! پر هڪڙي ڳالھ توکي ٻڌائي ڇڏيان: حرام کائڻ ۾ جيڪو مزو آهي، اهڙو ڪنهن به شيءَ ۾ ناهي. ماستر بنجي گم ٿي وڃڻ سنڌ ۾ ايترو آسان

آهي، ايترو آسان آهي، جيترو ماستر بنجي تبليغ تي هليو وڃڻ.چاليهه ڏينهن جي چلي تي وڃو يا ٽن مهينن جي تي، توهان کان کير به ڪونه پڇندو. پڇڻ وارو خود توهان کي پوت بنجڻ ۾ مدد ڏيندو. چو ته ماستر کي پوت ناهڻ ۾ هن جو ۽ هن جي پوتار جو گهر ٿو هلي.اصل پتي خور ڪان به وڌيڪ سولو ڪم آهي!"

مان چرڪي ويس.

"هان، يئس، يئس." پنهنجي ئي ڳالهه جي پاڻ تائيد ڪندي چيائين، "گهوسٽ ٽيچر هڪ قسم جو پتاخور آهي. مان پاڻ ان مرحلي مان گذريو آهيان. ماستريءَ جي پگهار تي مُلن جو ڪم ڪرڻ ان ڪان به وڏي پتاخوري آهي. توهان سادي درخواست لکي اسڪول ۾ اچلي هليا وڃو. پوءِ پلي توهان چلي تي وڃو نه وڃو. توهان کي آفيس وارن کي ڪجهه بہ ناهي ڏيڻو. نه توهان کي هيڊ ماستر روڪي. هيڊ ماستر جي ته مجال آهي جو توهان کي ان ڪم کان روڪي. مون پورا ڏهه سال ڪونه پڙهايو. اسڪول جو منهن به ڪونه ڏٺم. ان وچ ۾ اليڪشن جي ڊيوٽي به ڪيم، صاحبن سان به مليم، هڪ اڌ ٽريننگ به ڪيم . يارن دوستن سان به اٿيم ويٺم. تو مون جهڙن گهڻن ئي شرمائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هر پيري ڪلي ٽاري ڇڏيم. ڏهن سالن ۾ ضمير نالي ڪا به شيءِ نه رکيم، مونکي ڪجهه به ڪونه ٿيو. پر هاڻ سوچان ٿو ته ڪجهه نه ڪيان. نوڪريءَ جا باقي ڏهه سال حلال ڪري کاوان. متان ڪڏهن ٻار چئي ڪين ته سڄي زندگي حرام کارايو اٿئي، ۽ هاڻ پينشن به حرام جي ٿو ڪارائين!"

مونکان ٽهڪ ڇڏائي ويو. هو ششدر ٿي ويو. هن جي ذهن ۾ گمان ۾ به نه هو ته مان اهڙي سنجيده ڳالهه تي ايڏو وڏو ٽهڪ به ڏيئي سگهان ٿو. اصل ۾ مونکي پڪ ٿي وئي هئي ته آزاد هائبرنيشن ۾ هليو ويو آهي. انڪري مان آزاد واري فڪر مان آزاد ٿي هن جي لفظ لفظ کي ڌيان سان ٻڌڻ شروع ڪري ڏنو.

"ها، ها، ڪوڙ نٿو ڪيان." هن سگريٽ جو آخري ڪش هڻندي زمين تي پروٽيندي چيو، "يئس، يئس. مان آفيس وارن کي چئي آيو آهيان ته مونکي ڪنهن ويجهي اسڪول ۾ رکو. مان پڙهائڻ ٿو چاهيان. ڏسون ڪڏهن ٿو آڊر اچي."

ٽڏ هاڻي اڳي کان به وڌيڪ لهي آئي هئي. منهنجو دوست قيوم اندر ڪمري ۾ ڪجهه دير رهي، ڪاغذ قلهوڙي، اسان سان گڏ اچي ويٺو. ڪيس خبر نه هئي ته اسان ڇا تي پئي ڳالهايو. يا ڪنهن ڪنهن سان پئي ڳالهايو. سگريءَ جي ڇوڏاري هاڻ اسان به نه پر ٿي ماٺو ويٺا هئاسين، ۽ ٻه پيا نوان دوست به گڏ ويهڻ وارا هئا. مونکي پڪ هئي ته هن کي آرڊر ڪڏهن به ڪونه ملندو - وڻ ويڙهي وڻ کي ايئن پاڻمرادو نه ڇڏيندي آهي. ان کي وڻ تان زوري پٽي اڇلائڻو پوندو آهي.

ڪجهه ئي دير ۾ جيئن ئي سگري متان دوست وڃڻ لڳا ته هن پنهنجو پوتنامو ٻڌائڻ بند ڪري ڇڏيو، ۽ ٿوري ئي دير ۾ موڪلائي هليو ويو. ان ڪانپوءِ به ٿي پيرا شهر ۾ هو مختلف جاين تي مونکي ملندو رهيو. پر وٽس اها گرمجوشي نه رهي هئي، ۽ نه ئي اُها پڙهائڻ واري ڳالهه وري ڪڏهن ورجايائين. سدائين پاسيرو رهيو - جڻ ويڙا تي هجي!! ■

# چاڻ جو عذاب...



رئوف کوسو

"زندگي جو رڻ اوکو آهي. انسان ٻارڙن جو ٺاهيل عارضي گهرڙو آهي. وقت ويندڙ پاڇولو آهي. ۽ آخر وقت جون گهڙيون هٿ نه ايندي گم ٿي وينديون آهن." هن سوچيو

"ڏاڍي گرمي ۽ وريو لوڊشيڊنگ. زندگي آزار بڻجي پئي آهي."

هو گهر کان نڪري اوطاق ۾ ٻڙ جي وڻ هيٺان کٽ تي اهلي پيو ته ننڊ کڻي ويس. ٿڌي هوا ۽ ٻڙ جي وڻ جي پنن جي سريلي آواز کيس گهيرتن ۾ وني ڇڏيو.

ڪن پل ڪانپوءِ اوطاق جي ٻاهران متل گوڙ تي هن جي اک کلي پئي.

کٽ تان اٿي ويٺو. ۽ اوطاق جي ننڍي ڪمپائونڊ وال جي ٻاهران ڏٺائين ته ڳوٺ جا ٻار جوڳيءَ جي ڪڍ لڳا پيا هئا.

جوڳي هلندو ، اوطاق جي وڏي در ڪان اندر آيو.

هن جي هلڻ ۾ هڪ عجيب قسم جي بيچيني ۽ چهري تي ڏڪائيندڙ مرڪ هئي. هن جي اکين مان محسوس پئي ٿيو ته جڻ هو ڪجهه ڳولهي پيو.

هو منهنجي اڳيان اچي بيٺو ۽ سلام ڪندي چيائين،

"سائين، مان فقير آهيان، نانگ ڏيکاري پنج، ڏه روپيه وٺي پنهنجو ۽ هن ساسي ساه جو پيٽ پاليندو آهيان، سو سائين هي ٻارڙا ۽ اوهان جو نينگر مونکي توهان ڏي وٺي آيا آهن."

مون ٻارڙن جي هجوم ڏانهن ڏٺو انهن ۾ منهنجو ننڍڙو پٽ، نويد به شامل هو.

هو مون ڏانهن ڏسي ضد ڪرڻ لڳو.

"بابا، مان نانگ ڏسندس، بابا مان نانگ ڏسندس."

"ٻارڙن کي نانگ ڏيکار نه؟" مون جوڳيءَ کي چيو.

جوڳيءَ پٽ تي ڳوڏڙي رکي، گوڏڙي مان نانگ وارو پٽو ڪڍيو. پوءِ نانگ جي پٽي جو منهن کولي سامهون رکي مرلي وڄائڻ لڳو. مرلي وڄائيندي جوڳي پٽي جي وٽ تي هٿ هڻڻ لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ نانگ ڪر ڪنيو ۽ مرلي جي لهري تي جهومڻ لڳو. مرلي جي لهري ۽ تان تي جهومندي نانگ ڏسي ٻارڙا گهڻو خوش ٿي رهيا هئا.

مون جوڳي ڏي غور سان ڏٺو.

جوڳي جي توجهه جو مرڪز ٻارڙا ئي هئا.

ٻارڙن کي خوش ٿيندي ڏسي جوڳي به گهڻو خوش هو ۽ خوش ٿيندي پاڻ به بيخودي ۾ جهومي رهيو هو.

مرلي وڄائي دنگ ڪيائين. ۽ پوءِ عاجزي سان مونکي ٻانهون ٻڌي چوڻ لڳو،

"سائين، جهڙ ساسي ساه جو تماشو ڏنو سين. هي جهنگ جي بلا به مون انسان جو پيٽ پالي ٿي. پر انسان انسان جي هٿ مان ڳيو ڪسيو ٿو وني."

جوڳي مون ڏانهن ايئن ڏٺو جڻ ڪنهن وڏي 'مام' کي اهڃاڻي طور پيش ڪرڻ پئي گهري.

اندوران منهنجو نوڪر گل مون لاءِ اخبار کڻي آيو. مان اخبار جو فرنٽ پيج کڻي اخبار ڏسڻ لڳس ۽ اندريان پرچا کٽ تي رکيم. انهن مان کٽ تان، هڪ پرچو جوڳي کنيو ۽ کڻي پڙهڻ لڳو.

ٿوري دير ڪانپوءِ مون جوڳي ڏي ڏٺو ۽ پڇيو مانس، "فقير، پڙهيل آهين؟"

جوڳي هڪ ٿڌو ساه کنيو ۽ هڪ اداس مرڪ مرڪيو. پوءِ چوڻ لڳو، "ها سائين، چاليهه سال اڳ جو يونيورسٽي گريجوئيٽ آهيان."

مون حيراني ۽ تجسس وچان جوڳي ڏانهن ڏٺو. ۽ چيو، "گريجوئيٽ آهين؟"

"جي سائين، آئون فرسٽ ڪلاس گريجوئيٽ آهيان."

"..."

"سائين، منهنجو نالو حسن خان آهي. زميندار گهراڻي تعلق سان آهي. اسان جو خاندان ان زماني ۾ به علائقي جي سياست ۾ با اثر سمجهيو ويندو هو..."

"معنيٰ؟"

"معنيٰ ته گرش زماني جي ۽ علم ۽ شعور جي رولاڪي..."

"نيت به ڇا؟ کُلي ڳالهاءِ. ڳجهارتون ڇو ٿو ڏين؟"

"سائين، ڳجهارت ئي ته آهي منهنجي زندگي!"

جوڳي جو لهجو سچ پچ هڪ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ جو لهجو پئي لڳو.

چيو مانس، "پيلي پنهنجي ڪٿا ٻڌاءِ؟"

چيائين، "حاضر سائين."

"آئون هاسٽل ۾ پنهنجي ڪمري مان نڪري پنهنجي فئڪلٽي ڏانهن وڃي رهيو هوس ته سامهون پنهنجي ڪمدار کي ايندي ڏٺم. آئون ڪيس ڪُمهلو ڏسي پريشان ٿي ويس. ويجهو وڃي ڪيس ڪيڪاري احوال پڇيم." هن ڏکو جملو ساهه کڻندي چيو.

چيائين، "رئيس وڏو سخت بيمار آهي. توهان کي گهرايو اٿس."

"بابا واقعي ئي سخت بيمار ۽ ڪمزور ٿي لڳو. منهنجا ڪن پنهنجي وات ڏانهن ويجهو ڪرائي جهيڻي آواز ۾ چيائين، پٽ حسن، تون سياءَ ۾ سلڇڻو ۽ نرم مزاج آهين. پر اسان جون ريتون رسمون خانداني بيهڪ ۾ اهڙي چال چلت جي ڪا به اهميت نه آهي. اسان وٽ مطلب ۽ غرض کي وڏي حيثيت حاصل آهي. ان کي ضرور اهميت ڏجانءِ. جي انهي ريت رواج کي قائم رکئي ته تنهنجي طاقت به قائم رهندي. ٻي صورت ۾ تون اهڙي ماحول ۾ جالي نه سگهندين." ائين چئي بابا جي زبان بند ٿي ويئي ۽ ڪنڌ هڪ پاسي ڍرڪي ويس.

# احساسن جي پاڇاري...



**پير عبيد راشدي**

”تو ماسٽرس هوم اڪانامڪس ۾ ڪرڻ جو ٻڌايو هو نہ؟“

هن گهٽيءَ مان گڏ ويندڙ پنهنجي جيڏي ڏندين ڏاند سڱين گابي جي نوجوان پٽ کان پڪ ڪرڻ لاءِ ٻيهر پڇيو جنهن جي هٿن ۾ منرل واٽر جي وڏي بوتل هئي.

”نہ چاچا، ڪجهہ وقت اڳ توهان کي ائين ٻڌايو هئم.“ نوجوان ڇوڪري جو لهجو لڄي ۽ مک تي ڦڪي مرڪ جي ڇايا هئي. هن جي مرڪ جي ڇايا ڪنهن اهڙي هلڪي ڪڪريءَ جهڙي هئي جا هڪ هنڌ نہ بيهندي آهي. سندس پيءُ هن جو جنمي يار ۽ هم ڪلاسي هو. ٻئي گڏجي ڏندين ڏاند سڱين گابا ٿيا هئا.

نوجوان ڇوڪري جو جواب ٻڌي ڪيس ڏک ٿيو. ”اڄ جي نوجوانن کي پنهنجن سبجيڪٽس جي خبر ناهي!!“

هن ميٽرڪ ڪراچيءَ مان ڪئي. ۽ پوءِ ذاتي اثر رسوخ جي ڪري سنڌ جي ننڍڙي شهر مان امتحان ڏيئي ڊگري ورتي هئي.

”اسان واري وقت ۾ هوم اڪانامڪس ڇوڪرين کي پڙهائيندا هئا. مون سمجهيو تہ شايد اڄڪلهہ ڇوڪرا پڻ هوم اڪنامڪس پڙهن ٿا.“

”نہ چاچا نہ.“ نوجوان ڦِڪي مرڪ سان سينواريل هو. نوجوان جي ڦِڪي مرڪ کيس ٻاروتڻ ۾ ڪاڌل ڏکن ٿاٻن ۽ رانديڪا وڃائڻ جو درد ڏياري ڇڏيو. گهڙيءَ کن لاءِ. ڪانئس وڏي عمر جون محروميون ڏک وسري ويا. ٻاروتڻ جو ڏک ٿاٻو ننڍڙي وجود تي وسيل ماڪ وانگر ڪن پل لاءِ هوندو آهي. پر وڏيءَ عمر جو ڏک محرومي سان سنواريل دٻي جي ٻيٺل پاڻيءَ جهڙو ٿيندو آهي.

گهٽيءَ مان ماڻهو مٽيا پئي. ڪجهہ قدمن کان پوءِ نوجوان پنهنجي گهر ۽ هو پنهنجي گهر واڙجي ويو. گهر جي هيٺين ماڙ ۾ ڪجهہ وقت ويهي مٿئين طبقي تي لکڻ پڙهڻ جي خيال کان ويو جو ڪيتري وقت کان نہ لکڻ پئي ٿيس نہ پڙهڻ. نون ورتل ڪتابن کي بہ هٿ نہ لاتو هئائين. اهو گهٽن ماڻهن سان ٿيندو آهي جو قلم جو مور-ڪنپ هٿن آڱرين جو سينگار نہ ٿي سگهندو. آهي. ڪتاب، ڪاپيون ڪنهن ٻئي جي وجود تي هاريل ڇاتل اڇاتل خوشبو ٿي پونديون آهن.

اسٽڊي روم مان ٻاهر ٽيرس ۾ وڃي ويٺو تہ پاڙي جي گهر ۾ لاشعوري وڌل نظر لفظ تي پيس. گهٽيءَ ۾ گڏيل نوجوان جو پيءُ سندس جنمي يار، ڪهاڻيءَ جو ڪردار ٿي پيس. سندس ڏندين ڏاند سڱين گابي يار، آڱر ۾ پيل واشنگ مشين ۾ پنهنجا سڱ وڃائي ڪپڙا ٿئي ڌوتا. هٿ ۾ قلم جو مور ڪنپ تہ نہ هئس. پر پراڻي وقت جو سڌ وراڪو مور جي ٿهوڪي جيان من اندر ۾ پڙلاءَ ٿي ڪيس.

هو گهر مان ورلي نڪرندو آهي تہ لنڊي بازار مان ڪنهن يورپي سيڪنڊ هئنڊ ورتل پاڪر جتي مان نڪاءَ ڪُڍائيندو تڪڙو، جهڙي تهڙي ڪيڪر ڪري مٽي وڃي لالا اسد الله وٽ جتي ڳنڍرائڻ لاءِ ڏيندو آهي. لالي وٽ پيل جتي پيرن ۾ ڪري مارڪيٽ مان دال، بصر يا ڪو ٻيو وکر اهڙي نموني سان پڇندو ڄڻ دڪان خريد ڪندو. مرحوم ڪامريڊ صيفل جڏهن ڪيس توري تڪي وکر پيو ڏيندو هو تہ هي ساڻس لڙ پيو ڪندو هو. تڏهن مرحوم ڪامريڊ، دڪان ۾ ويٺل ڪنهن دوست کي اک هڻي اشاري ۾ چوندو هو، ”سڄي عمر آفيسر رهيو. مال ميڙي پلاٽ، مارڪيٽون نهرايائين پر سودو سدائين مزدور وانگر ٿو وٺي. سدائين لنڊا جي بشرٽن ۽ ٽرائوزرس ۾!!“

مرحوم ڪامريڊ صيفل پيپلز ورڪرز يونين جو ڪاهوڙي ڪارڪن هو. اهڙا ڪاهوڙي جي ’پيپلز‘ جي سحر ۾ ورتل هوندا آهن. ۽ پارليامينٽرين جي ڪٽيل ۽ هارايل پوتارن جي لڄڻ تي ڳڙهي خدا بخش شهيدن جي مزارن تي وڃي اوسارا ڪندا آهن. گهڻو وقت سرڪاري ڪرسيءَ تي چيٽي وڃائڻ ۽ نچندڙ ماڻهو جڏهن رٽائرڊ ٿيندا آهن تہ ڪين سماج ۾ پير ڪٽڻ وسري ويندو آهي.

ڏندين ڏاند سڱين گابي کي پور پوندو تہ لالي اسدالله وٽ ٻيهندو. سگريٽ مان دوهان ڪڍائيندو. ۽ پوءِ ڪار کي صاف ڪندو جي ايمان ٿيس تہ مسجد شريف ۾ جماعت سان ڪلها ملائي ڳريون ڪٽيون ڏماڪيدار اوڳرايون ڏيندو جو نمازي بدظن ۽ بيزار ٿيو پون. ۽ پيش امام قرعت ڪندي پلجي نئين سنئين ڊگهي قرعت ڪري جماعتن جون ٽنگون ساٽيون ڪري ڇڏيندو آهي. هونئن بہ مولوي سڀورا ماڻهن جو ٽنگون ساٽيون ڪرڻ جا ماهر ابن ماهر هوندا آهن. ڏندين ڏاند سڱٽين گابي جي گهر واريءَ کي عام خاص پاڙي جون عورتون خوشنصيب سمجهي ۽ پنهنجيءَ قسمت تي ماتم ڪنديون آهن ڇو جو هوءَ ڪک پيچي ٻيٽو بہ ڪانہ ڪندي آهي. سپ ڪم قادر ڪريم ۽ ڏندين ڏاند مڙس تي اٿس.

ماني پڻ مائٽن مان ايندي اٿس. ڪڏهن پور پوندس تہ ڪافي يا جوس ٺاهڻ لاءِ ڪچن ۾ منهن وجهندي تہ در تي ويٺل ٻليءَ ۽ بلبن جي روشنيءَ ۾ سندس پاڇولو اوپرو پيو محسوس ٿيندو. گهر جي وهنوار ۾ عورت مرد تہ هر ۾ جوٽيل ڏاند وانگر هوندا آهن. پر هي ڏندين ڏاند سڱين گابو يار اڪيلو ڳاهہ ڇاهہ ۽ ڪيڙڻ سيرڻ ۾!!

سچ تہ هو اڪيلي، ڏندين ڏاند ڪونہ ٿيو هو. هنن جا ڏند ساڀين مندن جي هوائن ۾ سو پاريون رهڙيندي هڏا چوسيندي ٽٽا هئا. جڏهن ڏند پڇندا هئن تہ هيج مان هوڪرا ڪري گهرن جي ڇتين تي اڇلائي چوندا هئا، ’ڏسون نئون ڏند تو ڄمي يا نئون ادا؟‘

سچ تہ پوءِ شرعي غير شرعي ادڙن ۽ ادڙين جي لانڍ لڳي وئي، جي پوءِ ڏند ڇڪن ۾ اوپريون ٿي ويون.

هو اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ جيڏن ۽ هڪ جيڏين کان ٿهي اڪيلي سر سڱ پيو ٽڪرائيندو هو. خاص ڪري ڄامشوري ڦاٽڪ تي هوٽلن تي سڱ نڪري پوندا هئس. مفت جون ڪڙاهيون کائي ڪٽين ڳرين اوڳراين سان سيٽ ۽ گيراڪن کي ٿاهہ وجهندو هو. حجائتا دوست اصلي نالي بجاءِ، ’ڏاند‘ سڏيندا هئس ۽ چوندا هئس، ’ڊاڙ اهڙي ٿو هٽين ڄڻ ڄامشوري ۽ ڪوٽڙيءَ واريون پليون تنهنجي سڱن تي ٻيٺل هجن.‘ دوست ائين چوندا هئس. پوءِ وٺي ٿاهہ کائي پڇندو هو. دوست ٺهڪ ڏيئي چوندا هئس، ”آهستي هل ڄامشورو ٿو ڏڏي پهاڙن تان پٿر ٿا ڪرن؟“ هو ٻڌي آڪڙ وچان وراڻيندو هو، ”ڄامشوري ڪوٽڙيءَ جون پلون ڇا، ڌرتي جو بار بہ منهنجن سڱن تي آهي.“

پڙهائي پوري ڪرڻ کانپوءِ بي بي سي، وائس آف آمريڪا الائجي ڪنن تي الائجي سڱن تي هونديون هئس. ڪل جڳ جو خالق اڪبر توري تڪي سڱ ۽ جوڙ ناهيندو آهي. سڱ تہ شاهہ لطيف آباد چراغ محل سئنيما واري پاسي ٽڪرائڻ تي چاهيائين جو ڪلاس سسپينڊ ٿيڻ کانپوءِ سئنيما اندر ۽ ٻاهر ڇولن ڪپائڻ جو سانگ ڪيائين. سينيما تان فلمي گانن جون چوپڙيون ياد ڪري ماڻهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايائين. پر سندس سڱ خالق اڪبر اڳي ٻئي هنڌ لڪي ڇڏيو هو. جڳ جهڙو ٿيڻ کانپوءِ جڏهن رات وقت آل انڊيا ريڊئي تان تعميل ارشاد پروگرام تان گانا پيو ٻڌندو هو تہ خيالن ۾ چراغ محل سئنيما جي پرپاسي ۾ پيو اڏرندو هو. گهر واري ساڳي پاڻ جهڙي فطرت واري نصيب ٿيس، جنهنجا سپ خفا پنهنجي سڱن تي ڪٽي ڇڏيائين. هوءَ بہ هن وانگر ڏندين ڏاند! اوڙي پاڙي ۾ نہ غميءَ ۾ نہ خوشيءَ ۾. البتہ پور پوندس تہ ڏيپ جو ٿورو لاهڻ لاءِ ڪنهن سان موڪلي ڇڏيندي. ڏندين ڏاند سڱين گابو اوڳرائي سخاوت سان ايڏي تہ وڏي ڏماڪيدار ڪيندو آهي، جو زرعي يونيورسٽي جي هاسٽلرن کي هاسٽلن مان مٿنڊڙ پوائنٽ بسن جو لڙ ياد پوندو آهي.

سندس هڪ ياءَ ڇڪَ مثالي ۽ منفرد ڏيندو آهي. جڏهن هو ڇڪ ڏيندو آهي تہ حيدرآباد گاڏي ڪاتي ۽ صدر جي اصلوڪن رهاڪن کي پر مان گذرندڙ حليم بروهي جي ويسپا اسڪوٽر جو آواز ياد پوندو آهي. واشنگ مشين گهنٽي وڃائي، ڏندين ڏاند سڱين گابي ڪنهن هنرمند ڌوٻيءَ وانگر ڪپڙا ڪڍي تار تي ٽنگيا. تار سان پراڻو پيوند اٿس. تار لڳل ماڻهوءَ کي تار پڇائڻ . تار تي ٽنگجڻ. ٻئي کي تار تي ٽنگائڻ جو وڏو ڪاريگر آهي. اهڙي تار جنهن لاءِ ڊگها پنڌ ڪنهن ٿاور جا محتاج نہ ٿيندا آهن. ڏندين ڏاند تار تي ٽنگجڻ واري دور جي پيداوار آهي. اهو دور آنجهاني ضياءُ الحق جو هو . ڪيس بنا ڪنهن تار درخواست ڏيڻ جي تڏهوڪي ريلوي واري وزير نوڪريءَ جو ڦول تار هڻڻ ۽ پڇائڻ جي ڪري هنيو هئس. تار هڻڻ پڇائڻ هن جي ڏائي هٿ ۽ ڏائي پير جي آڱوٺي جو ڪمال آهي. پڙهائي وقت ڄامشوري ۾ جڏهن تار هٽندو يا پڇائيندو هو تہ انهيءَ رات هاسٽلن تي ڇاپو ضرور لڳندو هو. ۽ مرزا مولاجٽ لڙائي جي VCR تي ويٺل شاگردن ۾ ياڃ پئجي ويندي هئي. هڪ تار جا سڄي پاڙي مٿان گذرندي آهي انهي سان سڱ ٽڪرائيندو آهي تہ سندس گهرجي بجلي وارو گهوڙو ميٽر بيحال ٿي ٻين گهرن جي ميٽرن کان پوئتي رهجي ويندو آهي.

پڙهائي وقت جڏهن ٻيا سوٽ ماسات حيدرآباد جي صحافي ڪالونيءَ واري بنگلي جي پارڪ ۾ ڪڇهريون پيا ڪندا هئا تہ هو اڪيلي ڪار جي پورچ ۾ 175 موٽر

سائيڪل ڪي ور ور ڪري پيو ڏوئيندو چمڪائيندو هو. يا ڏينهن وقت پنڌون، بشرٽون ڏوئي سڪائڻ لاءِ ڊيوڊ ينا يا ڇپر تي رکندو هو ته زبيده گرلز ڪاليج جون ڇوڪريون ڪلاسن جي ٽنل ڇارين مان مکڙا ڪڍي پوڳ اشارا ڪنديون هئس. هو آپي مان نڪري مائيڪل جيڪسن جي ڪيسٽ فل واليوم سان وڄائي بريڪ ڊانس ڪندو مڊوي ۽ سينٽرل جيل جي ٻاهرين گيٽ تي ڪنهن گابي ۽ گابيءَ سان سڱ ٽڪرائيندو هو. هوند جي گيٽ ڪي سڱ هڻي ها ته ڪيترا بي ڏوهي واڙيل ڪيس دعائون ڪن ها. ڪنهن ڪيس قيد جي گيٽ ڪي ٽڪر هڻڻ جو چيو ته پان چٻاڙيندي وراڻيائين، ”سياسي قيدي ننڍي جيل مان نڪري ڪليل قيدخاني جا ساڳيا رنگ دنگ ڏسي ڏڪوئجي پوندا. ڪليل دنيا جهڙو ڪو ٻيو قيدخانو؟“

ڪڏهن ڪنهن رات جو هو ٻئي گذريل ڏينهن ڏني جي سڱ هڻڻ جون وارداتون پڌر مان بيان پيا ڪندا هئا ته پر واري بيڊ ۾ وينل مائٽ مرڪي چوندو هئن،

”توهانجون زبانون پيون هلن يا سڱ؟ جابلو ماڻهو پيا لڳو.“

مائٽڻ جي دعائن سان جبل جي ٻروچ جهڙي ڏاڙهي وار ڪٽي رکايائين. باقي سندس ديينداري جي خبر هڪ جيڏن ۽ جيڏين ڪي.. ڪنهن ڏينهن شاگردن جو وفد وڃي وائيس چانسلر سان ملي هاسٽلن جي وچ ۾ مسجد جوڙائڻ جو مطالبو ڪيائين. وائس چانسلر ٻه نئون نئون ايمان سان فيضياب ٿيل هو. مسجد شريف مهينن ۾ ٺهي وئي. شاگردن ته نمازون جوٽيون، پرين ڪي حاصل ڪرڻ جون باسون باسيون. اگر ٻتيون ٻاريون. پر پاڻ هميشه وانگر سڱ ٽڪرائڻ جي مهاڀاريءَ ۾.

ڪنهن ملان شاگرد هڪ ڏينهن پڇيس، ”مسجد جوڙائڻ ۾ ته سيني کان اڳرو هئين. سڄو ڏينهن پان جون پڪون اڇلائيندو ولي الله سڏائيندو وتين. مسجد جو ڪڪ ڪڏهن ٿيندين؟“

”پنهنجن سڱن سان ملعون استادن ۽ شاگردن ڪي فيضياب ڪريان، جي سڄو وقت ڪارل مارڪس ۽ لينن جي پرچار ڪندا وتن. هڪ ڏينهن ڪين سڱن تي ڪٽي مسجد ۾ ايندس.“

”اڄان پيو ڪپڙا ڌوئين. سياري جو سج ڪٽي اڃي پهتو آهي. واش روم ميرا لڳا پيا آهن؟“

ڏندين ڏاند سڱين گابي جي گهر واري آڳر ۾ ايندي ڪڙڪو ڪيو. سندس ننڍاڪڙين اکين تي چڙهيل نظر جي چشمي تي سياري جي سج جا ڪرڻا نڇاور پي ٿيا.

”مار، ڏندين ڏاند واش روم پڻ ڌوئي ٿو. الائجي ڪڏهن جنمي يار ڪي عقل جي ڏاٽ نڪرندي. گهر واريءَ الائجي ڪهڙا جادو ڪيا اٿس؟“ هن ٽيرس تان هيٺ ٽڪات ڪيو.

”سڀ مڙسالا تو وانگر نڪما ڪتون پڇڻ وارا ٿورئي هوندا آهن؟“

گهر واري نه ڄاڻ ڪهڙي وقت پويان ٻلي پير ايندي سندس اڪيلائي جي بادشاهت تي راتاهو هنيو . ماڻهوءَ ڪي جڏهن چيلهه ۽ گوڏن ۾ سور پئجي ويندا آهن تڏهن ڪنوارين ڇاتين جهڙيون ڇڪيل، تاڻيل، واڻيل ڪتون بي معنيٰ ٿي پونديون آهن.

”هاڻ ڪهڙا ڇيڪات ڪهڙيون ڪتون پڄنديون؟“ هن ڇپن ۾ وراڻيو.

گهر واري ٽيرس مان هيٺ ڏسي موٽي سامهون ٿيس.

”گهر جي ڪا ڪنڊ مرد لاءِ پيپلز ۽ فنڪشنل هئڻ گهرجي؟“ هن چيو.

”نه تون مون وٽ پارلياامينٽرين جي حيثيت ۾ رجسٽرڊ ٿيل آهين.“ گهر واريءَ جي زبان عدالتي بيان محسوس ٿيس.

”توهان عورتون هر هنڌ هڪيون تڪيون حاضر ناظر ڇو هونديون آهيو؟“ گهر واري کو جواب ڏيڻ چاهيو تنهن کان اڳ ڏندين ڏاند سڱين گابي جي تاريخي روايتي وڏي اوڳرائي ٻڌڻ ۾ آئي جو گهٽيءَ مان گذرندڙ ماڻهن جو آواز ۽ پريان وڏي روڊ تان گذرندڙ ٽريفڪ جو گوڙ اڻ ٻڌو ٿي ويو.

”گهر واري جهڙي ڪا ٻي ايجنسي؟“ هن هوش حواس کان ڪم وٺندي ڌماڪي جو رُخ ڦيرائڻ لاءِ ڪن سرلا ڪيا. ۽ پوءِ اکيون ڦيرائي ٽيرس کان هيٺ ڏسي مرڪي ڏنو.

”اڄ جو شهري ايڏو ته خوف ۾ ورتل آهي جو پاڙي جي ڪنهن گهر ۾ ٻارڙن جي سالگره ۾ ڦوڪٽا ٺا ڦاٽن ته ساهه سڪيو وڃي!!“

”تو واري ڏندين ڏاند يار جي اوڳرائين تي سرائي ڪوڙل خان جي چوپائي جون رنيون ياد ٿيون پون.“

”ماڻهوءَ تي جاندار بي جاندارن جو اثر ضرور پوي ٿو. يار تي الائجي سرائيءَ جي پاڏين ڍڳين جي ڪير جو اثر آهي يا ٽيهه سال مغل پور ريلوي ورڪشاپ تي ڊيوٽي ڪندي انجڻ جي ڳرين آواز جو اثر؟“

”جيئن توتي ڳڏ پڙهندڙ بي جان مورتين جو واسو.“

”تنهنجو آرڊيننس هيٺين گرائونڊ تي لاڳو هئڻ گهرجي، جتي آئون لڪير جو فقير فنڪشنل ۽ پيپلز لوڪل آرڊيننس ۾ واڙيو هوندو آهيان. فرسٽ فلور يا گهر جي ڪا ڪنڊ قسمت جي لڪير کان مٿانهين هئڻ گهرجي؟“

گهر واري ڪي سندس منطق سمجهه ۾ نه آئي. هوءَ ڪيس شڪ وچان گهورڻ لڳي. ڪيترن سالن کان هو گهر واري لاءِ برف جو دڪو هو پر گذريل ٻن ٽن سالن کان ڏامر جو ڪارو ڊرم آهي. ڪيس شڪي گهورن سان ڏسندي موبائيل، ڪاپيون ۽ ڊائريون پئي جاچيندي اٿس.

”توهان بي جان مورتين ۽ شبير جي برياني رهڙي ڪائڻ. ۽ مٿان ڪلو پڪوڙا ڪائي اڃا به بکيو رهڻ جو جادو ڪڏهن ختم ٿيڻو آهي؟“

هن موٽ ۾ ٻيهر ڊور جي رنپ جهري اوڳرائي ڏني.

”پانيان چوپائي مال وارو آهرو اڳيان رکجي؟“

”ڪٽو به نه بچندو.“

”...“

”بي جان مورتين تنهنجن اکرن ۾ ڪڏهن ساهه نه وڌو؟“

هوڏانهن ڏندين ڏاند جو ڌماڪيدار اوڳرايون هيون هيڏانهن گهر واريءَ جون رنيون.

”بي جان مورتين تي اثر پوي ها ته اهي روايتي فقيراڻيون ٿي پون ها.“

”روايتي فقيرياڻيون ته ڪو نه يون هونديون. پر پيپلن جي ڪنهن انڪم سپورٽ پروگرام يا ليڊي هيلٿ وزيٽرس جي نوڪرين ۾ ڀاريون ضرور ڏينديون هونديون.“

”...“

”ڏندين ڏاند جنمي يار سان اڳي سڱ ڪڍي ملندو هئين هاڻ ته سال ٿي ويا اٿو پراڻا دفتر نه کوليا اٿو؟“ جوٽس چيو.

شام جا پاڇا ڪنهن اپسراءِ جي زلفن جهڙا ڊگها ٿي ڏينهن جي بدن تي لهڻ لڳا. ڏاڪڻ تان لهي گهٽيون ماپيندو ٽاور واري مارڪيٽ ۾ وڃي بيٺو. دڪانن آڏو ميوي پاڃين ۽ ڪاڄن واري جو گاڏو بيٺل هو. سندس ڏندين ڏاند جو ساڳيو ڇوڪر ڪاڄا وٺي وٽس اچي بيٺو.

”پٽ، تعليمي ادارن ۾ شاگرد ۽ شاگردياڻين جا احساس ساڳين سبجيڪٽن ۾ مليل جليل هوندا آهن. پر هوم اڪانامڪس رڳو شاگردياڻين لاءِ؟“

”گهر نياڻين ڪي هلائڻو هوندو آهي تنهن لاءِ.“

هن وراڻيو، ”توهانجي گهر ۾ نياڻي سياڻي ته آهي نه، ڪو وقت هو تنهنجي پيءُ سان ڪچهريون پيو ڪندو هئس. تنهنجي آپا بانبڙن تي هئي.“

”آپا پرڻجي وئي.“

”فرق ڪهڙو ٿيو. ماروٽ پيٽايو گهر ناني ڪيو اٿو؟“ نوجوان لچاري مرڪ ۾ ويڙهجي ويو.

”تنهنجو پيءُ ۽ آئون گڏجي پڙهيا، رلياسين. اڳي ته نوڪريءَ جي ڪري شهر کان ٻاهر هوندو هو. هاڻ ته واندو آهي. ڪڏهن ملي ته روح رچنديون ڪريون.“

”بابا جي البمن ۾ توهانجا ڪافي فوٽو آهن. ڪاليج يونيورسٽي واري وقت جا، بابا جي شاديءَ ۾ توهان جو جهمر هڻي نچڻ وارو فوٽو به آهي.“

نوجوان مرڪيو. سندس مرڪندڙ ڳلن ۾ پيل چڳهن سندس پي واري مرڪ جا پيرا ڪنيا. اوچتو بجلي هلي وئي. مارڪيٽ ۾ اوندهه ٻاٽ ٿي وئي. روڊ تان مٽيندڙ گاڏيون ٻتيون ٻاريندي ڪڙ ڪبيتن وانگر سامهون ايندي پرتي هليون پئي ويون. مارڪيٽ ۾ جنريٽر ۽ گاڏڙن تي گيس وارا گولا ٻرڻ لڳا. پراسرار جهيڻي روشني هميشه وانگر ڪيس پري ڪٽي وئي سانپار جي آڪاس تي- وقت، وقت جي پرين، دوستن ۽ پراڻن پڌرن ۽ ميدانن جا سڏ، وراڪا من ۾ واسجي ويس. ستارن جي سهائي سندس ادراڪ جي ڇيچ ڪي پراڻي گس تي وٺي وئي.

ڪاليج جي الوداعي پارٽي ۾ سڀ دوست پارڪ ۽ آڊيٽوريم ۾ هئا. ڏندين ڏاند سڱين گابي ڪي ڳل ۾ ڦڙ نڪتل هو. دوستن ڪي پوڳ لڳو،

”ڳل تي چپ رکڻ ڏي تنهنجو زخم سڪي ويندو.“

”ڪهڙي ڪانگ ٽونگو هنيو اٿئي ٻڌاءِ.“

اوچتو لائيٽ موٽي آئي. هن نوجوان ڇوڪر ڪي مرڪي چيو، ”پٽهين ڪي چئج، ڪڏهن ملي ته پراڻي وقت جي موسمن جو سحر اندر ۾ اوتيون؟“ ڳالهائيندي اندر ۾ ياد جي خوشبو واسجي ويس.

”بابا کي نياپو ڏيندس.“

”گهر ۾ ويهي بيزار ٿيندو هوندو؟“

”توهان کي بابا جي خبر آهي هو ڪڏهن ورچي ويهڻ وارو ناهي؟“

”گهر ۾ ٽانوَ تو پيچي چا؟“ هن جو مطلب ٽانوَ ڌوئڻ ۽ پوچو ڪرڻ هو.

”تڏهن چوانءِ ٿو هوم اڪانامڪس، ڇوڪرن ڪي پڻ پڙهائڻ گهرجي؟“

ڇوڪرو ڪانئس موڪلائي پرتي هليو ويو.

لفظ اڪيلي ڏاند وانگر احساسن جي پاڇاري ۾ نمي ڪمي ڪهاڻيءَ جي ڪيڙيءَ ۾ وهڻ لڳا. ■

# نيروبان...

منظور ڪلهوڙو

”اڙي گهرُو، خير تہ آهي؟ اصل وڻيو سٽيو پيو آهين. ٽيڙ ٽيو ٽي. يا وري پاري ورتو اٿئي جو ٻَني تي دير لڳو پيو آهين؟“

”تون ڪير؟“

”ٻوڙو تہ اڳي ئي هئين، هاڻي لڳي ٿو تہ انڌو بہ ٿي پيو آهين. مان ارباب آهيان.“

”اربو يار، ڪڪيون ٽيون ڦاٽن. ايڏو سُور پيو آهي جو اصل ڪٽي پيچ نہ. مران ٿو. هلڻ جي سگهہ تہ ٺهيو پر اٿي ويهڻ جي بہ طاقت نہ اٿم.“

”خداءِ جي مارَ پوئي گهرُو. الله جو گنج اٿئي، پوءِ بہ شهر مان دوا نہ ٿو وٺين. اڙي اهو فَتُو سِرُ ڪٽنديئي. اهو ڊاڪٽر نہ ٿي. اهو نانڪ ڪمپونڊر جو ڪمپونڊر هو. هاڻي اسان جي ڳوٺ ۾ اچي ڊاڪٽر ٿي وينو آهي. رڳو پاڻيءَ جون پريل سيُون هڻي، ٿيلهيون ٽمبيون وينو ٿو نوٽ ڪمائي. وڃ شهر وڃ، وڃي ڪنهن ماهر ڊاڪٽر کي ڏيکار تہ جند ڇٽئي.“

”اربو، ٻيلي هٿ ٿو ٻڌانءِ. منهنجو مٿو نہ چَٽِ. ويهين تہ ويهہ نہ تہ رستو وٺ. هڪ مون کي سُورَ ڇِتو ڪيو آهي ٻيو تون بيٺو ٿو بڪ بڪ ڪرين.“

”اڙي، مان ٿو بڪ بڪ ڪريان نياڳا. ورهيہ وهامي ويا ٿئي، اهو سُور تنهنجي جند نہ ٿو ڇڏي. ڏنو اٿئي پاڻ کي آرسيءَ ۾، اصل ٻوتو ٿي ويو آهين ٻوتو. هاڻي مهلت نہ ملنديئي. ان بيماريءَ اچي تنهنجا ڏينهن پورا ڪيا آهن. ڏاهو ٿي چيو مڃ. مان ٿو چوانءِ علي مراد کي تہ توکي شهر ڪٺائي هلي. اڙي مان بہ ٿو گڏ هلانءِ. اتي ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کي ڏيکار. ڪي رپورٽان ڪراءِ. تہ پتو پوي تہ آخرڪار اهو سُور آهي ڇاجو؟“

”اربو، رَبُ پاڙ پٽئي چپ تہ ڪر. متان مراد علي کي چيو اٿئي. هو تہ اصل تو وانگر تيار لڳو وينو آهي تہ هل تہ شهر هلي ٻڪين واري ڊاڪٽر کي ڏيکاري. الائي ڪنهن انهن ٺنهي ڇٽن کي اها توائي ڏني آهي. مان ڇاڪ آهيان. ها پر وقتي وقتي اهو ٻچڙو سُور پڇرائي ٿو ڇڏي. هاڻي ٻن ٽن ڏينهن کان اهو سُور ان ڪري نہ ٿو ڇڏي جو ’نيروبان‘ سئي نہ هڻائي اٿم. فتوءَ جي اسپتال بند آ. ڪلهہ اسپتال ويو هو مانس تہ ڇَوري چيو تہ سياڻي شامر جو ايندو. اڄ اچي تہ نيروبان هڻايان تہ ڪا جند ڇُٽي.“

”اڙي پاڙن پٽيا، فتو ڇا ڄاڻي مرضن مان. هُوجي شهر ۾ هجي ها تہ اتي ان ڪان ڪو ملم پٽي بہ نہ ڪرائي ها..“

”اربو ٻيلي، منهنجي جند ڇڏ، الله جي واسطي ٽَرُ. وڃي ٻئي ڪنهن جي پاڙ پَٽِ، ڇو اچي منهنجي پويان پيو آهين. هل بابا هل، مون بيمارَ تي رحم ڪر.“

”ڪڏ ۾ وڃي پئو. ڇڱائيءَ جو تہ وقت ئي ناهي رهيو.“ ارباب پٽڪندو پٽڪندو اڳتي هليو ويو.

”گهرام، ڏي خبر. اڄ وري پاڻ ڪٺائي پهتو آهين. ڪهڙي تڪليف آهي؟“

ڊاڪٽر يار وارو ڪر، اصل مرانءِ ٿو، ٻئي ڪڪيون ٽيون ڦاٽن. سُور تہ روح مان بہ رانياٽ ڪيرائي ڇڏيا آهن. ڪا نيروبان هڻ تہ فرحت ٿئي.“

”گهرام صفا ڪو درويش آهين. بابا نيروبان جو ڪهڙو واسطو ٻڪين سان؟“

”پر ڊاڪٽر...“

”بس ڪر، تپاس ڪرڻ ڏي.“

”ها، ها پلي ڪر ڊاڪٽر. پر يار ان مرض مان منهنجي صفا جند ڇڏاءِ. هاڻي ان مرض مون کي وڻ ويڙهيءَ وانگر وڪوڙي ڇڏيو آهي.“

”بس ڪر گهرام...“

”پيشاب ۾ تہ ڪا رڪاوٽ نہ ٿي ٿيئي؟“

”هاڻي پيشاب ۾ رڪاوٽ ٿوري ٿئي ٿي.“

”اڳي ڪان گهٽ يا گهڻي؟“

”گهڻي ٿئي ٿي ڊاڪٽر، وڏا زور ڏيڻا پون ٿا.“

”۽ پيشاب ڪانپوءِ؟“

”پوءِ تہ ڊاڪٽر رڳ رڳ نري ٿي پوي.“

”سُورُ مسلسل اٿئي يا وقتي وقتي؟“

”هاڻي تہ يڪو ٿو هلي. اصل ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ ٿو وٺي.“

”سور وقت ٻي ڪا تڪليف؟“

”ها ها بروبر ڊاڪٽر ٿئي ٿي. اڳي اکين اڳيان ڏنڌ ايندو هو هاڻي تہ سُور وقت دَهوئي نہ ٿو پوي.“

”ها، ايئن چئو نہ گهرام. هاڻي ٻڌ بابا، ست ڏينهن هر روز توکي ڊرپ لڳندي.“

”ڊرپ؟“

”اڙي گهرام، ڊرپ معنيٰ ٿيلهي.“

”روز؟“

”اڙي بابا، ٻُڌ تہ سهي. هر روز هڪ ٿيلهي، صبح شام نيروبان سُئي. ٻڪين جو ايڪسري يعني ڪارو ڦوٽو. پيشاب ۽ رت جون ٽيسٽون لکي ٿو ڏيانءِ. اهي سياڻي وڃي شهر مان ڪرائي اچ تہ پوءِ ڏسون تہ اصل ۾ ماجرا آهي ڇا؟ باقي رهي اکين جي ديد، ڪجهہ ڏهاڙا دوا کاءُ تہ پوءِ ڏسون ٿا تہ فرق پوي ٿو يا نہ؟ نہ تہ پوءِ شهر وڃي اکين جي ڊاڪٽر کي ڏيکار. متان تنهنجي نظر گهٽ ٿي وئي هجي. جنهن جو حل عينڪ آهي، آخر جهونو مڙس بہ تہ ٿي ويو آهين نہ؟ هاڻي اٿي هل بئينچ تي سمهہ.“ هن ڇوڪري کي ڊرپ ڪٺي اچڻ لاءِ سڏ ڪيو.

”ڊاڪٽر...“

”ها گهرام چئو، اڃان ٻي ڪا بہ تڪليف اٿئي ڇا؟“

”ڪا بہ تڪليف نہ آهي. مڙئي سُور ٿو پئي تہ ٿوڏي اچڻ جو پُور ٿو پوي.“

”ٿورو صبر ڪر، اها ٿيلهي رڪ. اسان جي ابي ڏاڏي بہ ڪڏهن ڪي ڪارا ڦوٽو، پيشاب جون ٽيسٽان ۽ رپورٽان ڪرايون. اڳ ي تہ سودائي حڪيم هو جنهن جون ڦڪيون ڦڪي بہ چار ڏينهن آرام ڪري نوبنا ٿي ويندا هئاسين. هاڻي تہ تُو جهڙا اصيل ڊاڪٽر آهن، اسان کي ڇا ٿيندو. بس مون کي نيروبان هڻ، مان ڇڱو ڀلو ٿي ويندس.“

”گهرام نيروبان مان هاڻي ڪم نہ هلندو.“

”ڇو نہ هلندو، تون هڻي تہ ڏس نہ.“

”اڙي بابا، جيڪو توکي مرض آهي اها ان جي دوا نہ آهي.“

”آهي ڊاڪٽر آهي، تون مون کي رڳو نيروبان هڻ.“

”ڊاڪٽر اٿي ڪو پير يا مرشد، ٻيلي ان جو واسطو ٿي. مون کي نيروبان هڻ. تو وٽ اچڻ کانپوءِ اڌ سُور تہ ڇڏي ويو آهي. باقي اڌ وڃي رهيو آهي. تون نيروبان گهرائي مون کي هڻ. باقي ملان علڻ وانگر منهنجي اڳيان واعظ نہ ڪر. هان هي وٺ پنجاهہ نيروبان جو.“

”جيڪا تنهنجي مرضي گهرام، ڇڱو هتان اٿي ڪرسيءَ تي هلي ويهہ. اڙي خيرا، اها نيروبان انجيڪشن ڪٺي آ تہ هڻان گهرام کي.“

”آست... او آست...“

”اڙي مران ٿو. اهو پاڻيءَ جو وٺو تہ پري ڏي.“

”آست.... او آست...“

”هاها چئو، ڇاٿو پٽڪين... ڪجهہ ڪپئي ڇا؟“

”الله پڇئي اڄ ڪهڙي خفي ۾ آ جو سڏئي نہ ٿي ڏين؟ چوانءِ ٿو تہ پاڻيءَ جو وٺو پري ڏي. مران ٿو اصل مران ٿو.“

”دوا نہ وٺندين تہ مرندين نہ تہ جيئندي؟“

”اڙي وڃ وڃي پاڻيءَ جو وٺو پري آ، منهنجو جيءُ نہ جلاءِ. اڃان ٽيون ڏينهن تہ نيروبان هڻائي اٿم ڊاڪٽر فتوءَ کان. رب سائين پاڙ پٽي ان فتوءَ جي، هاڻي ان کي بہ شهر جي ڊاڪٽرن جي هوا لڳي آهي. چوي ٿو تہ ڪارا ڦوٽو، پيشاب ۽ رت جون ٽيسٽان ڪراءِ تہ خبر پوي تہ مرض ڪهڙو آهي؟“

”...“

”باقي ڊاڪٽر اڳوڻي جو آهي، جو خبر بہ نہ ٿي پويس تہ مرض ڪهڙو آهي. حرام خور رڳو پئسا ڦرڻ جي چڪر ۾ آهي. اسان غريب ماڻهو، اسان وٽ ڪا ڏراوٽ آهي جو ٽيسٽان ڪرايون رتن ۽ پيشابن جون؟“

”صحيح تہ چوئي ٿو مئا، زمانو بدلجي ويو آ. الائي ڪهڙيون ڪهڙيون بيماريون ٿي پيون آهن...“

”اڙي ماٺ ڪر، وڃ وڃي وٺو پاڻيءَ جو پري آ.“

”مَرُ تون مَر. ڇوٽَ، تون پنهنجو علاج نہ ڪرائيندي. مرندو مري ويندين پر روپئي جي گوري بہ نہ کائيندين. ڊاڪٽر فتوءَ کي ڪهڙي خبر تہ تون ڏينهن رات لوڻ مرچ پاڻيءَ ۾ ملائي وينو ماني کائين. هاڻي اهو ڪيئن ٿو علاج ڪرئي؟“

”اڙي پوءِ پٺهي کي ڇوين هانہ تہ توکي رئيس گهنور خان سان پرڻائي ها جيڪو توکي آڙيون ۽ ڪڪڙ وينو کارائي ها. هن تہ توکي لوڻ مرچ پاڻيءَ ۾ ڏئي مون سان پرڻائي موڪليو هو.“

”بلي، ٽيهہ جريب ٻني... وڏي ملڪيت ناهي اٿائين. اڙي رب جي مارَ پوئي سڄي زندگي اسان کي گڏهن وانگي لوڙايو اٿئي. مان ۽ منهنجن ٻچن لوڙيو آهي، سڄي زندگي جسم تي ڇڱي لٽي جي ليڙ نہ رهي آهي. گهُر تہ ڏسُ پنهنجو، هڪڙُ منهُ آهي، باقي آکهہ کي ڪنڊين ۽ مَنهن هيٺان ويهاريون وينو آهي، ٻارهين مهيني گوشت سان ٽڪر پور نصيب ٿئي ٿو.“

”...“

”ٻيو تہ ٺهيو پر چار نياڻيون نماڻيون وڪڻي ڏڙن ٽڪراڻي اسان کان مٽيون ڊورائي ڊورائي اسان جا پناڙا گسرائي اهي ٽيهہ جريب هٿ ڪيا اٿئي نہ؟“

”اڙي رن، بس ڪر. ٽر منهنجي اکين جي اڳيان نہ تہ ڏيانءِ ٿو دون وارو موچڙو.“

”ٻيو تون ڪندين بہ ڇا؟ رڳو موچڙا تہ هنيا اٿئي نہ.

جنا نورن وانگر. سڄي زندگي ته مون کي مارون ڏئي هي ڦاڙهه وڏا اٿئي.“

”اڙي چوانءِ ٿو اها ٽرٽر بند ڪر. رن ذات، اڄ وڏو وات ٿي هڻين؟“

”ها وٺ هي پاٽي، ڏوگهه مٺا ته ڪٿي مرين نه؟“

”چوانءِ ٿو ٽر دشمن، نه کپي مون کي تنهنجو پاٽي.“

”ڊاڪٽر صاحب هاڻي طبيعت ڪيئن اٿس؟“

”ٻئي آپريشن ڪامياب ويا اٿس.“

”سائين، اجان ڪا خطري جي ڳالهه ته نه آهي؟“

”نه نه، ڪا به خطري جي ڳالهه نه آهي. طبيعت سڌرندڙ اٿس. ٻئي آپريشن ڪامياب آهن.“

”سائين، اجان گهڻا ڏينهن اسپتال ۾ رهڻو پوندو؟“

”بس هفتي اندر توهان کي موڪل ڏبي. پوءِ اڪين واري ڊاڪٽر کي ڏيکاري ڳوٺ هليا وڃجو.“

”وڏي مهرباني سائين، تو اسان غريبن تي ٿورو ڪيو آهي. ههڙي اسپتال ۾ اهڙو علاج، اهو به خيراتي. يقين نه ٿو اچي. رب سائين توهان جهڙن ڊاڪٽرن جي ٻچن ۾ ڪيچ ڪري.“ مراد علي ڊاڪٽر کي دعائون ڏيندي چيو.

”مراد علي او مراد علي، اچ اچ جلدي اچ، ابي کي هوش آيو آهي.“

”نه نه؟“

”ها ها، جلدي اچ پڇي آ.“

”ابا ڪيئن آهين، سُور ته نه ٿو ٿيئي نه؟“

گهرام ڪمري ۾ چؤطرف اکيون ڦيرائي ڪمري جو جائزو ورتو، ”مان ڪٿي آهيان؟“

”ابا، تون شهر جي وڏي اسپتال ۾ داخل آهين. تنهنجا ٻه وڏا آپريشن ٿيا آهن.“

”شهر جي وڏي اسپتال ۾؟“ گهرام رڙ ڪئي.

”ها، ابا شهر جي وڏي خانگي اسپتال ۾.“

”چاچا وڏا تنهنجي پيٽ مان پٿر ۽ پٿريون ڪڍيون اٿائون. هي سڄو ڳوٺرو پريو پيو اٿئي. جڻ سڄو جبل رڙڪي ويو هئين؟“

”تون ڪير؟“

”چاچا گهرو، مان هدايت الله جو پٽ عدلو ٽيڪسيءَ وارو.“

”تون چو آيو آهين عدلو؟“

”چاچا مان توکي پنهنجي ٽيڪسيءَ ۾ ڳوٺ کان شهر ڪٺي آيو هوس نه.“

”ديدار.“

”جي ابا.“

”منهنجا ڪارا ڦوٽو به ڪڍيائون؟“

”ها ابا، ايڪسرا، رت ۽ پيشاب جون ٽيسٽان، مٺي پيشاب جون رپورٽان، دل جون ۽ پٿرين جو رپورٽان، الائي ڪهڙيون ڪهڙيون رپورٽان ڪرايائون. هي مٿن ڪان سڀ ايڪسرا ۽ رپورٽان پيون آهن.“

گهرام ڪنڌ ورائي فائيل کي ڏٺو.

”هي ڇا آهي نورل؟“

”ابا هي تنهنجون دوائون آهن.“

”مار، ايتريون؟“

”ها ابا، هي شربت آهن. هي گوريون. ڪيفسول. هي انجيڪشنا. هي انهن جو پاٽي آهي ۽ هي ماس ۾ هڻڻ واريون سيون.“

”ٿورو سائيڊ ڪيو ته مان انجيڪشن هڻان ڪراڙي کي.“

”ابا، نيروبان ٿو هڻين نه؟“

”نيروبان؟“

”ها، ها ابا نيروبان ٿو هڻي.“ مراد علي وچ ۾ جواب ڏيندي چيو.

”تون چپ ڪر.“

”ابا نيروبان آ نه؟“

”ها، ها چاچا، نيروبان آهي.“

”اڙي مراد علي، خدا توکي غرق ڪري نيروبان ته ڳوٺ ۾ مون کي ڊاڪٽر فتو به هڻندو هو. پوءِ تون مون کي شهر ڇو ڪٺي آئين؟ اڙي ظالم تو ته فصل جا پئسا به غرق ڪيا. قرضي به ٿياسين. هرجي به ٿياسين.“

”ابا، آهستي ڳالهاءِ خدا جو واسطو اٿئي. تنهنجو ٻه آپريشنا ٿيل آهن. اسان جو ٽڪو به خرچ نه ٿيو آهي. هيءَ خيراتي اسپتال آهي. هتي مفت ۽ خيرات ۾ غريبن جو علاج ڪيو ويندو آهي.“

”اڙي بس ڪر حرام خور، الله جو قهر پوئي. ان ڪان ته پلو هو ته ڇموئي نه ها. مان ري اولادو پلو هيس. اڙي منهنجي ڪئي ڪمائي حرام ڪري ڇڏيوَ.“

”ابا، الله جو قسم آهي، نور مٺي جو قسم آهي اسان جو هڪ روپيو به نه لڳو آهي. هفتي ڪان پوءِ اسان کي موڪل ڏيندا پوءِ تون پلي پاڻ پڇي ڏسجانءِ.“

”اڙي، اجان هتي هفتو رهڻو آ. ظالمو، ڪٿي منهنجي ٻني ته نه وڪٽي آيا آهيو؟“

”چاچا گهرو، رڙيون نه ڪر ته ٽاڪا نه ڇڃي پوني.“

”اڙي ڪتي جا... هاڻي تون به چوندين ته مان توکي ڳوٺان ڪار ۾ مفت ڪٺي آيو آهيان.“

”چاچا گهرام مون کي پنهنجي ٻچن جو قسم آهي ته مان توکي ڳوٺان مفت ۾ ڪٺي آيو آهيان.“

”اڙي، نڪر ڪوڙي ڪوڙي جا پٽ، مان پڙهي هِدوءَ کي سڃاڻان. اڙي توهان ڪنهن کي بخار به مفت ۾ نه ڏيو.“

”ابا، رب جو قسم اٿئي رڙيون نه ڪر. تنهنجي اجان طبيعت ٺيڪ نه آهي.“

”اڙي مراد علي، مون کان پري ٿي. ٽري وڃ منهنجي اکين اڳيان. توئي سڄو مانداڻ مچايو آهي. اڙي مان هن سال ڪوڙي کان به جريب ٻنيءَ جا ڪيئن وٺندس. اڙي ٻَنو ٻني سان گڏ آهي. ٻني نه آهي سون جي کاڻ آهي.“

”...“

”اڙي مان ڪوڙي کي ڏٺا سٺا ڏئي ان کي ويهه هزار ڏنا هئا ته باقي فصل تي پئسا ڏئي هن کان ٻني لڪرائي وٺندس. اڙي ظالمو هاڻي اها ٻني رحمو ڪوڙي کان وٺي ويندو، اڳ ئي رحمو ڪوڙي کي پاسا پئي ڏنا.“

”ابا، سڀ ٻاريون پيون آهن. تون خوش ٿي ته ڳوٺ هلي ڳاهه ڳاهينداسين.“

”اڙي چوانءِ ٿو منهنجي اکين اڳيان ٽري وڃو. نڪرو هتان.“ گهرام رڙيون ڪرڻ لڳو.

”هل ادا هل. ٻاهر هل، ڪاوڙ جهڪي ٿيس ته پوءِ ٿا ابي ڏي اچون.“

”مار، هيڏيون رپورٽان، دوائون، آپريشنا، ڪارا ڦوٽو، ڪمرا، ڊاڪٽرن جا پئسا، عدلو جي ڪار جا ڪرايا. مار، هي ڇورا هتي شهر ۾ رهيا پيا آهن. مانيون ٽِڪيون... فصل به ويو. قرضي به ٿيس. الائي ٻنيءَ جو جريب ڪن کپايائون. اي، ڪوڙي واري ٻني به وئي. الائي ڪيئن ظالم مون کي هتي ڪٺي آيا. وڏو خرچ ڪيو اٿائون. هي مان پاڻ سان پٽڪان ڇو ٿو، اٿ ٻيلي گهرام ڏاهو ٿي، سامت ۾ اچ ۽ جند ڇڏاءِ نه ته اهي ڇورا اجان هتي هفتو رهائيندا. رهي سهي ٻني به کپائي ڇڏيندا. اُٿ اُٿ وارو ڪر ۽ ڳوٺ پهچي پنهنجي ملڪيتن جي واهر ڪر نه ته ڇورا پئسو پاڻيءَ وانگر وهائي ڇڏيندءِ. ابو ووو...“

گهرام ٻانهن ۾ لڳل ڊرپ ۽ ڪينولا لاهي ڦٽي ڇڏي. بيڊ تان هيٺ لهي جسم ۾ لڳل ٻيون نڙيون ۽ پٽيون لاهي ڦٽي ڪيائين. ’وارو ڪر گهرام جلدي نڪر هتان ڇورا نه پهچي وڃني.‘ وري پٽڪڻ شروع ڪيائين، ’پر ترس، ترس نيروبان ڳولي ڳولي سڀ ڪڻ اهي آهستي آهستي ڪري ڊاڪٽر فتوءَ کان سڀ هڻائجاءِ.!

گهرام ڪمري ۾ ٽڙ ڦتڙ ۾ لڳي ويو. ’ڪاڏي وئي نيروبان، ڪاڏي وئي نيروبان.. الائي ڪاٿي لڪائي رکي آهي ظالمن جُود ڪر گهرام جُود ڪر ته اچي نه وڃني ڇورا.‘

مٿو ڇڪرائجڻ لڳس، ڪچا ٽاڪا ٽٽي پيس. رت چئاڪا ڪري وهڻ لڳس. ٽاٻڙجي بيڊ جي پرسان فرش تي ڪري پيو. ساڄي هٿ ۾ به انجيڪشن مضبوطيءَ سان جهليل هيس.

’اي، اکين جو آڏو اوندهه ٿي وئي.‘ جا بوليندي جابوليندي ڪرڙيون هڻڻ لڳو، تيز تيز ۽ پوءِ هوريان هوريان، فرش تي رت پکڙجي ويو.

دروازو آهستي آهستي کليو. مراد علي پير پير ۾ ڏيئي ليئو پائي ڏٺوئي مس ته اپ ڦاڙ رڙ ڪيائين، ’ابا، ووي...‘

پٺيان ديدار ۽ نورل اوچنگار ڏني.

مراد علي گهرام جو فرش تان ڪنڌ ڪڻي پنهنجي جهوليءَ ۾ رکيو. گهرام جو وات پٽيل ۽ تارا نرڙ تائين ٻاهر نڪتل هيس. جيڪي ڪمري جي ڇت ۾ ڪتل هئا.

گهرام جي ساڄي هٿ ۾ لرزو ٿيو. مراد علي ڇچريل ڇچريل آواز ۾، ’نيه رو رو بابان، نيروبان، نيه رو بان‘ ٻڌو ئي مس ته گهرام واتَ پٽيل ۽ ٻاهر نڪتل تارن سان پنهنجو ڪنڌ مراد علي جي جهوليءَ ڏانهن لاڙي ڇڏيو.

مراد علي گهرام جون اکيون پوريندي وڏي رڙ ڪندي اوچنگار ڏني. ديدار ۽ نورل ان اوچنگار جو ورلاپ ڏنو.

”ابا، او - ابا - اووي...“ ■

# تعزيت

سوجهرو ساٿي، ساٿي محبوب زنگيجو جي والد محترم ۽ نماڻو صديق مهيسر جي نوجوان پاءُ جي وفات ۽ هند ۾ ، نثري نظم جي شاندار شاعر ۽ نقاد شري هريش واسواڻي جي لاڏاڻي تي ادارو، مرحومين جي پونئيرن سان ڏک ۾ برابر جو شريڪ ٿيندي ساڻن عذرخواهي ڪري ٿو. - ادارو

# ڪانگن جي وستيءَ جو رقص...

شاهد نقوي

منهنجو لفظ ڪٿي وڃائجي چڪو آهي.

ان سانحي جو احساس مونکي ان وقت ٿيو، جڏهن آئون رات جي خاموشيءَ ۾ لکڻ ويٺس. لفظ منهنجي حافظي مان هڪدم غائب ٿيو ويو. ذهن تي زور ڏيندي ڏيندي آئون بيقرار ٿي ويس. ساهه سڌير ڪرڻ لاءِ آئون پولارن ۾ نهاريندو رهيس. پر اهو لفظ مونکان لکيو ئي نه پڳو. لفظ جي ڳولا ۾، مون ميز ۽ الماري جي خانن ۾ رکيل ڪاغذن ۽ ڊائرين کي اٿلائي پٿلائي ڏٺو. هڪ هڪ ڪتاب کي کولي جاچيو. ڊڪشنري پڻ واچي. پر ڪجهه هٿ حاصل نه ٿيو. ۽ پنهنجي جاکوڙ اجائي محسوس ٿي. آئون مايوس ٿي پيس. هن کان اڳ لفظ منهنجو مطيع هو. جڏهن چاهيم ته ڏاڍي فرمانبرداري سان ڪاغذ تي اتري ويندو هو. هاڻ شايد منهنجي قلم ۾ اڳوڻي صلاحيت نه رهي آهي. مون ڪيئي قلم تبديل ڪيا. پر ڪجهه نه وريو. پوءِ مٿو جهلي ويهي رهيس. سوچيم، 'شايد لفظ مون سان بغاوت ڪئي آهي. اهڙي هيجاني ڪيفيت ۾ سمورا ڪاغذ ڦاڙي. ۽ پينون ٽوڙي ڦٽيون ڪيون. مون رڙيون ڪوڪون ڪري جڳ جهان کي لفظ جي گم ٿيڻ جي خبر ڏيڻ پئي چاهي. پر آواز، نڙيءَ ۾ ئي ڦاسي پيو. هاڻ منهنجي سڃاڻ نه رهي هئي. 'ماڻهو ڇهري سان نه، لفظ سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.' ان رات آئون ڏاڍي بيقراري سان هيڏي هوڏي ٽلندو رهيس. نيٺ ٿڪ وگهي وڃي هنڌ ۾ ڪريس. ۽ اپ ساهي ۾ ونجي ويس. لڳو ڪاشيءَ منهنجي اندر مان نڪري ٻاهر هلي وئي آهي. ۽ منهنجو ويساهه پولارن ۾ وڪري ويو آهي. آئون بي روح وجود جيان لمحي جي ڦاهيءَ تي لٽڪيل رهيس. ۽ خبر ناهي ته ڪهڙي مهل ننڊ وڪوڙي ويئي.

جاڳ ٿي ته هٻڙ دٻڙ ۾ اٿي ويٺس. ايندڙ ڏينهن جو پيئرو سج مٿي جڙڪي آيو هو. انهيءَ شش پنج ۾ آفيس پهتس ۽ ڪليگن سان ان مامري بابت ڳالهايم، 'يارو، لفظ وڃائجي ويو.'

"لفظ تو وٽ آهي. ۽ تون ڳالهائين پيو." دوستن وراڻيو.

"اهو لفظ جيڪو آئون لکڻ ٿو چاهيان، مون وٽ ڪونهي." مون وضاحت ڪئي.

"تو کي وهم ٿيو آهي." هنن چيو.

"وهم نه. پر آگاهي." ٻي چيو.

هو ڏوڏا ڦاڙي مونکي ڏسندا رهيا. آئون ڪين ڪجهه به سمجهائي نه سگهيس. مايوسي ۽ گهٻراهٽ ۾ ڪجهه صحافي، اديب ۽ دانشور دوستن ڏانهن هليو ويس. جيڪي پنهنجي من پسند هوٽل ۾ ڪچهري ۾ رڌل هئا. ۽ ڏاڍي بي فڪري سان سگريٽ جي دونهين سان ماحول کي گندو ڪري ڇڏيو هو. ۽ پنهنجي پنهنجي بي صدا لفظن ۾ ڳالهائي رهيا هئا. منهنجي وچ ۾ پوڻ ڪين نه آئڙيو. ۽ منهن گهنجائي ڇڏيائون.

"لفظ وڃائجي چڪو!!" مون چيو.

مونکي ڇخي ئي نه ڪيائون. هڪ ڄٽي ته منهن ڇٻو ڪري، سگريٽ جو دونهون مون ڏانهن ڪيندي چيو، "لفظ اهوئي لک، جيڪو هن وقت رائج آهي."

مون کي انهن مان ڪنهن مناسب مشوري جي اميد به گهٽ هئي. هنن نه منهنجي پريشاني کي سمجهيو ۽ نه ئي منهنجي ڳالهه کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار هئا. مون سان پيش ايندڙ سانحي جو ڪين اونو ئي نه هو. انهن جي بي حسي تي چڙڻ بدران، مون کي مٿائن ترس آيو. بي چينيءَ ۾ واڌارو محسوس ڪيم. هنن مان هڪ منهنجي ڪيفيت کي ڏسي چيو،

"ميان، جهڙي مهل، تهڙو لفظ."

"نه، اهو مون کان نه پڄندو."

"ڇو؟"

"جيڪو ماڻهو لفظ کي ڪوڙ لاءِ واپري ٿو. لفظ ان کان بدلو وٺي ٿو."

هن ٽوڪ مان مون ڏانهن نهاريو. ۽ نفسياتي طور آئون رتورت ٿي ويس. هنن جي ڪنهن ٻي وار ڪرڻ کان اڳ آئون هوٽل مان ٻاهر نڪري آيس. آئون ڳٽتين جي ڳاري ۾ ڳري رهيو هوس. 'جيڪڏهن مونکي لفظ نه مليو ته آئون ٽڪرن ۾ ونڊجي ويندس.' واقعي جي ڳنڀيرتا کي نظر ۾ رکندي آئون وقت جي حاڪم وٽ پهتس، ڏاڍي سورن سان عوامي حاڪميت جي دعويدار سان ملاقات ٿي. منهنجي حالت ڏسي. هن مون ڏانهن گهوري ڏٺو، "...؟"

"هڪ رپورٽ آندي اٿم."

"ڇاجي رپورٽ؟"

"گمشدگي جي."

"گمشدگي جي رپورٽ حد جي ٺاڻي ۾ ڪبي آهي."

"عام ڳالهه ناهي."

منهنجي پراعتماد لهجي هن کي ڪي قدر لوڏيو. پر پاڻ کي داٻي وارو ظاهر ڪرڻ لاءِ هن مون ڏانهن سواليه نظرن سان گهوري ڏٺو. مون بيقراريءَ مان ڪيس چيو،

"منهنجو لفظ وڃائجي ويو آهي."

هو حيرت ۾ ونجي ويو. ۽ ڪاوڙ بدران ڏيان سان مون ۾ دلچسپي ڏيکاري،

"لفظ ڪوئجڻ واري شيءِ ته ناهي؟"

آئون هيستائين هن جي حيثيت کان مرعوب نه ٿيو هوس. ڪيس تلخي مان چيو،

"لفظ ڪڏهن چوري به ٿيو وڃي. ۽ ڪڏهن وڃائجو به وڃي."

"اهو ڪهڙو لفظ آهي؟" هن تجسس مان پڇيو.

"جيڪو هر ماڻهو نه ٿو لکي سگهي."

شايد هن کي به ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. ۽ مون ڏانهن گهوري ڏسي ڪري حيران هو.

"ڪجهه ماڻهو لفظ جي پويان به لڳل هوندا آهن."

"ڪهڙا ماڻهو؟" گهٻرائي چيائين.

"اختيار وارا ماڻهو."

"ڪارڻ؟"

"ان جي ڊپ کان."

ڪجهه گهڙيون ڪمري ۾ ماٺ رهي. پوءِ هن پيشاني اگهندي پڇيو،

"ڪيئن ٿو چئين ته لفظ گم ٿي ويو آهي؟"

"گذريل رات لکڻ ويٺس ته اهو ڪاغذ تي اتري نه سگهيو."

"ان جي جاءِ تي ٻيو ڪو لفظ لکين ها؟"

"ٻيا لفظ بي ساها ۽ بي روح لڳا."

"ان لفظ جا ڪي پارپتا، سڃاڻ؟"

"هو رڙندو آهي. پنهنجي هجڻ جي ثابتي ڏيندو آهي. ۽ سيني جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو آهي."

"ليڪڪ ته ٻين جي اشارن تي به لکندا آهن." هن معنيٰ خيز لهجي ۾ چيو.

"اهو منهنجي وس ۾ ناهي."

"ڇو؟"

"لفظ ڪي پنهنجي انا آهي."

هيستائين هو ڪرسيءَ سان پٺي ٽيڪيو ويٺو هو. منهنجي ڳالهه ٻڌي هو سؤلو ٿي ويٺو. مون سندس حيرت دور ڪندي چيو،

"هن جي صداقت تي حرف نه اچڻ گهرجي."

"هاڻ انجي اهميت ڪٿي؟" هو ڪليو.

هن جو پٽرائون سياءُ بي سبب نه هو. هو هلندڙ دور ۾ لکيل لفظ جي بي حرمتي کان ڄاڻو هو. مون پنهنجي ڳالهه ۾ وزن پيدا ڪرڻ لاءِ چيو،

"اسين هميشه انجا ڳيجهو رهنداسين."

منهنجي بي ڪيفيءَ جو پڙاڏو منهنجي وجود اندر طوفان اپاري رهيو هو. وجود مان ڦٽي نڪرندڙ ڪوڪ، هو ٻڌڻ کان وانجهيل هو. ۽ ڪرسيءَ ۾ پاسا بدلائي رهيو هو. مون ڪيس چيو،

"آئون فقط ان لاءِ ئي جيئرو آهيان."

"انهيءَ لفظ ۾ آخر اهڙا ڪهڙا جواهر جڙيل آهن؟" هن وچڙندي چيو.

"اهو منهنجو آواز آهي. آواز هليو وڃي ته سڀ ڪجهه وڃائجو وڃي."

"پوءِ ان کي ڪٿي ڳوليون؟"

"..."

"تو کي ڪنهن تي شڪ آهي؟"

"ڪنهن هڪ تي!! گهڻائي آهن."

شهر جي حاڪم ۽ انجو ماتحت هڪ ٻي کي ڏسڻ لڳا. ماتحت جي وات ۾ مگ هئا. هي مامرو ٻنهي جي توقع جي خلاف هو. نبيرڻ کان مٿانهون. اهو ڏسي مون مجبوري ڏيکاري،

"ان ڪانسواءِ آئون مئل آهيان."

"پر تو جهڙا ٻيا ته اجا به زنده آهن." هن طنز مان چيو. اهو ٻڌي آئون ڦڪو ٿيس. "سچ ته چوي ٿو. اهڙا ماڻهو هر دور ۾ موجود. ۽ سندن لکٽيون بي روح ۽ بي اثر. جڻ سندن ڪفن."

هن طنزيه انداز ۾ صلاح ڏني،

"انهن جيان تون لفظ بدران رعايتون چو نہ ٿو گهرين؟" مون وڏو ساهہ کڻي چيو.
"بي مقصد جياپو موت آهي." احتجاج بدران. اهي لفظ اندران نڪري آيا.
"تنهنجو ڪيس منهنجي اختيار ۾ ناهي. مونکي مٿان کان آرڊر ونڻو پوندو."
ان ڪانپوءِ فون تي هن ڪنهن سان مون بابت ڳالهايو. ۽ فرمانبرداري وچان، سَرَ سَرَ چوندو رهيو. ۽ پوءِ رسيور ڪريڊل تي لاڙي ڌمڪي ڏيندي چيو،
"تون شرپسند آهين."
سندس اهڙي انڪشاف تي مون ڪو ردِعمل نہ ڏيکاريو. هن منهنجي رويي کي اقرار سمجهيو. ۽ پنهنجي ماتحت کي اشارن ڪناين ۾ ڪو حڪم ڏنو.
"چو، سر؟"
"جيئن ٻين کي سبق ملي."
"هن وٽان نہ تہ ڪو هٿيار هٿ لڳو آهي. ۽ نہ ئي هن ڪا حرڪت ڪئي آهي؟"
حاڪم، پنهنجي ماتحت جي دليل کي لنوائي ڇڏيو. ۽ پنهنجي سوپ جي نشي ۾ ڪليو. ڄڻ ڪنهن هڻ هٽان ڪانسواءِ گهر ويٺي هن ڄڻ ڪو اشتهاري ڌوهاري پڪڙي ورتو هو. ۽ پوءِ ڳوري ۽ دابي واري انداز ۾ چيو،
"اهوئي تہ آهي جيڪو لفظ لکي اقتدار لاءِ مامرا پيدا ڪندو آهي."
"..."
ماتحت مونکي ٻانهن کان پڪڙيو. ۽ آئون مزاحمت ڪانسواءِ ساڻس گڏ گڏ هلڻ لڳس. هن مونکي جيل جي ڪوٺي ۾ واڙي ڇڏيو.
ڏٺم تہ لفظ اڳ ۾ ئي قيد ۾ بند هو. ■

## حنيف عاطر

هر صُبح اٿي رات جي تصوير ڏسون ٿا
ڳوڙهن ۾ پنل خواب جي تعبير ڏسون ٿا
جي درد ملياً، تن جو ڪو اڪسير ڏسون ٿا
ڄڻ زهر ۾ ماڪي جيان تاثير ڏسون ٿا
ڪيئن زخمي بدن درد جي زندان مان نڪري
پيرن ۾ پيل عشق جي زنجير ڏسون ٿا
پاسو ٿو وٺي ڪنهنجو، خبر ناهي اسانکي
ڪنهنجي ٿي کُٽي، شهر ۾ تقدير ڏسون ٿا؟
چانڊوڪي عجب عڪس چِٽي هيٺ نچي ٿي
ان وقت اوهانجي ئي ڪا تصوير ڏسون ٿا

دنيا کي دِل جو راز ٻُڌائڻ جي دير هئي
ڄڻ پنهنجي حيثيت کي وڃائڻ جي دير هئي
محسوس ٿيو تہ روح مان نڪري ويو قرار
غلطي سان ٿورو توکي ڀُلائڻ جي دير هئي
ديرو دمايو گهر ۾ اچي تيرگين تڏهن
تصوير تنهنجي ڀت تان هٽائڻ جي دير هئي
هڪ شور ۽ شَرار مچي شهر ۾ ويو
سنديس بس سڄڻ ڏي هلائڻ جي دير هئي
پاڙو ڇڏڻ جو فيصلو ماڻهن جڏهن ٻڌو
بس لوڪ کي مِٺائي ورهائڻ جي دير هئي
عاطر اسان جي وچ ۾ ويڇا ڪٿي هئا
دنيا کي داستان ٻنائڻ جي دير هئي.



## ساٿي محبوب زنگيجو

ڪول پنهنجا تون ڪٽي سارا قصا محبوب
رات جا باقي بچيا آهن حصا محبوب
چنڊ تارن سان سجايل اُپ سمورو آهہ
تو ٻنان هن رات جا منظر لسا محبوب
رنگ سانوڻ ڪيترا آندا مڙيا سپ پونر
واءُ ۾ خوشبو ٻُري آ چوڏسا محبوب

ايئن منهنجو من آ اڪيلو مسافر
دريا ۾ آ جيئن ٻتيلو مسافر
هوائن جو لهجو ڪڙو، ٿو ڏکوئي
ڏکن جي سفر جو نويلو مسافر
اچي ويهہ مون سان تون ڪاڏي وڃين ٿو
ڇڏيو ڪين چاهت جو ميلو مسافر
لڏي سپ ويا ۽ جوءِ خالي ڏنيي ٿي
رليو هرٽي پويان ٿي ٻيلو مسافر
سيهہ رات پارو مٿان مينهن برسي
رنو در، رسيو ڪو اويلو مسافر.

ڪير منزل جي پڄاڻيءَ وٽ
مونسان هلندو هڪ ڪهاڻيءَ وٽ
هن حويلي جو انوکو هڪ
راز آهي گهر ڏياڻي وٽ
مينهن موڪل مينهن موڪل تون
اي سمندر، سنڌ راڻيءَ وٽ
سنڌ هاڻي وريو پڪاري ٿي
ڪير پهچي ڏسون ٿا مياڻيءَ وٽ

## ترويينيون

مون نہ سمجها تنهنجي نيڻن جا اشارا عاشقاڻا
عشق منهنجو آهہ جاڳيو ننڊ جي گهري اٿر مان
تون جڏهن ڪنهن جي حويلي جو ٻٽي سينگار آهين

---

تيز هوا کان پوءِ آيو رڙيون ڪندو مينهن
گلڙن پنهنجا ڳل پڇايا تاريون جرڪي پيئون
موٽ پرين تون مند وڃي ٿي پنهنجا پير ڇڏ ي

---

شهر سارو خون ۾ آهي ٻڏل
موت جي هٿ ۾ ڪلاشنڪوف آ
خوف مان ماڻهو گهران نڪري نٿو

---

روڊ رت سان آهہ ريٽو
حادثو هو زندگيءَ سان
لڙڪ لاڙيا ڏيءَ حوا جي

---

موت تون ڪنهن کي پيو ڳولين؟
شهر جون ساريون ڳليون وائڙيون
خوف، تون جيئرو اجان آهين ؟

## نثري نظم

انتظار...
انتظار،
'ساٿي محبوب' تہ ناهي،
جو جوان تہ ٿئي،
پر پوڙهو بہ ٿي وڃي.
انتظار،
عورت جي اک جو ڪجل بہ ناهي،
جو ڳوڙهن ۾ ٻوڙي اگهاڙو،
ٽشو پيپر جي قبر ۾ دفنائي ڇڏجي.
انتظار تہ،
مري وڃڻ ڪانپوءِ بہ،
ديوار تي لڙڪيل گهڙيال جي اڻ تڻ جو،
پلاسٽڪ جي گل دستي ۾ اڻ ڪڙيل مڪڙي جو،
ڌاري وٺندو آهي روپ،
ڪنهن جي انتظار ۾.

## غزل



پلڪن تي ڪڙ ڪڙ وچ ڪڙڪي، ڪنهن دود دکڻ جو خدشو آ
جي بند پڇي پيا نيڻن جا، ڪنهن ٻُوڏ اچڻ جو خدشو آ

ڪو دل جا ٽڪرا ميڙي ڏي، ڪوئي تہ اچي ۽ پرچائي
من ماندي ڪي پرپائي، ڳوڙهڻ جي ٿمڻ جو خدشو آ

پاهڻ پاهڻ لهجو تنهنجو، تلخيءَ گاڏڙ جلوو تنهنجو
تن پٿر پٿر لفظن سان، سنگسار ٿيڻ جو خطرو آ

ورهہ وڇوڙو ۽ تنهائي، ۽ ٻي پاسي آ رسوائي
ڪر واڳ ورائڻ جي وائي، ڪو مچ مچڻ جو خدشو آ.

امر ساحل

# محبت پاسي ٻيٺل شخص...



منصور پرڙو

## پروموشن

ملڻ کانپوءِ مير جڏهن آفيس جي ڪمري ۾ ڦرندڙ ڪرسيءَ تي ويٺو ته سندس اکيون پرجي آيون. اهڙي موقعي تي سندس اداس ٿيڻ جو سبب اهو هيو ته ڪيس، سال اڳ گذاري ويل پنهنجو پيءُ ياد پيو. سوچڻ لڳو، ”اڄ هو زنده هجي ها ۽ هي منظر ڏسي ها ته ڪيڏو نه خوش ٿئي ها.“ ڏک جو اهو لمحو طويل ٿي ويو. سندس اکين مان ڳوڙها ٽمڻ لڳا ۽ سار جو اهو سلسلو وڃي سڏڪن تائين پهتو.

پٽيوالو اندر آيو ته مير مشڪل سان پاڻ سنڀاليو، هن ڏانهن نهاريو. پٽيوالي چيو،

”سائين، پري کان آيل ڪجهه ملازم ڪم جي سلسلي ۾ ملڻ چاهن ٿا.“

”ٿوريءَ دير کانپوءِ ڪين واري واري سان گهرايان ٿو.“

پٽيوالي جواب ڏيندي وري چيو، ”پر سائين، هڪڙو پوڙهو شخص ملڻ لاءِ ڏاڍو زور پيو پري.“

”چڱو پهرين ان کي سڏ ڪري وٺ.“

صاحب جو حڪم ٻڌي پٽيوالي جڏهن پوڙهي کي سڏ ڪيو ته هن به اچڻ ۾ دير ئي ڪانه ڪئي ۽ ڪمري ۾ گهڙندي ئي هيٺ پٽ تي ويهي رهيو. مير کيس ٻانهن کان پڪڙي ڪرسيءَ تي ويهاريو. ۽ چيو،

”چاچا، ائين ته نه ڪر. تون منهنجي پيءُ جيڏو آهين. آرام سان ويهه ۽ پنهنجو ڪم ٻُڌاءِ.“

پوڙهي شخص کي حوصلو مليو. ۽ هو ڳالهائڻ لڳو، ”سائين، منهنجو پٽ اوهان وٽ نوڪري ڪري ٿو پر ڇهن مهينن کان سندس پگهار بند آهي.“

”پگهار بند ڪرڻ جو ڪو ته سبب هوندو؟“

”خبر خدا کي يا اوهان کي؟“ پوڙهي چيو.

”هن جي پٽ جو پرسنل فائيل آڻي ڏي.“ مير پٽيوالي کي چيو.

پٽيوالو فائيل کڻي آيو. مير فائيل کي اٿلائي پٿلائي چيو،

”چاچا، اوهانجو ڇوڪرو ته گوسڙو آهي.“

”...“

نوڪري ڪندو ته پگهار به ملندي نه، چاچا سائين.“ مير چيو.

مير جو سوال ٻڌي آخر پوڙهي ڪنڌ مٿي ڪري چيو، ”سائين، هن ڀيري معاف ڪيوس آئينده ڪونه گسائيندو.“

”پر غير حاضر رهڻ جو سبب ته معلوم ٿئي؟“

”بس سائين، ٿورو ذاتي معاملو آهي.“

”پر ڪجهه ته معلوم ٿئي ائين نه ٿئي جو وري ساڳيو بهانو ڪري؟“

”سائين، سبب نه پڇيو ته بهتر آهي.“

مير ڏٺو ته پوڙهو تفصيل ٻڌائڻ لاءِ بلڪل تيار ناهي. هن سندس پٽ کي سڏائي ورتو. هو مير کي ڏاڍو ٿڪل ٿڪل ۽ ڪريل لڳو. مير پڇيس، ”حيدر، تون صحيح ٻڌاءِ ايترو وقت ڪٿي هئين؟“

هو به خاموش رهيو ۽ پيءُ کي تڪڻ لڳو.

آخر پوڙهي زبان چوري، ”چڱو سائين، مان ٿو اوهان کي ٻڌايانءِ. حيدر پنهنجي سؤٽ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي. جيڪا طلاقيل آهي. مان راضي ناهيان. هن ڪارڻ ڪاوڙجي هن آفيس اچڻ به ڇڏي ڏنو آهي.“

مير حيران ٿي ويو، ”چاچا، مون ڳالهه نه سمجهي؟“

”سائين، منهنجي ننڍي ڀاءُ پنهنجي ڌيءُ جو رشتو ننڍي لاڪون حيدر سان طئي ڪيو هو. پر زمين جي ورهاست تان اهڙو ته تڪرار ٿي پيو جو ڌيءَ کي ڌارين ۾ پرڻائي ڇڏيئين.“

آخر حيدر به زبان چوري، ”سائين، ان ۾ اسان ٻارن جو ڪهڙو ڏوهه جو اسانکي سزا پئي ملي.“

پوڙهي کي جوش اچي ويو، ”سائين، هي ته اجايون ٿو ڳالهيون ڪري. ڀاءُ مون سان سولا پير ناهن پريا. وڏا ڪلور ڪيا آهن. ناانصافي ۽ زيادتين جي اجرائي ڪانسواءِ آئون ڪانئس طلاقيل ڌيءَ جو رشتو ڇو وٺان؟“

مير مرڪندي چيو، ”پر پٽنهين جو ته اتي ئي خيال آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي شايد جو اجان تائين شادي به ڪانه ڪئي اٿس.“

”جي بلڪل، پر اوهان منهنجي نقطه نظر تي به ويچاريو ۽ پوءِ فيصلو ڪيو.“

”جي ٻڌايو.“

”بابا جي وفات کانپوءِ جڏهن ڇئن ڇڳن زمين جي ورهاست ڪري جيڪو زمين ٽڪرو مونکي ڏنو ان تان ڪجهه مهينن کانپوءِ ڀاءُ ڦري ويو ته ڪيس ورهاست ۾ خراب زمين ملي آهي. مان جڏهن زمين تي ويٺو هيم ته هن مون تي سڌي گولي هلائي پر شڪر آهي جو بچي ويم. گولي ڄنگهه ۾ لڳي.“

مير ٻئي هٿ مٿي تي رکي چيو، ”چاچا، هاڻي مونکي ٻڌاءِ ته آئون ڇا ڪيان؟“ تنهنجو پٽ ته پنهنجي سوٽ سان ئي شادي ڪرڻ چاهي ٿو.“

”سائين، مان حيدر کي ايلاز منٿون ڪري وٺي آيو آهيان. هاڻي هي ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ راضي آهي.“

مير جڏهن حيدر ڏانهن پڪ ڪرڻ لاءِ نهاريو ته هو ڇرڪيو ڄڻ سندس ڌيان ڪنهن ٻئي پاسي هجي. تڏهن مير چيس، ”ٻڌين پيو پٺهين ڇا ٿو چئي؟“

”جي، سر. آئون هاڻي ڪونه گسائيندس.“

مير جواب ٻڌي پوڙهي کي چيو، ”چڱو چاچا مان ڪيس معاف ڪيان ٿو. پر ان شرط سان ته هو هاڻي ناغو نه ڪندو.“

پوڙهي خوش ٿيندي چيو، ”جي بلڪل سائين. اوهانجي وڏي مهرباني.“

ٻنهي جي وڃڻ کانپوءِ مير سوچيو، ”حيدر جو ڊيوٽي تي اچڻ مشڪل ٿو لڳي.“

سپنا ۽ حيدر جي. سپنا جي ماسيءَ جي گهر ۾ ڳجهي ملاقات ٿي ته سپنا ڏاڍي ڊنل هئي.

”تو ڇو آخر ماسيءَ کي مجبور ڪيو ملڻ لاءِ هاڻي مان جيئڻ نه ٿي چاهيان.“

”مون توکي ان لاءِ ئي گهرايو آهي ته مان توکي زنده ڏسڻ ٿو چاهيان.“

”زنده رهي ڇا ڪنديس. طلاق مليل عورت جي هتي ڪهڙي حيثيت آهي؟“ سپنا جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو.

”دنيا جي ناهي پرواهه سهڻا تنهنجو خير هجي.“ حيدر اداس ماحول کي ٿورو خوشگوار بڻائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. ۽ اها ڪوشش ٿوري ڪامياب به ٿي جو سپنا مرڪندي چيو، ”هاڻي ته صفا مجنون پيو لڳين. پهرين ڇو نه پئي ڪوشش ڪئي؟“

”تڏهن ٻنهي پائرن جو تڪرار زورن تي هيو، همت ئي ڪانه ٿي.“

”هاڻي وري ڪهڙو ٿيا آهن؟“

”هينئر مون ڪجهه پيو سوچيو آهي.“

”ڇا سوچيو آهي؟“ سپنا وراڻيو.

”پاڻ شهر هلي، ڪورٽ ۾ نڪاح ڪنداسين.“

سپنا ڏڪي وئي، ”نه، نه. آئون ائين ڪونه ڪنديس.“

”ڏس سپنا، هينئر چاچا توکي پوڙهي ماستر سان پيو پرڻائڻ لاءِ سوچي. جنهنجون به جوان ڌيئرون گهر ۾ ويٺيون آهن.“

”اهو ته مون به ٻڌو آهي.“

”پوءِ ٻڌو اڻٻڌو نه ڪر. معاملو تنهنجي ئي زندگيءَ جو آهي.“

”پر، تو واري وٽ تي هلڻ سان ڏاڍيون تڪليفون اينديون.“

”ڪجهه ڪونه ٿيندو. منهنجو شهر ۾ هڪ دوست آهي. ان سان مون ڳالهائي ڇڏيو آهي، سڀ ٺيڪ ويندو.“

”ڪجهه به ٺيڪ نه ٿيندو. اجايو زماني ۾ خوار ٿينداسين.“

”ائين ڇو نه ٿي چوين ته آئون توکي نه ٿو وڻان، تنهنڪري پئي بهانا ڪرين.“

”سچ پڇين حيدر، پهرين تون مونکي عام ماڻهن جهڙو لڳندو هئين.“

”۽ هاڻي؟“ حيدر پڇيو.

”جڏهن کان تو مونکي پنهنجو ڪرڻ جو سوچيو آهي. تڏهن کان دل ۾ گهر ڪري ويو آهين. جڏهن ته زماني مونکي ڌڪاري ڇڏيو آهي.“

”جڏهن مونکي ايڏو اهم سمجهي رهي آهين ته پوءِ ڇڏي ڏي ته آئون ڇا ٿو ڪيان؟“

”تون جيڪا به ڪوشش ڪندين. ان ۾ ڪاميابيءَ جي اميد گهٽ آهي.“

”چڱو تون ڪجهه ڏينهن سوچ. آئون وري توسان رابطو ڪندس.“

مير جيئن ئي پنهنجي آفيس ۾ وينو ته ڪلارڪ،

حيدر جو فائيل آٽي ميز تي رکيو. ۽ چيائين،

”سر، اوهان ان ڏينهن چيو هيو ته حيدر جڏهن پابنديءَ سان ڊيوٽي شروع ڪري ته سندس موڪل منظوريءَ لاءِ ڪٽي اچجو.“

”جي، بلڪل.“

”پر سائين، ان ڏينهن ڪانپوءِ هو آفيس ئي ڪونه آيو آهي. اڄ ته سندس اخبار ۾ تصوير سان گڏ خبر به شايع ٿي آهي.“ ڪلارڪ اخبار مير جي سامهون رکندي چيو.

مير کي اخبار واري تصوير ۾ حيدر ڏاڍو مختلف نظر آيو.

مير سوچيو، ”ان ڏينهن جڏهن هو سندس سامهون ويٺو هيو ته سڄو پورا پورا ۽ ٽٽل ٽٽل هيو. پر هاڻي جڏهن پنهنجي محبت جي پر ۾ بيٺو آهي ته ڪيڏو نه مڪمل ۽ مطمئن آهي. جيتوڻيڪ هو سمجهندو هوندو ته ڪورٽ ۾ نڪاح ڪرڻ ڪانپوءِ اڳتي مشڪلاتون هونديون پر محبت ملڻ ڪانپوءِ هو ڪيڏو نه ارڏو ٿي پيو آهي.“

مير، ڪلارڪ ڏانهن نهاريو ۽ پڇيو، ”تنهنجي خيال ۾ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

”سائين، سرڪاري ملازمن جي سرسوز قائدن ۽ قانونن ۾ گوسڙو ملازم لاءِ سخت قدم کڻڻ جي تجويز ڏنل آهي.“

مير مرڪندي چيو، ”پر ڇو نه پاڻ هن معاملي جو انساني همدردي جي ناتي سان نبيرو ڪيون؟“

”جيڪا توهانجي مرضي سائين.“

”پوءِ منهنجي مرضي اها آهي ته پاڻ حيدر جي خلاف تيستائين سخت قدم نه کڻنداسين جيستائين هو پنهنجي محبت جي پر ويٺو بيٺو هوندو ۽ جڏهن به هن زماني جي دٻاءَ ۾ اچي پنهنجي پيار کان پري ٿي بيٺو ته پوءِ سخت قدم کڻڻ ۾ دير نه ڪبي.“

صاحب جو جواب ٻڌي، ڪلارڪ فائيل واپس کڻي ٻاهر نڪري ويو. ■

## غزل



**ولي ٽگڙ**

نصيب قيدي ۽ خواب قيدي
چمن چمن جا گلاب قيدي
نظر ۾ تنهنجي نشو غضب جو
جو رند قيدي، شراب قيدي
پنا پڙهيا، سونهن جا رڳوئي
رکي سمورا، ڪتاب قيدي
اوهانجو حسنِ ڪمال جانان
گناهه قيدي، ثواب قيدي
چپن تي چپ جي لڳل مُهر آ
سوال قيدي، جواب قيدي
شباب تنهنجي جو مُلهُه ڪاٿي؟
’ولي‘ جتي ها، نواب قيدي.

# ٽڪرين ڪهاڻيون



**شيام ڪمار**

## قيامت کان قيامت تائين

بزرگن کان روايت هلندي پئي اچي، ”ماضي بعيد جي ڪنهن ڏورانهين سمئي ۾ روهڙي شهر اندر سوا لک پيرن، صوفين، سنتن ۽ ولين جو بسيرو آهي، جيڪي اڄ ڇاتل ايامن کان زير زمين وستين ۾ آباد ۽ شايد شاد آهن.“

’حال‘ جي هلندڙ وهڪ ۾، هڪ ڪٿ موجب، ٻه لک آدم هن شهر اندر پساهه کڻي رهيو آهي. پر، زمينِ دوز وستين ۾ وسندڙ ’پير، سنت‘ حشر جي اوسيئڙي ۾ اُتاولا آهن. ۽ شهر ۾ موجود ’آدم‘ حشر سان مڪاميلو ڪندي پسجي رهيو آهي!!

## حرامي ۽ حلالي

سکر شهر اندر پير بخاري جي مزار ويجهو ٽڪريءَ هيٺان هڪ ’ٻِمُنهين‘ گفا آهي. ان بابت قديم روايت موجب ’حرامِي حلالي‘ جي سڃاڻپ جو يڪ ٽڪ وسيلو ڄاتي وڃي ٿي. هن گفا ۾ داخل ٿيندڙ انسان ڪنهن رنڊڪ ۽ تڪليف ڪانسواءِ ٻئي ’منهن‘ کان صحيح سالم نڪري ايندو ته ڪيس ’حلالي‘ هئڻ جو ڄڻ اڻ لکيل سرٽيفڪيٽ ملي ويندو. ٻيءَ صورت ۾ سندس شمار ’ٻئي قطار‘ ۾ ليکبو. پر، مون حرامين کي به ، سولائي سان، آرپار نڪرندي ڏٺو آهي.

## چوٽڪارو

وحدة الوجودي صوفي جلال ۾ چيو، ”-’اناالحق‘ جو نعرو ڇو هڻندا آهن؟ دراصل اُهي ’عدم‘ کان ڊڄندا آهن. ان ڊڄ ۽ خوف کان بچڻ خاطر، نه صرف پنهنجي ذات بلڪه سموري امڪاني تخليق کي اڻ ڏٺل ’ذات‘ يا ’وجود‘ سمجهي مٿي ڄاڻايل خوف کان، پنهنجي ڄاڻ ۾، ڇوٽڪاري جو وسيلو پيدا ڪندا رهن ٿا.“

## نئين جُڳ جي ناري

تنهنجي دل جي دروازي تي ’پلي ڪار‘ جي تختي ڏسي پير پير ۾ ڏيئي ’اندر‘ هليو آيس.

پر، اهو ڏسي تپرس ۾ پئجي ويس ته سمورو، ’خانگي باطن‘ ڪنن تائين ٽمٽار هيو!! پنهنجي خفگي لڪائڻ خاطر چورن جيان هوريان هوريان واپس موٽي آيس.

## جنس

اوائلي زماني جو ذڪر آهي، ’جڏهن ڪا سندر ناري صرف پرسان هلي ويندي هئي ته سموري جسم ۾ ڄڻ بجلي جو ڪرنٽ پيدا ٿيندو هو. پر، هينئر پبلڪ ٽرانسپورٽ، ’ڪناٽ پليس‘ يا ٻين سير گاهن تي سندرين جي ولرن سان مڪاميلو ٿيندو رهندو آهي. ليڪن ان جو ڪو ’رِدعمل‘ نظر ڪين ايندو آهي.

اهو ان ڪري آهي جو اڳ سندري صرف ’ناري‘ هوندي هئي پر هاڻي ’جنس‘ ۾ بدلجي وئي آهي.

## گنڌاري جي واپسي

ڊاڪٽر امير الدين جي گهر ۾، ’زي ٽي وي ميوزڪ‘ ۽ اهڙا ٻيا پروگرام ڏسي رهيا هئاسون. پندرهن سورهن ورهين جي ڄمار وارو سندس نوڪر بسم الله خان به اهي پروگرام دلچسپي سان واچي رهيو هو.

اوچتو هن سوال ڪندي پڇيو، ”چاچا، هندوستاني ڇوڪريون ۽ عورتون ’ننڍا‘ ڪپڙا ڇو پهرينديون آهن؟“

”پٽ، اهو ان ڪري جو هندستان اندر ڪپڙي جي ’بحراني قلت‘ سبب انهن جي قيمتن آسمان سان وڃي دنگ ڪيو آهي ان ڪارڻ ان جي استعمال ۾ ’بُخل‘ کان ڪم ورتو وڃي ٿو.“

هن وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ خاطر پڇيو، ”چاچا، ان جو آخر ڪهڙو نتيجو آهي؟“

”پٽ، مستقبل ۾ ڪپڙي جو بحران وڌندو ۽ آدمشماري ۾ به اضافو ٿيندو. ۽ ان جون قيمتون وڌيڪ چڙهنديون ۽ اهو وقت پري ڪونهي جڏهن اسين اکين تي ڪاري پٽي ٻڌي ٽي وِي پروگرام ڏسنداسون. جيڪڏهن هندستان وڃڻ ٿيو ته اُتي به سڙڪن تي ’گانڌاري‘ جيئن اکين تي پٽي چاڙهي، هٿ ۾ لڪڻ کڻي گهمي سگهبو.“

*(’گانڌاري‘ مهاڀارت ۾ ڪورون جي انڌي پتا مهاراجا ڌرتراشٽر جي زال هئي جنهن مڙس جي انڌائپ ڪارڻ سموري ڄمار پنهنجي اکين تي به پٽي ٻڌي ڇڏي هئي.)*

## مئل پٽو بمقابل زنده پٽو

هڪ ڀيري موهن جو دڙو تان موٽندي ڳڙهي خدا بخش، مرحوم ذوالفقار علي ڀٽو جي قبر تي وڃڻ جو اتفاق ٿيو.

ماڻهن جا انبوهه هئا. ۽ انهن ۾ عورتن جو تعداد وڌيڪ هو. ۽ اُهي قبر تي گل پاشي ڪندي ۽ چادرون چاڙهيندي نظر آيون. انهن مان ڪجهه عورتن کي هٿ ٻڌي پٽو کان، ’پٽيلو اولاد‘ ’پنڻ‘ جي دعا گهرندي به ڏٺيون، ٻڌيون ويون. منهنجي دوست سوال ڪندي پڇيو، ’ڇا پٽو سندن مرادون پوريون ڪندو؟‘

”اگر اهي عورتون ’زنده پٽو‘ وٽ وڃن ها ته يقيني طور سندن مرادون پوريون ٿين ها.“

## سڃاڻپ جو بحران

”پيارا، هيءَ سموري ڪائنات تنهنجي آهي، ۽ تون خود ڪائنات آهين.“

”مان ته صرف، ’پنهنجو پاڻ‘ آهيان، ڪائنات منهنجي ذات کان الڳ خارج جي شيءِ آهي. منهنجي سڃاڻپ ڪنهن ٻاهرين شيءِ سان ڪيئن ممڪن آهي؟“

”ائين جيئن پٽ جي پيءُ جي حوالي سان. انسان جي خدا جي حاويل سان ، ۽ اُمت جي پيغمبر جي تعلق سان.“

”پر، ’ارسطو‘ جي سڃاڻپ سندس پيءُ جي حوالي سان ڪونه ڪئي ويندي آهي ۽ نه وري ’سيفو‘ جي ’مٿيلين‘ جزيري سان شناخت ڪئي وڃي ٿي بلڪه ائين چئجي ته، ’سيفو‘ ڪارڻ ’مٿيلين جزيرو‘ اُتمتا ماڻي ٿو ته بيجا ڪين ٿيندو. ’سڃاڻپ‘ يا ’شناخت‘ حوالن، واسطن، سنبنڌ ۽ تعلق کان بلند هوندي آهي. ۽ جيڪو بلند ڪونهي اهو ’ٻنان ڇهري‘ ۽ ’ٻنان سڃاڻپ‘ هوندو آهي.“

## هڪ اڪ بمقابل ٻي اڪ

”مهاراجا رنجيت سنگهه، موشي دايان ۽ ملا محمد عمر ۾ ڪهڙا قدر هڪجهڙا آهن؟“

”ادا منهنجا، اهي ٽيئي ناليريون شخصيتون، قدرت

جي ستم سبيان صرف 'هڪ اک' تي گذر بسر ڪنديون هيون. ۽ ڪن پيون."

"اِهو ڪهڙو قدر آهي جيڪو هنن ٽنهي جي الڳ سڃاڻپ جو باعث آهي؟"

"ادا منهنجا، موشي دايان، ۽ ملا عمر هڪ اک جي باوجود ماڻهن ڪي، معنوي لحاظ کان، الڳ الڳ پيمانن ذريعي ڏسڻ جا هيراڪ ٿيا وڃن ٿا يعني بعض ٻن اکين وارن انسانن کان وڌيڪ چالباز ۽ حرفتي."

"موشي دايان جي دور ۾ فلسطينين گهڻا ڏک ڏٺا. ظلم سٺا ۽ ملا عمر جي راڄ ۾ هر مذهبي ۽ 'ثقافتي اڪائي' جيڪا سندس مسلڪ سان موافقت رکندڙ ڪونه هئي اها ڪٽڪ جيان سندس ظلم ۽ قهر جي جنڊ ۾ پيسجندي رهي. پر، مهاراجا رنجيت سنگهه صحيح معنيٰ ۾ طبعي ۽ معنوي لحاظ کان هر بني بشر کي هڪ ئي اک سان ڏسڻ جو هيراڪ هو. اهوئي ڪارڻ آجو سندس فوج ۽ انتظاميه ۾، سک، هندو ۽ مسلمان ڪنهن تفريق کان سواءِ پنهنجا فرض شانتي ۽ اطمينان سان سرانجام ڏيندا رهيا. ۽ رعيت کي به مت-ڀيد کانسواءِ انصاف، امن ۽ سک ملندو رهيو."

## پاڳل

هڪ لڳا اردو جي مشهور طنز ۽ مزاح نگار دليپ سنگهه کي اسٽاڪ هوم ويجهو ساموندي تفريح گاهه تي وڃڻ جو اتفاق ٿيو. سڀ مرد ۽ زالون بي لباسي جو 'لباس' اوڍي، موج مستي جي موڊ ۾، هڪٻئي سان من مستيون ڪرڻ ۾ مگن هيون.

دليپ سنگهه اها واحد هستي هئي جيڪا لباس جي 'بي لباسي' پهري ششدر ۽ شرمسار پسجي رهي هئي. ۽ ان مهل اوچتو سندس ڪنن تي پڙلاءُ پيو، 'شايد ڪوئي پاڳل آهي.'

## ري_ڪنڊيشننگ

"پائو، اوهين هن ديس اندر ٻنان ڪنهن وٿي جي هر سال ايندا رهندا هيوَ. پر، هاڻي هيڏي وڏي وٿيءَ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟"

"ادا، دراصل ماضي اندر اچڻ جو سلسلو جڙيل هوندو هو تيرٿ آستانن لڳ وهندڙ صاف شفاف ۽ ٿڏيري 'پاڻين' سان، جن جو جسماني ڇُهاءُ روح پرور ۽ تندرسيتي لاءِ ڀليرو هوندو هو. ان کان سواءِ هن ڌرتي جي ڪک مان جنم ورتل عظيم آدرشن جو اپياس ۽ مشاهدو ذهن ۽ روح مٿان چڙهيل سيني آلودگين کي ڌوئي اُجري ڪرڻ جو ڪارڻ بڻبو هو. ان کان علاوه هن ڌرتي تي وڏڙن جي جهوني، عاليشان ورثي کي بار بار ڏسڻ سان گيان ۽ ڏاهپ جاچڻ لاءِ ڀندار کُلي ويندا هئا، جن وسيلي ذهن ۾ توانائي ۽ تخليقي عمل کي جڻ تقويت ملندي هئي." ڪجهه پل ترسي هن گفتگو جو سلسلو جاري رکندي چيو، "هنيئر ڏکي سمئي کان ولايت ۾ رهي پاڻ 'ري ڪنڊيشننگ' ڪرائڻ جو علاج ڪرائي رهيو آهيان."

"پائو، 'مون نه سمجهيو؟'

"هينئر انهن سيني ندين نالن جهرڻن جو پوتر پاڻي انساني قوت جي برداشت کان وڌيڪ آلودو بڻجي چڪو آهي. ماضي جا عظيم آدرش ڪوٽ، ڪپت ۽ ڪوڙ جي ٿُلهي تهن هيٺان پورجي پنهنجي اصل سڃاڻپ وڃائي ويٺا آهن. ۽ وڏڙن جي شاندار ميراث پستي جو شڪار ٿيندي پسي سگهجي ٿي. انڪري هن ديس ۾ ٻيهر قدم ڌرڻ کان اڳ 'ري ڪنڊيشننگ' لازمي امر قرار ڏني وئي آهي."

## مٿيءَ سان ناتو

"تنهنجو مذهب آسماني ڪونهي، تون 'شرڪ' جي گهري دٻڻ ۾ گهر ڪندو پيو وڃين. پر، هڪ ڳالهه سمجهه کان ٻاهر آهي. جڏهن تنهنجا پير ڌرتي کي ڇُهندي پسجن ٿا ته ائين محسوس ٿئي ٿو ڄڻ ان اندران مڌر سنگيت جون لهرون نڪرنديون هجن. ۽ جڏهن ان مٿان هوريان هوريان هلندو رهين ٿو ته ائين ڀاسي ٿو ڄڻ ان تو کي پنهنجا ڇاتي سان لاتو هجي؟"

ايم ڪيو ايم جي ڪلاشنڪوف بردار ميمبر سوال ڪندي پڇيو،

"منهنجا قدم، ۽ منهنجي آتما ازل کان وٺي ان مٿيءَ سان جڙيل آهي. منهنجي ڇُهاءُ کي اُمالڪ سڃاڻي وٺندي آهي. جيتوڻيڪ تنهنجا قدم به ان جي سطح مٿان ضرور موجود آهن. پر، تنهنجون اکيون، ۽ آتما، سرحد جي هن پار ڳُتل آهن."

## اڻ مٽجندڙ نقش

فطرت جي گود ۾ ويٺل ٻه ننڍڙا ٻالڪ پاڻ ۾ معصوم مستيون ڪري رهيا هئا. اوچتو ٻالڪيءَ، ٻالڪ سان پاڪي پائي 'معصوم منڙي' ورتي. ۽ هُن به اهو معصوم عمل ورجايو.

اڄ اهي ٻيئي آتمائون زندگي جي اجهامندڙ شام جي ويجهو پهچي ڪري، ۽ ڏکن زميني مفاصلن کان بلڪل بي خبر ۽ لاتعلق، معصوميت ۾ تر انهن 'منڙين' جي ميٺاج کي، اڃا تائين، پنهنجي آتمائن ۾ محسوس ڪندا رهن ٿا.

## زبان جو ڪرشمو

پريم وارن ايامن ۾ پکهر جي ٻوءِ جي پنهنجي منفرد پياري زبان هوندي آهي. جسمن جي زاوين ۽ حرڪتن جو پنهنجو الڳ مڌماتو لهجو هوندو آهي. اکڙين مان الوهي گيتن جي گونج گونجندي رهندي آهي. خاموشي جي بي زباني اندر نه ختم ٿيندڙ پريم واٽي جا داستان ۽ ٻول. انهن جو ته ڪو مثال ئي ڪونه آهي.

پر، وواهت جيون جيڪا زبان عطا ڪئي آهي، ان جو به ڪو جواب ڪونهي. پراڻي track تي جيڪو ڪجهه ٿي گذريو، ڄڻ 'اُنَ' جو ڪڏهن ڪو وجود ئي ڪين هو.

## مئل رواني

موجوده دهلي يگ دريگ ستن شهرن مٿان ٺهيل، اَڏيل هڪ نئون نڪور شهر بلڪ ملڪ آهي. پر، خاموش. بي زبان، اوهان کي هر طرف ماڻهن جا ڪٽڪ نظر ايندا. سڙڪن مٿان چرندڙ، تيز هلندڙ، بي روڪ ٽريفڪ جو ڄڻ اجگر نظر ايندو. هڪ ڪروڙ اسي لک آدمشماري تي ٻڌل، ڀريل ترپل هيءُ مقام پنهنجي پيش رو ستن شهري آبادين کان زندگي جي 'مئل رواني' ۾ ڪنهن طور به گهٽ ڪونهي.

پر، هن انين شهر جي رهواسين کي هڪ ڳٽتي سندن جيءُ جهوري رهي آهي؟ اها هيءَ ته جڏهن 'دهلي جو نائون' شهر وجود ۾ اچي آباد ٿيندو ته ان اندر 'مئل رواني' جا آثار بلڪل نمودار ڪين ٿيندا. بلڪ اهو ته مشيني پرزن ۽ چاٻي تي هلندڙ 'آدم' تي ڪنيل شهر هوندو. ۽ ان جي سمورو نئون نسل پنهنجي وڏڙن جي ڇڏيل ميراث 'مئل رواني' جي 'آرام' اندر خلل وجهي ان کي 'بي آرام' ڪري پنهنجي رنگ ۾ رڱي ڇڏيندو.

## پاٺيه جي دل

گرڌاري لال پاٺيه نهايت معصوميت سان چيو، "پائو، منهنجي دل جا دروازا هميشه لاءِ اوهان واسطي کليل رهندا."

مون ڏٺو ته سندس ڌرم پتني ڪيس زهر آلودنگاهن سان گهوري ڏسي رهي هئي.

## شنڪر ڀڳوان سنڪٽ ۾

هي جهوني جُڳَ جو قصو آهي بلڪ ان کان به وڌيڪ پراچين ڪال جي ڪٿا آهي جڏهن ٽنهي يُگن: ستيه يگ، دُوا پريگ، تريتا يگ تائين شِوَ شنڪر ۽ پاروتي ڪيلاش پربت جي برف پوش چوٽين تي بسيرو ڪندا هئا.

چو گرد ڦهليل پهاڙ ۽ ماٿريون پنهنجي مخملي ڇهچ ساوڪ، رنگ برنگي خوشبودار گلن، سهڻن مڌر آواز ۾ لاتون لنوندڙ ۽ ڳائيندڙ قسمين قسمين پکين ۽ شانت سڀاءُ جانورن جي موجودگي ۾ سورڳ پوري کان وڌيڪ رمڻيڪ نظارا پيش ڪنديون هيون.

چوندا آهن ته 'ديولوڪ' جا سڀيئي ديوِيون ۽ ديوتائون شنڪر مهاراج جي آشيرواد وٺڻ ۽ سندس اُپاسنا لاءِ روزانو نيم انوسار ڪيلاش پربت جي چوٽيءَ تي اچي سهڙندا هئا. هو سڀئي نچندا ڪڏندا مڌر سُرن ۾ گيت ڳائيندا ۽ سموري وايومنڊل کي هڪ قسم جي الوهي آنند مئہ رس سان ڀري ڇڏيندا هئا. ان جڳ جي فنون لطيفه جون اڪثر، شاهڪار رچنائون ان مڌرتا ڀريل فضا ۽ وايومنڊل جي تخليق بڻايون وڃن ٿيون.

تخليق ۽ سندرتا جي اُٽت جو اهو اٽوٽ سلسلو مٿي ڄاڻايل ٽنهي يگن تائين بنان ڪنهن رنڊڪ ۽ ارچڻ جي جاري هو.

اوچتو ئي اوچتو جيئن دوا پريگ جو انت ۽ ڪليگ (ڪالي يگ) جو آرنڀ ٿيو ته اُمالڪ سموري وايومنڊل تي آلودگي جي ڪارڻ هڪ قسم جو ڪسارو ۽ زهريلو تهه چڙهندو ڏيکاربو ۽ محسوس ٿيندو رهيو. ديوين ۽ ديوتائن جو ساهه ٻوساٽيو رهيو. هنن سڀني گڏ ٿي ڪري شنڪر ڀڳوان کي پرارٿنا ڪئي ته سنسار کي، ان اندر وسندڙ سڀني پراڻين کي هن گهري ٿيندڙ سنسڪٽ کان ڇوٽڪارو ڏياري. ڀڳوان شنڪر گهُور تپسيا ڪئي، انيڪ جتن ڪيا پر، جيئن وقت جو چڪر اڳتي وڌندو رهيو تيئن اهو آپدائي سنڪٽ وڌيڪ گهرو ۽ موتمار ٿيندو ويو. ان وچ ۾ بيشمار ۽ انيڪ پکين، پَسُن پنهنجي جان گنوائي ڇڏي. بلڪ ڪئي ديوين ۽ دويتائون به ان 'راڪشس' جي آهوتي جي ڀيٽ چڙهي ويا. جڏهن سنڪٽ دور ڪرڻ جا سڀئي جتن، تدبيرون ۽ اُپاءُ وئرٿ ويا ته شِوَ جي مهراج سڀني ديوين ۽ ديوتائن کي هن ناسونٽ لوڪ (فاني سنسار) ۾ داخل ٿيڻ کان روڪي ڇڏيو.

چيو وڃي ٿو ته ان نياڳي ڏينهن کان اڄ ڏينهن تائين ٻيهر ڪوئي ديوتا يا ديوي هن دنيا ۾ نظر ڪين آيا آهن. شيوَ شنڪر ڏکي سمئي تائين 'ڪل يگي انسان' سان پنهنجي يد جاري رکي هئي. پر، ان جو نتيجو ڀڳوان جي حق ۾ ڪين نڪري سگهيو.

رشين مطابق ان اتهاسڪ واقعي کان پوءِ جلد ئي ڪيلاش پتي (شِوَ جي مهراج)، جيڪو سڀني ديوتائن ۾ وڌيڪ اُتم، ٻلوان ۽ چمتڪاري ڄاتو وڃي ٿو، ماتا پاروتي سان گڏ انتر ڌيان ٿي ويو. ۽ ٻيهر ڪنهن بني بشر کي نظر ڪين آيو.

پر، ڪجهه ٻين منيشورن جي چوڻ پٽاندڙ شنڪر ڀڳوان جي بسيرو اڃان تائين ڪيلاش پربت اندر آهي ۽ ڪين وشواس آ ته ڪيلاش ئي شِوَ آهي.

اهوئي ڪارڻ آهي جو هر سال شر ڌالن جو وڏو تعداد ڪيلاش ياترا لاءِ ويندو رهندو آهي. ۽ ڪين پڪو وشواس آهي ته ڪنهن ڏينهن هو پر گهٽ ٿي پنهنجي پوري شڪتي سان انسان کي سندس پيدا ڪيل سنڪٽ منجهان ٻاهر ڪڍي ڇوٽڪارو ڏياريندو. ■

# پاڻ جهڙي جهان ۾



شيام ڪمار

**عجب** ۾ وجهندڙ پنهنجي ذهني ۽ جسماني ساخت تي ڪڏهن ديا ايندي اٿم، ڇو جو ڏسندو آهيان ته منهنجو پنهنجو 'وجود' مون لاءِ پوائنٽو ۽ پيانڪ بڻجندو ڏيڪاري ڏيندو آهي. اهو وجود هڪ قسم جي جڻ تثليثي شبيهه جو پتلو آهي. عجيب قسم جي سدا وهندڙ سوچ (دماغ جي بنياد مان)، جهرڻي جهڙا مترنم احساس (من جي گهراين مان) ار ڏاين ۾ الجهيل آتما (ضمير جي روشني مان). انهن ٽنهي جي مرڪبي سنگم هٿان ئي منهنجو انت ايندو. جيڪڏهن ايئن نه ٿيو ته ٻين جي هٿان ضرور پڄاڻي ٿيندم. 'محبت' ۽ 'چاهڻ' جي آخر ۾، وڏي قيمت چڪائڻي پوندي آهي.

ڪڏهن اڪثر پيڙا ۽ عذاب 'ازلي' ۽ 'هميشگي' جي روپ ۾، دل جي دهڪي جيان، سدا موجود پسبا محسوس ٿيندا اٿم. ۽ جيستائين وجود ۾ 'موت' جو واسو ڪونه ٿيندم تيستائين انهن جو ڪارو پاڇو جند ڪونه ڇڏيندو. حياتي ٿوهر جي وڻ جيان ٿيندي پئي وڃيم. ڪنڊن ۽ ڪؤڙاڻ سان پرپور.

فطرت ۾ موجود حسن، انساني روپ ۾ وسندڙ سندرتا، ڪنهن تخليقي شاهڪار ۾ ڏيا ڏيا جوت ۽ ڪنهن امر فن پاري ۾ چاندوڪي ۽ چانداڻ سموري وجود اندر ڄڻ ڪنهن الوهي آنند جو مزو چڪائيندي رهندي آهي. ذهن ۽ من مٿان انهن جا الوهي نقش لازوال ۽ امٽ ٿين ٿا. بلڪ وقت جي وهڪ سان گڏ انهن مان نڪرندڙ نرم ٽڏاڻ ۾ لپٽيل نور انهن جي حسن ۽ جز ڪي سدا امرتا بخشيندو رهي ٿو. محمد علي جي شاهڪار تحريرن مان مون ڪي ساڳيو آنند پراپت ٿيندو رهيو. نشانات، اشاريئي، مضامين، توازن، جهات، ڪروچي جي سرگزشت وغيره. ۽ ڊان اخبار ۾ Arial جي قلمي نانءُ سان لکيل ٻُڌي ۽ شعور کي جرڪائيندڙ سندس انيڪ ڪالم، 'ارتقا' جي ارتقائي سفر ڪي جلا بخشيندڙ مضمون وغيره.

هڪ پيري پوري (اوڙيسا ۾) اندر مشهور ڌام ۾ 'جگن ناٿ' ۽ رشي ڪيش جي ياترا دوران الوهي، عاشق ڪرشن مهراج جي روپ 'جگنناٿ' کي پسندي محمد علي ياد اچي ويو هئم. ۽ ٻنهي ۾ حيرتناڪ هڪجهڙائي ڏسي سندس نالو 'جگنناٿ' رکيو هئم جيڪو ڪيس ۽ سيني دوستن راحت سعيد، ڪرامت شير، شمس، حسن عابد، احمد بن محمد، ڊاڪٽر شميم، خورشيد قائم خاني کي به ڏاڍو پسند آيو هو. پاڻ ڪرشن وانگر الوهي عاشق بلڪل ڪونه هو ڇو جو سندس پاڙون پاتار ۾ ڪتل هيون. پر راحت سعيد ڪيس Juggernant ڪوٺيندو هو. واقعي تخليقي تنقيد، ادب شاعري تاريخ فلسفي ۽ سماجي علمن جي گهري پرک ۽ پروڙ جي ميدانن ۾ يڪتا ۽ 'جگرناٿ' ديوتا وانگر رنگ ڊنگ ۽ عمل ۾ پاڻ وهيٽو هو.

ڪنهن 'پياري' جو موت الائجي ڇو نماشام، ڊُرو تاري ۽ ماڻي سمنڊ جي ياد تازي ڪرائيندو آهي. ياد اچيم پيو ته ننڍي ڪنڊ جي مهان ليکڪ جوگندرپال ڪيس پنهنجي سموري ادبي سرسائي جو وارث مقرر ڪيو هو. ۽ 'تفوبرتو چرخ گردون تفو' هيءُ وارث ڇاهتر ورهين جي ڄمار ۾ گوتمي void جو هميشه لاءِ مهمان بڻجي ويو ۽ جوگندر پال اٺاسي سالن جي حضرت آدم جهڙي اورجا ۽ ٻئي وارث جي تلاش ۾ سرگردان آهي.

آخري سفر لاءِ اُسهندڙ روح ته ٻنان ڪنهن 'اُداسي' ۽ 'نراسائي' جي ٻنان موڪلائڻ جي هليو ويندو آهي. پر، پويان پنهنجي پريوار ۽ پيارن کي انهن جي 'انڌڪار' حوالي ڪريو وڃي ٿو. مون کي چڱي طرح ياد آهي ننڍي ڪنڊ جي هِن 'آتم آتما' پنهنجي ڏاهپ ۽ علم سان صرف هِن پاسي ئي نه بلڪ سرحد جي هن پر تي موجود انيڪ مهان ذهنن کي منڊيو ۽ موهيو. جوگندر پال، بلراج ڪومل، ڊاڪٽر گوپي چندنارنگ، شمس الرحمٰن فاروقي، علي احمد فاطمي، ڊاڪٽر قمر رئيس، رتن سنگهه، امير قزلباس، مخمور سعيدي، وارث علوي، ڪي ايل نارنگ ساقي، ڪشميري لال ذاڪر، جگن ناٿ آزاد، سُڪريتا پال، يونس دهلوي، مجتبيٰ حسين، ڪرشنا پال، نريش نديم، شميم فيضي، اوتار سنگهه جج، امرتا پريتم، ڪالي داس گپتا، صغريٰ مهدي، شارب ردولوي وغيره.

هن جڳ اندر ٿورڙا انسان ازلي، دم اندر الوپ ٿيڻ ڪان اڳ ۾ سموري زندگي جي پورهئي جو هڪ 'امر پل'، هڪ 'ڪامل گهڙي' ماڻي سگهندا آهن. محمد علي صديقي هنن انمول آتمائن مان هڪ ڀڪندڙ روح هيو.

ڪيس ياد ڪندي رابرٽ برائوننگ سندس ئي ويس ۾ سامهون اچي بيٺو اٿم:

"You never know what life means till you die,
Even thoughtful life, tis death that makes.
Life live
Gives it whatever the significance."

پنهنجي وجود جي اونهائي مان ايملي برونٽي کي آلاپيندي ٻڌان ٿو:

"Faithful, indeed, is the spirit that remembers,
After such years of change and suffering."

ڪنهن چواڻي جيڪڏهن سندس ڪتبي تي لکيو وڃي بلڪ اُڪرايو وڃي ته،

"Where sunless rivers weep
Do not wake him for he is resting
Until time shall cease."

ڪيئن لڳندو؟

ڪنهن چواڻي، "موت کي نه پالي سگهجي ٿو نه پڪڙي سگهجي ٿو" ۽ اهو هڪ رت پياڪ جانور آهي جنهن جو واسو هر دم 'زمان ۽ مڪان' اندر ائين رهي ٿو جيئن ازل کان 'امر خدا' جو رهندو آيو آهي. ٻنهي جو سُياءُ هڪجهڙو آهي يعني 'فاني' مخلوق جي ڪنهن به پرارٿنا ۽ وينتي تي ڪو ڌيان ڏيٺو ڪونهي."

ڪيڏا پيارا ماڻهو ۽ دوست اڪ ٻوٽ راند رمندي 'موت' جي اونڌهه ۾ هميشه لاءِ لڪيو وڃن ٿا، ٻي ٽري واري ۽ ٻي وقتي ڏٻڻ اندر الوپ ٿيو وڃن ٿا. ۽ اسان جهڙن ويڳاڻن ۽ ڇڙن روحن کي باطن جي گهراين ۾ رڇيل ماڳن ۽ مقامن تي گونگن ورلاپن لاءِ نطشي چواڻي،

**"زوم سان ڦٽو ڪريو ڇڏيو اٿن."**

وڇوڙي جي ويڳاڻپ ۾ 'محبتن' جي سار زندگي کي سدائين گُهٽي وانگر ڪائيندي، ڇچريندي رهندي آهي. ان جو ذائقو هميشه ڪؤڙو ۽ نهوڙيندڙ ٿئي ٿو.

محمد علي بابت سوچيندي خيال آيم ته ڪجهه ماڻهو پنهنجي پُورن ۾ ايڏا غلطان هوندا آهن جو 'شين' ۽ 'ماڻهن' کي صرف ڏسندا رهن ٿا تانجو اُهي پاڇن ۾ تبديل ٿيو وڃن ٿيون. پر، انهن مان ڪو به سندن اصليت کي 'ڏسي' ڪونه سگهندو آهي. اهڙو ڏکوئيندڙ ۽ المناڪ عمل انڪري ٿيندو رهي ٿو جو 'هنن' اندر اهڙي قسم جي ڏسڻ ۽ پرکڻ واري 'آتما' جو واسو ٿئي ئي ڪونه ٿو.

اسان جي موجوده جُڳ جو چهرو ڏئيتي ۽ ڊيڃاريندڙ بڻجي ويو آهي. ماضي اندر اهڙن چهرن جو لقاءُ گهٽ پسبو هو، رڄ ڇڱا ۽ پلامانس روح جيڪي جسم سان گڏ 'توازن' ۾ گذارين ٿا پر، پينڪر اکيون رکندڙ اهڙن چهرن کي سڌيءَ طور اکين ۾ اکيون وجهي ڏسڻ جو ساهس به ڪين ساري سگهن ٿا.

ان ڪانسواءِ سنسار ۾ وسيل سموري انسان ذات لاءِ پو ڳٽا، اذيت ۽ جدوجهد جڻ سندن پاڇي جيان لازم ملزوم بڻجي وئي آهي، صرف ڊگرين جو فرق رهجي ويو آهي. پر، اظهار جي نفيس قوت وسيلي هنن مان ڪو انهن کي سندرتا جو امر ويس پارائڻ جو اهل به ٿي سگهي ٿو. محمد علي صديقي به اهڙن انسانن مان هڪ منفرد جيوُ هو.

هن يار جي ڏنگيندڙ لاڏاٽي تي وڏيڪ سوچيندي پنهنجي اڪيلائپ ۽ ويڳاڻپ آڏو اچي بيٺيون اٿم. اهي 'موت' کان وڏيڪ پيڙيندڙ ۽ ڊيڃاريندڙ محسوس ٿي رهيون آهن. انهن جي زهريلي عذابن کان ڪنهن حد تائين پاڻ کي ان ڪري محفوظ محسوس ڪريان ٿو جو Passion ۽ ڪلپنا جي پرن تي اُڏام کي اڃان تائين ڪو جُهٻو ڪونه رسيو آهي. گوتم ٻڌ تي حيرت لڳندي اٿم ته پو ڳٽا ۽ پيڙا واري حالت ۾ الائجي ڪيئن اپار آنند پرائيندو هو؟

محمد علي ۽ هاڪاري چترڪار احمد سعيد ناگي سان گهاريل املهه پَل به ذهن ۽ من تي سندن لافاني 'چترن' وانگر نقش ٿيل آهن. جڏهن ڪراچي اچڻ ٿيندو هئم ته ڏاڏي آدم جيڏو هو پوڙهو انسان محمد علي کي اوستائين سک سمهڻ ڪونه ڏيندو هو جيستائين پاڻ سان گڏ هن جي 'شاهي گهر' نه وٺي ويندو هئم. ڄڻ هندو ٽمورتي وانگر اسان جي 'تثليث' جڙيل هوندي هئي.

# غزل

## شير هاليپوٽو

دل سندي آڪاش ۾ اڄ عڪس ئي ڏنڊلا لڳا
زندگي مايوس ٿي ڄڻ آخري سُڏڪا لڳا
درد جو هڪ سلسلو هو، جو سهيڙيو ڪونہ ٿيو
تو سواءِ هن شهر جا ڄڻ ڪربلا رستا لڳا
هوءَ تري پئي تار پاڻيءَ ۾ مٿي ڪنهن مڙهسندي
جسم ڪي اي وقت تنهنجا رهزني پالا لڳا
ساک منهنجي ديس جي هاڻي ڪٿي آهي رهي
جن سڏايو سير ڪان وڌ سي، بنهه تولا لڳا
هيرَ جهڙي صبح ڪي پاڪر ۾ جن چاهيو پرڻ
تن جي پاڳن ۾ اهي ڄڻ رات جا رولا لڳا
سنڌ تنهنجي آجپي جي لاءِ جيڪي پيي اٿيا
تن جي پويان رهزنن جا ڪيترا ٽولا لڳا.

اسان جو جيئاپو سدائين ڏکن تي
ٽڙيون مرڪ واريون نہ مکڙيون چپن تي
رڳو حالتن جي تہ لهرن ۾ تڙپي
لکيا گيت آهن وچن ڏئي وچن تي
سسي پانڌ نيزي ڪري سرخرو ٿيا
سنائون نہ هڪڙو اکر ڪو وطن تي
چٽو چنڊ گهونگهٽ جو ڪڪرن جو پهريو
سُتي رات ڌرتي وڪيري بدن تي
اهي شير آهن مهانڊا مهانڊا ملوڪ
رکيو پروسو جن اباڻن ڪکن تي.

اکيون جي چانءُ تنهنجو ٿين، سفر منهنجو بہ سوکو ٿيئي
جيئڻ لاءِ حوصلا گهرجن سفر منهنجو بہ سوکو ٿئي
پراوا ۽ نڌڻڪا سپ اڃي لاري لڳا منهنجي
مگر پنهنجا جي آٿت ڏين، سفر منهنجو بہ سوکو ٿئي
ڪريان منزل سان ڳالهيون ٿو، سنڌئي جذبن اڏارن جون
ڏيئا شل راهہ ۾ ٻٽجن، سفر منهنجو بہ سوکو ٿئي
زمانا تنهنجي ظلمت ۾ ڪنارو ٿي ويو آهيان
پرئين پرجا پرين پرچن سفر منهنجو بہ سوکو ٿئي
خُدا ٻڌ شير جي آزي ڪپي ٿي مونکي آزادي
سدا مارو پيا مرڪن، سفر منهنجو بہ سوکو ٿئي

سنڌ ڪي خوشبو سان گڏجي واسجو
ديپ ٻرندو شل رهي هِن آس جو
حوصلا هاريو متان اي ساٿيو
سج اُڀري ٿو پريان وشواس جو



شير هاليپوٽو

# نظم

سونهن رقصان آهي ڪنهن ڇهري مٿي
داد دل آهي ڏنو شاباس جو
ڪنهن نہ پرَڪائنر ٿجو اي دوستو
سچ ڦاهي تي بہ چڙهندي باسجو
رام ڄاڻي ٿو ڪهاڻي يار مَڄ
درد پوڳيو جنهن وڏو بَنواس جو
مَئي مُحبت جي پيئاريئي مهربان
شير هو ڏاڍو ستايل پياس جو.

## ساٿي هاڻ سجاڳي گهرجي

پيار جا متلاشي جاڳو
پن ڇڻ، خوشبو ڪائي ويندي
ڇا ٿا سوچيو ڇا ٿا سوچيو
محبت زخمي رهجي ويندي
پن- ڇڻ، ڪي بهارن ۾
اي زلف ڇَمر ٿي بدلايو
دل جي ڌرتي ڌوئي پيارا
چانڊوڪين سان جَرڪايو
صحرا ۾ بارش ٿي برسو
مٽي جي ميارن ڪان ٻچندي
ڪو گلڙن ڪي اتساهہ ڏيو
هِن ڌرتي ڪي ويساهہ ڏيو
۽ زخمن ڪي ڪو پاهہ ڏيو
هر چاهيندڙ ڪي چاهہ ڏيو
ڪو ستل دلين ڪي جاڳائي
۽ ٻيجل جيئن ڪوچنگ ٻُرائي
ڪو پرچائي ڪو سرچائي
ڪو تہ مٽي جي محبت ڄاڻي
ايئن جي ڪلفت يار ڏنگيندي
پن-ڇڻ، خوشبو ڪائي ويندي
هت پيار جا پيڪر جوڙيو
هت سارنگ جي ڪا هير هجي
هر گهاٽ تي چانڊوڪيون جرڪن
هت ساز وڄن ۽ باک ڦُٽي
۽ ديس جي مٽي مهڪي مهڪي
۽ پن- ڇڻ ڪي بدلايو
اي زلف ڇَمر ٿي ڪجهہ ڳايو.

## ڪيتن جي خوشبو

فنا جا مسافر اسين ڪونہ ٿياسين
اسان روشنين جا ئي راهي بڻياسين
چڙهي چانگ وحشين اسان کي لتاڙيو
اسان موت ويلي ڪيو ڪنڌ اوچو
اها مات محبت نہ ٿيندي ڪڏهين آ
جڏهن سنڌ جيجل سڏيندي سڏيندي
محبت ڪڏهن مات ٿيڻي نہ ٿيندي
اسان سارين جي سنگن جيئن وڪري
صداقت جي ڪيتن کي خوشبو ڏني آ
اسان مچ محبت جا ٻاريا وڏا
ڪڏهن پيي وساٽا وڪاٽا نہ آهيون
اسان مرڪ چاهت چُمين جي حفاظت
اَجها ڪوٽ ٻڻجي بڻيا يار آهيون
اسان خوبصورت مُقدس دلين ۾
مندر پنهنجا جوڙي رکيا يار آهن
اسان ڪنڌ سولي تي مرڪي رکيو آ
۽ هيمون جي لفظن تي ويساهہ رکندي
۽ هوشو جا جذبا سچائي ٿا سمجهون
بلاول جي هڏڙين جا ڪڙڪاٽ ٻڌندي
اسان ديس ڌرتي تان قربان ٿياسين
اسان نعرا حق جا هميشہ هنياسين
فنا جا مسافر اسين ڪونہ آهيون



## نماڻو صديق مهيسر

اکين ۾ نمي ٿي رهي
رڳو بس غمي ٿي رهي
سڄو گهر سجايو اٿم
مگر ڪا ڪمي ٿي رهي
سڄڻ ياد تنهنجي سدا
اندر ۾ ڄمي ٿي رهي
حياتي اوهان کانسواءِ
ڏکيري گهٽي ٿي رهي
ملي وڃ 'نماڻي' سان هاڻ
سندءِ سک گهٽي ٿي رهي. ■



## رضا بخاري

تنهنجي هر هڪ بات وڃي تي
۽ منهنجي جذبات وڃي تي
چنڊُ لڳي ٿو چنگُ گگن ۾
چانڊوڪيءَ جي جهات وڃي تي
سازينو ڪنهن ناهي ڇيڙيو
مون ۾ ڪائي تات وڃي تي
لفظ نچن ٿا ڄاڃين وانگر
شاعر، تنهنجي ذات وڃي تي
منَ ۾ ڪيڏي آ خاموشي
نيڻن ۾ برسات وڃي تي

پويون پل آ
خواب رُٺل آ
اُپ جي ٻُڪ ۾
چنڊ ٽُٽل آ
پُرنم چهرو
قول پِنل آ
هئہ سچُ تنها
۽ مقتل آ
جاڳن پاڇا
شهر سُتل آ

رات ڪان ڪٿجي وئي آ چاندني
ڪٿ پلا رهجي وئي آ چاندني؟
تو جڏهن ڦيريون اکيون
پيچرو پُلجي وئي آ چاندني
وڻَ ڪناري تان ڏنو حسرت منجهان
ڍنڍ سان ٻڪجي وئي آ چاندني
دل تہ منهنجي آ جدائيءَ ۾ جَلي
خاڪ ڇو ٻڻجي وئي آ چاندني؟
لفظ ڪاغذ تي نچن ڪرڻن جيان
سوچ ۾ پرجي وئي آ چاندني

ڪوتا ذهن _ پڌر مان نِڪتي!
ڄڻ ڪا شاخ شجر مان نِڪتي
نڪري پئي ويتر چانڊوڪي
وهنجي سنڌوءَ جر مان نِڪتي
گهنگهرن ڪي تاريخ ٻڌائي
نچڻي ڪا ڪنڊر مان نِڪتي
ڪلهہ جا ڪونج ولر سان آئي
اڄ سا تنها سر مان نِڪتي!
موتَ، حيات جو پڃرو ڪوليو
قيدي آسَ اندر مان نِڪتي



## مختيار سهتو

سوچ ڪٽ-ڪٽ وجود آهي ڏس
عاشقي جو جُمود آهي ڏس
ٿو مچي مچ مٿان اندر ۾ مچ
ظاهري ڪونہ دود آهي ڏس
گامزن پيچرن تي آواره
عاشقن ڏي ڪو سود آهي ڏس
سونهن تنهنجيءَ جي انتها آهي
دل يڪي ئي سجود آهي ڏس



## اداسي جکراڻي

ڀڃين ٿي چنڊ جي پنيان، تون ٿورو احتياط ڪر
وڃائجي وڃين مٿان، تون ٿورو احتياط ڪر
مني، سراپا رُڃ ۾ ڪنول جيان ٽڙي نہ پئو
نہ ڪيڏ پنهنجي سونهن سان، تون ٿورو احتياط ڪر
نہ آڇ ايڏي بيرُخي، نہ رات کي اداس ڪر
نئين جواني آ اڃان، تون ٿورو احتياط ڪر
گُلن جي پنکڙين مٿان هي ماڪ آ، يا لُڙڪ هن
فضا ڪان ٿو پُڇي وڻان، تون ٿورو احتياط ڪر
’اداسي‘ جي ڪري مٿان ڪي توتي آڱريون ڪڄن
نهار پَل دريءَ منجهان تون ٿورو احتياط ڪر.



## جمن احمداڻي

## بي رنگ خوابن جي موسم

محبت جي نالي ۾
ملنڊڙ دل
موبائيل وائبريشن جي
ڄار ۾ ڦاسي پئي آهي.
عشق جو پنڌ
ايزيءَ لوڊ جو محتاج آهي
رشن جا سمورا نمبر
فون ڪارڊ اسڪريچ ڪوٽنگ ۾
لِڪي ويا آهن.
جديد موسيقي
فنڪارن جي جسم کي
اسپرنگز ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.
ڏڪڻ جي هوا ڪان
ننڍون چورائيندڙ جوانيءَ
هاٽي بازارن مان
ننڊ خريد ڪري ٿي.
چنڊ جو حُسن سيور بلب جي ميڪ اپ ۾
وڃائجي ويو آهي.
پَر هو پوڙهو ماڻهو
اکين جي آڏاٽين تي
اڳوٺا خواب اُٽي ٿو
۽ مفت ورهائڻ لاءِ
واڪ ڏي ٿو.
پوءِ بہ
ڪير وٺڻ لاءِ تيار ئي ناهي
شايد
’ماڊرنزم‘ جي موسم
۾ سمورا خواب
بي رنگ آهن.

## ذوالفقار گاڏهي

## وڏيرن کي نٿا ڄاڻون...

وڏيرن کي نٿا ڄاڻون
علم جا دشمن آهن
وڏيرن کي نٿا ڄاڻون
عدل جا دشمن آهن
وڏيرا هوندا
علم کي اسرڻ نہ ڏيندا
وڏيرن کي نٿا ڄاڻون
امن، عدل ۽ علم جا ويري
وڏيرن کي نٿا ڄاڻون. ■




## ارباب چانڊيو، حيدرآباد.

نندي ٻاءُ سندر وٽان سوجهرو جهٽي/ ڪسي پڙهندو رهيو آهيان. وٽائنس ٻيا به ڪيئي ڪتاب هٿ ڪري پڙهندو رهيو آهيان. اوهان جهڙي خوش طبع ۽ گهڻ-پڙهئي ماڻهوءَ جي هٿن جي پورهئي جو هُڳاءُ، ماندي روح ۾، چانڊوڪيون پري ويندو آهي. سوجهرو پڙهي ائين لڳندو آهي ته هر ڪا لکڻي، ليکڪ جي هوندي به الائي ڇو پنهنجي ئي ڪٿا محسوس ٿيندي آهي. اوهانجو، 'ٽچ مي پليز' وٽندو ضرور آهي. پر مٿي ڪان مٿان ئي گذري ويندو آهي. ٿورو سولو ٿي اسان لاءِ به لکو. جيڪي پورهيت عام رواجي ۽ محدود سرت جا ماڻهو آهن.

ادبي سنگت وارو 'مامرو' منهنجي خط پهچڻ کان اڳ ضرور ڇاپر ۾ اچي ويندو.

'ڪوهستان جي مدر ٽريسا' وارو مضمون پڙهي، محترم منگهاڻي صاحب جي قلم کي داد نه ڏيڻ ته ڪفر جي برابر آهي، پر ماڻهو، هن جي لکت جي جادوءَ ۾ گهڻي دير تائين جڪڙيو رهي ٿو.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ جو مضمون هڪ پاسائون، بلڪ محدود آهي. سنڌي شاعري ۽ ڪهاڻيءَ جو دائرو ايترو 'محدود' ڪٿي آهي جو چئن ڪالمن ۾ ماپي سگهي. البته 'ناول' جي ڏس ۾ به ڊاڪٽر صاحب، پراڻن ۽ ٻين نون ناولن جهڙوڪ 'سانگهڙ'، 'رهجي ويل منظر'، 'رُڃ' ۽ ٻيا ڪيترا جن جا نالا هئين ۾ هرن ٿا. پر نالا ياد نه ٿا پون، پر ڊاڪٽر رسول جا به تازا ناول، 'اٺويهه عورتون'، 'قالوبلا' ۽ نوجوان ليکڪ حيسب ڪانهيي جا به ناول، جن ۾ سندس تازي ناول، 'سگنيچر' جو تجزيو ڪرڻ گهرجي ها.

نوجوان ليکڪ، شوڪت لوهار پنهنجي تجربن کي توانائي سان شيئر ڪري رهيو آهي. سندس نئين ڪهاڻي، 'هيمنگوي ۽ نئين ڪئٽرين' وڏي طاقتور ۽ طنزيه ڪهاڻي آهي. 'هوش محمد ڀٽي' جي مضمون جي ٻولي ڏاڍي ڪچي ۽ تذڪرو، ابهرو ۽ هڪ پاسائون آهي. حر تحريڪ جي پسمنظر ۾ ليمبرڪ جي ڪتاب هلائڻ سان پڪ ڄاڻو سنڌ ۾ ڪا هاڪاري تبديلي يا چرپر جا آثار ئي نه ٿا ڏسجن. پير، مير، پيپلا ۽ ٻيون ڌريون کهڙا ڪرتب ڏيکارن ٿيون. هر ڪو پنهنجي پيٽ پرڻ جا جتن پيو ڪري. عام سنڌي جيڪو ٻوڏن/ مينهن ۽ مهانگائي

هٿان، اڌمئو ٿي چڪو آهي، انجو ڪنهن کي الڪو ئي ناهي. ٽلهو چئنلن تي ڄاڙي پئي لڳي، 'تبديلي، تبديلي.'

ڊاڪٽر رسول ميمڻ جي 'ڏور' سچ ته سنڌي ثقافت جو پراڻو منظرنامو آهي، جنهن کي هن ڏاڍي وندرائيندڙ نموني سان پيش ڪيو آهي. انبالوي ڇوڪري کي ماريندڙ جو نالو، وڏي فنڪاري سان لڪائي ويو آهي. هر حادثو اڄ به ماضيءَ جيان لڪايو وڃي ٿو. شڪر ٿيو جوان مامري تي 'ڪميشن' نه ويهاري ويئي، پير عبيد راشدي جي ڪهاڻي، هڪ علامتي ڪهاڻي آهي. ۽ ڏاڍي بي مثال ۽ خوبصورت ڪهاڻي آهي.

'ڪوهيڙو' سنگت 2012 جي ڪهاڻي نمبر ۾ ڇپيل آهي. پر 'سنگت' ۾ شايع ٿيل ڪهاڻي ۽ هن ڪهاڻيءَ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. ٻوليءَ جو مڪالمو ۽ ڪردارن جو نيت ورڪ مشاقيءَ وارو ۽ ڇرڪائيندڙ آهي.

"وجود جي بيزاري، خود فرد جي پيدا ڪيل آهي... ماڻهو جيڪڏهن ڪشادي ذهن ۽ وسيع دل سان سوچي ۽ حالتن جو تجزيو ڪري ته مونجهارا نبري سگهن ٿا."

يا فلئش بئڪ ۾ ناهيد جو مڪالمو، "خوشگوار ۽ خوبصورت زندگي، چپن تي مرڪ سجائي خاموشيءَ سان ئي گذاري سگهجي ٿي." 'آغا' جو ڪردار پڇتائي جو شڪار هوندي به، فطري محسوس ٿئي ٿو.

حيسب ڪانهيو، ڪٿي 'حسيب آهي. ۽ رڳو اوهان وٽ 'حيسب' آهي. ڏاڍو تڪڙو ۽ سٺو پيو لکي. 'ڊيٿ اسڪواڊ جو الڪو' حالتن موجب سٺي ڪهاڻي آهي. منصور ٻرڙو صاحب کي پورهئي جي سخت ضرورت آهي. رئوف ڪوسي بنهه ٿوري عرصي ۾ سٺيون ڪهاڻيون لکي شهرت ماڻي آهي. 'يوٽرن' واقعي 'پاڪستان پائنده باد' تي تکي طنز آهي. سماجي تضاد کي ڊاڪٽر صدف سهڻيءَ ريت واضح ڪيو آهي.

شيام ڪمار جي ڪٿا، هڪ دانشور جي ٻوڙهي ڪٿا آهي. اترادي لهجي جي رس، ڪٿا کي وڌيڪ زيبائتو بڻائي ڇڏيو آهي.

شاعريءَ ۾ اوهانجو ننڍو نظم، 'هن جي نالي...' رومانوي ۽ جمالياتي شاعريءَ جو تجريدي مظهر آهي. امر ساحل، نسرين الطاف، گلزار، امير ميرواهي، عارف خليل سومرو، ولي ٽڳڙ ۽ مصطفيٰ انڙ جي شاعري ۾ تازگي آهي.

'جي مارن مونڊي موڪليا' ۾ اوهان سنڌي ادب جي تاريخ لاءِ ڪچو مال پيدا ڪري رهيا آهيو. اوهانجي جرئت تي سلام.

## رضا لانگاهه، مورو.

اوهان کي 'سوجهرو' مئگزين جي پندرهين سالگره سان گڏ پندرهن سالن جي ڪٺن ادبي خدمت وارو سفر مبارڪ هجي. ان ادبي پورهئي ۾ اوهان ڪيتريون تڪليفون ۽ بي واجبيون سٺيون هونديون. ان کي اوهان ئي سمجهي سگهو ٿا. انهيءَ سفر دؤران پاڻ سان گڏ پنهنجي ست کي سنڀالڻ، هر هڪ پرچي جي مواد تي ڌيان ڏيڻ ۽ سوديباري نه ڪرڻ وارو ڪم اوهان جهڙو عالم اديب ئي ڪري سگهي ٿو. اهڙي خوبصورت ڪاميابي ماڻڻ تي جيترو داد ڏجي اهو گهٽ آهي.

جنوري 2013 واري ماهوار 'سڳنڌ' جي پرچي ۾ صفحي نمبر ڏهه تي اوهان کان انٽرويو دؤران آتم ڪٿائن بابت سوال ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ اوهان جواب ڏيندي چيو آهي، 'آتم ڪٿا اصل ۾ هوندو ئي ڪوڙ آهي. اهڙو ڪوڙ جيڪو توهان پير ڪوڙي ڳالهايو. آتم ڪٿا ڪنهن به سچي ناهي لکي! ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪريم بخش نظاماڻيءَ جي ڪٿا (ڪي ئي ڪتاب) ماسٽرپيس آهي. باقي ٻيون ڪهاڻيون (ڪٿائون) نصابي آهن."

اوهان کي ياد هوندو ته اوهان ليڇمڻ ڪومل جي آتم ڪٿا، 'وهي ڪاتي جا پنا' جي عنوان سان ڪافي سالن تائين 'سوجهرو' ۾ ڇاپيندا رهيا، جنهن کان پوءِ اوهان ان آتم ڪٿا کي ڪتابي صورت به ڏني. جڏهن ليڇمڻ سان ناراضگي (؟) ٿي ته ان کي 'لَچُو لباڙيءَ' سان گڏ 'ڊاڙي'، 'ڪوڙو'، 'فريبي' ۽ 'ٺگ' جهڙن لقبن سان نوازي ڪيس خوار ڪيو ويو. ان جي پويان کهڙو منطق هو. ان جي اوهان کي ئي خبر هوندي؟

هن وقت شيام ڪمار جي آتم ڪٿا، 'پاتم جهاتي جهان ۾' جون پنجويهه قسطون هلائي چڪا آهيو... جڏهن اوهان آتم ڪٿائن کي ڪوڙ ٿا سمجهو يا اهو چوڻ ته آتم ڪٿائون جيئن لکيون وڃن ائين لکيون نٿيون وڃن!! پوءِ پنهنجي معياري ادبي رسالي، 'سوجهرو' ۾ اهڙي ڪوڙ کي ڇو ڇاپي رهيا آهيو؟ اها کهڙي مجبوري آهي جنهن اوهان جهڙي ارڏي انسان کي مجبور ڪيو آهي؟ رهيو سوال ڪريم بخش نظاماڻي جي آتم ڪٿا جو، ان ۾ ڪتب آندل ٻوليءَ جي اوهان تعريف ڪندي ڪيس ماسٽرپيس سڏيو آهي. اهڙي خوبصورتي کهڙي ڪم جي جنهن ۾ ادب، اخلاق ۽ سيرت نه هجي.

*(پيارا لانگاهه،*

*9 سال پوئتي ڏکي ويو آهي، اهانجو خط. عرض آهي ته آئون عالم ناهيان. عالمن جي پيرن جي پٽيءَ جي برابر به نه. پر علم/ادب ۽ نئين ڄاڻ کي عام پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي جاکوڙ ضرور ڪئي اٿم. سوڀ/مڃتا 'ماڻڻ يا ڏيڻ' واري سرت اسان جي جهڪي ٿي چڪي آهي. ان لاءِ ڪڏهن سوچيو به نه اٿم. پر پنهنجي جوابداري پوري ڪرڻ ۾ رُڌل آهيان. صلي ۽ شاباس لاءِ اوسيئڙو ڪيڏڻ جو ٻڙو (نئين ڄاول ٻار جي پهرين خوراڪ) امڙ وڌو ئي ڪونه!!*

*منهنجي خيال ۾، هر اها آتم ڪٿا، جيڪا هممعصر عهد جي پرسيڪٽو ۾ قلمبند ڪئي وڃي ٿي اها هر صورت ۾ تجزئي هيٺ اچيو پنهنجي اصلي هيئت مِتن ۽ قلبِ ماهيت کي نمايان ڪيو، سچ ۽ ڪوڙ جي وچواري تفريق کي ظاهر ڪيو ڇڏي ٿي.*

*اوهان جنهن صاحب لاءِ، منهنجي پاران ڏنل منفي لقبن (اصل ۾ اهي پارتي اديبن جا ڏنل هئا) جو ذڪر ڪيو آهي، ان جي پويان هڪ طويل عرصي جي روحاني ۽ ذهني پيڙا شامل آهي. اهڙي نوعيت جي عذاب سهڻ لاءِ آئون ڪالهه به تيار ۽ مستعد هوس. ۽ اڄ به تيار آهيان. ڇاڪاڻ ته ادبي صحافت ڪندڙن جو سيج آهي. ۽ اديبن سان وهنوار تارازيءَ ۾ ڏيڏرن تورڻ جي برابر آهي.*

*هڪ غير معروف ۽ هند ۾ خراب شهرت رکندڙ چلتي پرزي شخص جي تجربن کي سوجهرو جي*

يقين جو غم سے عظيم تر ہے۔

نصير سومري پاران منهنجي علامہ اقبال سان منسوب ڪيل جملي تي تبصري جي حوالي سان عرض ته مونکي ڪجھ هفتا اڳ پنهنجي هڪڙي ڪتاب پڙهڻ جي شوقين دوست ٻڌايو، 'ڊسڪوري آف انڊيا' نهروءَ جي آتم ڪهاڻي نہ آهي. مون اِهو ۽ نهروءَ جا هڪ ٻہ ٻيا ڪتاب، جن جا نالا ڪڏهوڪر وسري ويا اٿم، پنهنجي لاڙڪاڻي ۾ رهائش جي زماني ۾ (1967 ڪان 1978) ۾ ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي ذاتي لائبريري مان اڌارا وٺي پڙهيا هئا، ۽ اقبال سان منسوب ڪيل جملي جو حوالو گهٽ ۾ گهٽ 34 ورهيہ اڳ جي يادگيريءَ تي ٻَڌل هو. سو ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي حافظي مون سان ڪا ڪيڏ ڪيڏي هجي.

(3) ناز سنائيءَ جي خط ڏڪويو جو ان جو مقصد سراج، محمد ابراهيم جويي، پير حسام الدين راشديءَ، جي.ايم. سيد، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ تاج جويي جهڙين سنڌي ادب ۽ ساڃاهہ ڪي تمام گهڻو ڏيندڙ شخصيتن ڪي لوئڻ نظر آيو. ڇا سنائي صاحب هيٺين سوالن جا جواب ڏيڻ پسند ڪندو؟

(الف) پروفيسر علينواز جتوئيءَ پنهنجي اها راءِ تہ سراج جو 'سنڌي ٻولي' ڪتاب 'ڪهڙي ليڪڪ ۽ عالم جي ڪتاب جو الٿو' آهي ڪڏهن ۽ ڪٿي ظاهر ڪئي هئي ۽ ان ليڪڪ ۽ عالم جو ۽ سندس مذڪور ڪتاب جا نالا ڇا ڄاڻايا هُئائين؟

(ب) ڇا ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو 'سنڌو' ۾ ڇپيل تنقيدي مضمون مٿين الٿي واري الزام ڪان ٻہ وڌيڪ سخت هو جو سراج روئڻ، ڪتاب تان هٿ ڪڻڻ ۽ جويي صاحب جي معرفت سائين جي.ايم. سيد ڪان ڪيرت ڪي سفارشي خط لکرائڻ تي مجبور ٿي ويو هو؟ ڇا سنائي صاحب اهو مضمون پاڻ پڙهيو هو؟

(د) سائين جي.ايم. سيد جي ڪيرت ڏانهن خط جي، توڙي ڪيرت جي جوابي خط جي جيڪا عبارت ڏني وئي آهي، تنهن مان ڇا اهو سمجهجهي تہ سائين پنهنجو خط موڪلڻ ڪان اڳ يا ان جو نقل پوءِ ۽ ڪيرت جو جواب ٻئي سنائي صاحب ڪي پڙهايا هئا؟ جي ها تہ ڇا سنائي صاحب سائينءَ ڪي ڪَنَ ۾ سرٻاٽ ڪرڻ جيترو ويجهو هو؟ جي نہ تہ پوءِ سنائي صاحب ڪي ڪيئن خبر پئي تہ اهڙي ڪا لکپڙهہ سچ پچ ٿي هئي ۽ ان ۾ اهوئي لکيل هو، جيڪو هن ڄاڻايو آهي؟

(هہ) سراج ڪڏهن ۽ ڪِٿي ان ڪتاب تان هٿ ڪڻڻ جو اعلان ڪيو هو؟ گهٽ ۾ گهٽ مونکي ڪنهن اهڙي اعلان جو پتو ڪونهي، ۽ وڏي ڳالهہ تہ اهڙي اعلان جو هوندي سنڌي ٻولي اختياري ان ڪي وري ڇپائڻ ۽ ان جو انگريزي ترجمو ڪرائڻ جو سوچي بہ نٿي سگهي؟

(د) ڇا س.م. لاهوتيءَ طرفان سائين جي.ايم. سيد ۽ قوم پرست تحريڪ خلاف الزام برحق هُئا جو نہ سائين پاڻ نہ سندس پيروڪار انهن ڪان اڃا تائين جان نہ ڇڏائي سگهيا آهن؟ ڇا سنائي صاحب انهن 'اجاين ۽ هٿ نات الزامن' جي اپٽار ڪندو؟

(ز) ڇا سنائي صاحب پاڻ ٽنڊي تي موجود هو، جڏهن پيٽي صاحب سراج ڪي سائين جي.ايم. سيد ۽ قومپرست تحريڪ خلاف 'پنڊٽي' ٻارن جو ٽاسڪ ڏنو هو، جڏهن پيٽي صاحب سنڌي اخبارن، رِسالن ۽ ڪتابن تي بندش واري لسٽ سراج ڪان ٺهرائي هُئي، 'جنهن جو ذڪر پوءِ ٺهيل ڪاميٽيءَ ۾ ٿيندو رهيو تہ سراج صاحب فلاڻن ماڻهن سان ذاتي وير پاريو آهي؟' ۽ جڏهن پير علي محمد راشديءَ اها لسٽ (سراج جي هٿ اکرن واري) سائين جي.ايم. سيد ڪي فراهم ڪئي هئي؟ جي نہ تہ پوءِ وٽس انهن دعوائن جي ڪهڙي ثابتي آهي؟

پيارا تاج، توکي بہ نماڻا عرض: (1) ناز سنائيءَ جي خط ۾ ڄاڻايل ڪيئي شخصيتون گذاري ويل آهن، ڇا سندن خلاف لکٽيون بنا ايڊٽ ڪرڻ جي ڇاپڻ 'سوجهرو' جهڙي ادبي ۽ فڪري رسالي ڪي سونهي ٿو؟ جي مٿن تنقيد ڪرڻي ئي آهي تہ سندن ادبي ۽ فڪري ڪردار جي حوالي سان ڪرڻ جڳائي، جي شخصي حوالي سان بہ ڪرڻي هجي تہ اها بہ تهذيب جي دائري اندر رهندي ڪئي وڃي. (2) مون مٿي جيڪو فيض جي نظم جو ٽڪرو نقل ڪيو آهي، تنهن ۾ مٿان ڪا ڳڙٻڙ ٿي هجي، سا ڀلائي ڪري نيڪ ڪري ڇڏجانءِ ۽ ها، تو مون ڪي توهان/اوهان سان مخاطب ڪرڻ ڪڏهن ڪان ۽ ڇو شروع ڪيو آهي؟

(توهانجي سوالن جا جواب ناز سنائي ضرور ڏيندو. پر پيارا ياءَ، ذاتي طور هڪ ٻي سان ڪيڏي بہ پنهنجائپ ۽ گهاٽائي ڇو نہ هجي، پر اصولي طور ڪنهن فورم تان ڳالهائيندي، اخلاقي ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ ڪي ضرور آڏو رکڻ گهرجي.

ناز، ڪنهن بہ بزرگ يا دوست لاءِ گُٿا لفظ ڪتب نہ آندا آهن. البتہ هن جنهن اگهاڙي طرِيقي سان واقعا ڏنا ۽ ٻُڌا آهن، انهن ڪي جيئن جو تيئن ڪُروڊ فارم ۾ بيان ڪيو آهي. سراج صاحب جنهن زماني ۾ پروفيسر چڪڀاڻي جي سنڌي ٻولي ۽ انجي نظريي بابت انگريزي ڪتاب جو الٿو ڪري ڇپايو هو، انهن ڏينهن ۾ اوهان ادبي دنيا مان غائب هئا. اهو 'دمادم' وارو دور هو. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي مضمون وارو رسالو ڊاڪٽر بلوچ صاحب مرحوم جي ڪتبخاني مان هٿ ڪري تصديق ڪري سگهو ٿا. ان دور ۾، سي ماهي مهراڻ ۽ ڪجھ ٻين پرچن ۽ اخبارن ۾، مرحوم ڊاڪٽر جتوئي، ڊاڪٽر بلوچ، الانا صاحب ۽ سراج صاحب جي وچ ۾ 'ڪر سوال وٺ جواب' وارو سلسلو بہ هليو هو. ۽ چڪڀاڻي جي ڪتاب تان ورتل، سنڌي ٻولي جي بڻ بڻياد بابت، سراج صاحب جي ڪتاب وڏي ڪنٽراورسي پيدا ڪئي هئي. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب بہ شايد ان ۾ ڀرو ورتو هو. ڪانئس سربستو احوال معلوم ڪري سگهو ٿا، الانا صاحب بہ ڪنهن حد تائين ٻولي بابت ڊاڪٽر بلوچ جي نظريي جي پيٽ ۾، سراج صاحب جي چوري ڪيل نظريي ڪي ويجهو هو. يا ائين نہ بہ هجي. پر هو ان سموري منظرنامي جو مصدقہ گواهہ آهي.

گهڻو گهڻو پوءِ، ڊاڪٽر ثمرين شيخ صاحبہ، سوجهرو ۾، سراج، آغا سليم، غلام نبي مغل، قمر شهباز، امرجليل ۽ ٻين ڪيترن ئي (هن امرجليل جي مشهور ڪهاڻي، 'اروڙ جو مست' ڪي مليشيائي ڪهاڻي جو الٿو ڪوٺيو هو) سينئر اديبن تي 'چورين' جا احوال شايع ڪرايا ها. اوهان ڪي الائي ڇو ياد ناهي؟ ثابتيون هاڻي ٻيا گهرو؟ ڪي ڳالهيون، واقعا، حادثا، چرچا-گهٻا اهڙا بہ ٿيندا آهن، جيڪي لکت ۾ نہ هوندا آهن. پر 'سيناگزيٽ' ذريعي، اهي معاشري ۾ گردش ڪندا رهندا آهن، هيانءَ جي سچائي ۽ سچائي سچ تہ ثبوت نہ ملڻ ڪري، منطقي طور رد ضرور ٿيندي هوندي. پر آڏو وارو منظرنامو انجي صداقت تي عوامي مهر هڻي ڇڏيندو آهي. مونکي ذاتي طور ڄاڻ آهي ڪتاب، 'سنڌي ٻولي' سراج صاحب پريس مان ڪٽائي گم ڪرائي ڇڏيو هو. انجو لکت ۾ مون ڪان ثبوت گهرندا؟ يا ان وقت جي ڇتڪتائي واري ماحول ۾ سراج صاحب توهان يا مون ڪان پڇي ۽ اعلان ڪري ڪتاب گم ڪري ها؟ ادبي چوريون، ڦرمار، اڌاکري ماڻهن جو 'اعليٰ ادارن' ۾ ويهي جاوا ڪرڻ جو احوال، 'سوجهرو' ۾ ئي اچڻ گهرجي، جيئن آئيندي جو نقاد يا ڪو سڄاڻ محقق، فڪري مغالطن ۽ اديبن جي تضادن ۽ ٽڪي پئسي تي سنڌ دشمن قوتن جي پويان تغمن، ٻلن ۽ سُندُن لاءِ پڇ لٽڪائو ٿي هلڻ يا ڪنهن پراڻي ڪَتاب جو 'پاٺو' بدلائي، ڇٽاپيٽي ۾ مشروط طور (رشوت) پيش ڪري انعام وٺڻ وارا قصا ۽ ڪهاڻيون موجود آهن. ڪهڙي ڪهڙي مامري جو ثبوت گهرندا؟

ڪي ڪي عادتون ماڻهوءَ جي اَڌ ۾ هونديون آهن. سراج صاحب جي پيڻ محترمہ فهميده حسين جو ڪتاب، جيڪو 1997 ۾، 'ادبي تنقيد: فن ۽ تاريخ' جي نالي سان شايع ٿيو. اهو ڪتاب Piracy (چوري) ۽ Plagiarism (نڪ جي پڪائي سان الٿو) جو زنده مثال آهي، جيڪو جميل جالبيءَ جي اردو ڪتاب، 'ارسطو سي ايليٽ تڪ' جي مختلف بابن ۽ انگريزي ادب جي مشهور نقاد P.Gurey جي هڪ طويل تنقيدي مقالي جو ترجمو آهي. ۽ اهڙي ڪتاب ڪي، ايم.اي جي ڪلاسز ۾ نصابي ڪتاب طور پڙهايو وڃي ٿو. ۽ هي اهو ڪتاب آهي، جنهن جو 2002 ۾ رڳو 'پاٺو' بدلائي، مرحوم احمد نديم قاسمي ڪي پنجن لکن جو 'ڪمال فن' ڏيڻ لاءِ سنڌي ووٽ (جيڪو فهميده صاحبہ ڏنو) جي رشوت ۾ سندس ڪتاب ڪي انعام ڏنو ويو. ان لاءِ بہ ثابتي ڏيان؟ ۽ 2002 جي ڇپيل نون سنڌي ڪتابن ڪي رد ڪيو ويو هو. چند ڏوڪڙن لاءِ اهڙي بي انصافي جائز آهي؟ يا اوهانجا ممدوح، جيڪي 'گهراڻي' سوڊو هڪ سياسي، لساني اقليت جي جتي چڪ ۾ ڪنيو هلن ٿا. يا اهي جيڪي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪئنٽونمينٽي ارهہ زورائي ڪي لوئين تہ ٿا پر ٻي پاسي وريو انهن جي 'ڪاساليسي' ۾ بہ وسان ڪين ٿا گهٽائين!! توهان اِن ڏس ۾ ڇا ٿا ارشاد فرمايو؟

سرڪاري ادارن ۾ ويٺل يا انهن سان لاڳاپيل، 'ڪير ڏيندڙ گابن' لاءِ اوهانجي ڪن لاٽار ۽ سافٽ ڪارنر بابت، آئون پنهنجي راءِ محفوظ رکان ٿو. ت- ب)

**شبانہ سنڌي، ڪراچي.**

زاهده تاج ابڙو جي ڪهاڻي مون اڳ بہ سنگت 2012ع جي ڪهاڻي نمبر ۾ پڙهي هئي. پر اها ساڳي ڪهاڻي، جڏهن اوهان وٽ شايع ٿيڻ لاءِ پهتي تہ اها نئين ۽ بهتر انداز سان شايع ٿي آهي. سنگت ۾ شايع ٿيل ڪهاڻي اجائي ڊگهي ۽ بي مقصد ڪهاڻي هئي. ۽ 'ڪوهيڙو' جي نالي سان سوجهرو ۾ شايع ٿيل ڪهاڻي بهتر ۽ بامقصد ڪهاڻي آهي.

**سچل پيٽي، سکر** (SMS).

"...
هڪڙي اٽڪاڻ تصور پويان
ڪيڏيون رولاڪيون ڪري ٿو موٽان
آئون تو لاءِ لڄان ۽ لوچيان..."

- واهہ، تاج واهہ. ■